# ٿرجي ٻولي

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
هدايت پريم

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد - سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جي جغرافيائي محاورن يا ٻولين جو مطالعو

سلسلي جو پنجون ڪتاب

# ٿر جي ٻولي

مصنف

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

هدايت پريم

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

سنڌ صوبائي ميوزيم، نيشنل هاءِ وي

حيدرآباد، سنڌ

۱۴۱۴ / ۱۹۹۴ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون : جنوري، ۱۹۹۴ع
تعداد : هڪ هزار

قيمت : ۴۰ روپيا

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ملڻ جو هنڌ :
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم, نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد ، سنڌ
۽
مرڪزي ڪتاب گهر نمبر: ۹۷۲
گل شاهه محلو، گاڏي کاتو
حيدرآباد ، سنڌ
پاڪستان

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽
اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري ڇپائي پڌرو ڪيو.

# پيش لفظ

سنڌ ۾ سنڌي ٻولي جُدا جُدا ڀاڱن ۾ ڳالهائجي ٿي، تنهن جي تفصيلي مطالعي جي ضرورت گهڻي وقت کان وٺي پئي محسوس ڪئي وئي آهي. اهڙي مطالعي سان هر ڀاڱي جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جي ڄاڻ حاصل ٿيندي جنهن سان استادن کي ان ڀاڱي جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ معصوم ٻارڙن جي ٻوليءَ جي پروڙ پوندي ۽ کين پڙهائڻ ۾ سولائي ٿيندي. هر ڀاڱي جي عوامي ٻوليءَ مان واقفيت حاصل ٿيندي، جنهن سان سماجي ڪم ڪندڙن، زرعي کاتي جي ڪامگارن ۽ ٻين ڪارڪنن کي ان ڀاڱي ۾ عوام سان هم زبان ٿي ڪم ڪرڻ ۾ سهوليت ٿيندي. وڏي ڳالهہ تہ هر ڀاڱي جي ٻولي لکت ۾ محفوظ ٿيندي جنهن سان سنڌي زبان جي لغات جو دائرو وسيع ٿيندو.

انگريزن جي دور ۾، سرڪاري طور تي هندوستان جي ٻولين جي لساني جائزي (Linguistic Survey of India) جي هڪ وڏي رٿا عمل ۾ آندي وئي جنهن جو سربراهہ جي. اي. گِريئرسن هو. ان رٿا هيٺ سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جو مطالعو جڻ ٻن پيٽين طور ڪيائون ۽ ان حيثيت ۾ اهو هڪ ساڳئي جلد(Volume III,Part- II) ۾ مرتب ڪيو ويو. ان کي بہ ڪافي عرصو گذري ويو، ۽ انهيءَ قسم جي ٻئي جائزي جي ضرورت انگريزن جي آخري دور ۾ محسوس ڪئي وئي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هڪ جامع رٿا هيٺ سنڌ جي مختلف ڀاڱن توڙي سنڌ سان لاڳو ٻين صوبائي علائقن ۾

سنڌي ٻولي جڻن ڳالهائجي ٿي تڻن ان جي مطالعي جي شروعات ڪئي وئي آهي. ان رٿا موجب هيٺين ٻارهن ڀاڱن ٻولين جا مطالعا ڪيا ويندا:

١. سِبي جي ٻولي
٢. ڪڇي - ناڙي جي ٻولي
٣.ماتيلي - اوٻاوڙي جي ٻولي
۴. ڪاڇي جي ٻولي
۵. لاسي ۽ ڪوهستاني ٻولي
٦.ماڇر،ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي
٧. ڪڇي - سنڌي ٻولي
٨. ٿري - ڍاٽڪي ٻولي
٩. اتراڏي ٻولي
١٠. لاڙي ٻولي
١١. ڪن خاص شهرن جي ٻولي
١٢. ڪن خاص قبيلن جي ٻولي

'ٿر جي ٻولي' هن سلسلي جو پنجون ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب ڇهن بابن تي مشتمل آهي: پنجن بابن ۾ ٿر جي مختلف محاورن ڍاٽڪي، پارڪري، سوڍڪي ۽ ٿري کي سهيڙيو ويو آهي. ڇهين باب ۾ انهي خطن جا پهاڪا، چوٽيون ۽ اصطلاح وغيره ڏنا ويا آهن. هيءُ ڪتاب سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي ٻن استادن ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ پروفيسر هدايت پريم ڳڏجي لکيو آهي جيڪو اميد ته موجوده دور ۾ هلندڙ سنڌي ٻوليءَ جي وڌيڪ کوجنا ۾ ڪارگر ثابت ٿيندو.

حيدرآباد، سنڌ
٢١ - جنوري ١٩٩۴ع

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
چيئرمين
سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

# عنوانن جي فهرست


| عنوان | | صفحا |
|---|---|---|
| مهاڳ | | ٧ |
| باب پهريون: | سنڌي ٻوليءَ جا محاورا | ٩ |
| باب ٻيو: | سنڌي ٻوليءَ جو ٽري محاورو | ٤٥ |
| باب ٽيون: | ڍاٽڪي محاورو | ٦٧ |
| باب چوٿون: | پارڪري محاورو | ١٠٤ |
| باب پنجون: | سرڪي محاورو | ١٢٠ |
| باب ڇهون: | ٿر جا ٻهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح | ١٢٥ |
| ضميمو (الف): | ٿر جا چونڊ لفظ | ١٣٧ |
| ضميمو (ب): | گريئرسن جي ڪتاب ۾ ڏنل ڍاٽڪي ٻوليءَ جا ٻه نمونا | ١٣٩ |
| ضميمو (ج): | شاهه جي رسالي ۾ سر ڍول مارو جا بيت ۽ وائي | ١٤١ |

# مهاڳ

”ٿر“ سنڌ جو هڪ خوبصورت علائقو آهي، هتي واريءَ جون ڀٽون بہ آهن تہ ڪارونجهر جبل بہ آهي، جيئن سنڌي ٻوليءَ ۾ اُهي ئي گڻ آهن جيڪي سنڌ جي رهواسين ۾ آهن. سنڌي ٻولي سنڌين جي عادتن ۽ اطوارن جي صرف عڪاسي ئي نہ ٿي ڪري پر سنڌين جي لطيف جذبن، احساسن ۽ امنگن جو ڀرپور اظهار ڪرڻ جي مڪمل سگهہ پڻ رکي ٿي، جهڙا منڙا ماڻهو هوندا هتان جا، اهڙي ئي منڙي ٻولي هُوندي اُتان جي. اهڙي طرح ٿر جي ٿڌي واريءَ جيان نرم نرم احساسن ۽ امنگن وارا ٿري لوڪ بہ پنهنجي ملڪ ۾ آهڙيون ئي ٻوليون ٻولين ٿا، جهڙا هو پاڻ آهن. ٿر جي اهڙين ٻولين جي لساني ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ جي بيحد گهڻي اهميت آهي. ان ڏس ۾ اسان جو هيءُ قلمي پورهيو، ڀھرين وک برابر آهي. ”سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري“ پاران ”سنڌي ٻوليءَ جي جغرافيائي محاورن يا ٻولين جو مطالعو“ جي سلسلي لاءِ ٿري ٻولي يا ٿر جي محاورن جو اڀياس هن ڪتاب ۾ پيش ڪريون ٿا. سموري ٿر ۾ سنڌي ٻوليءَ جو محاورو رابطيءَ جي ٻولي "lingus franca" طور رائج آهي، ٿر جا ٿري لوڪ سنڌي ٻولي بخوبي ڳالهائي سگهندا آهن، سمجهي سگهندا آهن ۽ لکي پڙهي بہ سگهندا آهن. ٿر ۾ سنڌيءَ کان علاوه ”ڍاٽڪي“ بہ رائج آهي. ٿري عوام ۾ ڍاٽڪي بہ ايتري ئي مقبول ۽ معروف آهي جيتري سنڌي، ڍاٽڪي هڪ محاورو آهي يا هڪ مڪمل ٻولي آهي؟ هن ڪتاب جي ٽئين باب ۾ اهڙن سوالن تي بحث ڪيو ويو آهي، پارڪر جي ٻولي پارڪري پڻ سنڌي ٻوليءَ جي

ايترو قريب اچي چڪي آهي، جو اسين چئي سگهون ٿا تہ پارڪري هاٽي گجراتيءَ جي پيٽ ۾ سنڌيءَ سان گهڻو گهرو سنبنڌ رکي ٿي.

تر جي پهاڪن، چوڻين ۽ اصطلاحن کي گڏ ڪرڻ جي اهميت کي محسوس ڪندي، هت اسان چند پهاڪا ۽ چوڻيون ڏئي سگهيا آهيون. جن تي وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهڙي طرح تر جي جامع لغت پڻ ترتيب ڏيڻ گهرجي، جيڪا وقت جي هڪ اهم ضرورت آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو — جامشورو

هدايت پريم — ٢-جنوري ١٩٩۴ع

# باب پهريون

## سنڌي ٻوليءَ جا محاورا

**معياري محاورو:** اهو هاڻي مڃجي چڪو آهي، تہ دنيا جي هر ٻولي (Language) اچارن جي فرق، جملن جي صرفي ۽ نحوي اختلافن سبب ڪيترن ئي محاورن (Dialect) ۾ ورهايل هوندي آهي، ڪا گهٽ ۽ ڪا تورن ۾، فقط ڪي ٿوريون ٻوليون اهڙيون هونديون آهن، جن ۾ ملڪ جي هڪ ڇيڙي وارو ٻئي ڇيڙي جي ٻولي (محاورو) سمجهي سگهندو آهي. ان ڏس ۾ چيني ٻوليءَ جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. جنهن جي لکت بلڪل ساڳي، پر اچار ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق ملندو. چيني ٻوليءَ جو معياري / پيڪنگ محاورو حروف سُرن جي چٽائيءَ سبب نہ رڳو چين بلڪ چين کان ٻاهر رهندڙ هر چيني سمجهي سگهي ٿو، پر ڪينٽن (ڏکڻ چين) وارو محاورو اتر، وچ، اوڀر چين ۽ دور دراز ڪير بہ ڪونہ سمجهندو. چين جو معياري محاورو ملڪ جي اتر (پيڪنگ) ۾ آهي پر سيني ٻولين سان اهو معاملو نہ آهي.

معياري محاورو اهو ڄاتو ٿو وڃي جو هر ڪنهن لاءِ سمجهڻ جهڙو، چٽو ۽ علمي هجي. پروفيسر رابنس (Robins) معياري محاوري لاءِ هي خيال ظاهر ڪيو آهي تہ: ”معياري محاوري (Standard dialect) جي اصطلاح مان ڪا بہ غلط فهمي نہ ٿيڻ ڪپي. اهڙا گفتگو جا طريقا تشابهتي طور محاورا هوندا آهن بلڪل ٻين محاورن وانگر، جن کي جيڪر سماجي ۽ سرڪاري طور محدود

ڪجي ۽ گهٽ بيان ڪجي: ( جن جي مقابلي ۾) پسند پيل ايراضيءَ وارن محاورن کي اهميت ڏجي ٿي. اهو خيال انهن جو آهي جيڪي معياري محاورو ڳالهائين ٿا. جي ٻيا محاورا گهٽ آهن، جن کي گهٽ درجي وارا ڳالهائين ٿا، (١). معياري محاورو حقيقت ۾ پراڻو نه هوندو آهي پر مڪاني محاورن سان ڪن تاريخي اهميت جي حالتن هيٺ اسرندو آهي (٢). معياري محاوري (Standard dialect) جي اصطلاح کي به گهٽو ڪم آندو ويو آهي. اڪثر ٻولين جي محققن ٻين ٻولين کي به پنهنجو محاورو ثابت ڪرڻ لاءِ دليل ڏنا آهن: جيئن پنجابي ٻوليءَ جي محاورن ۾ سرائڪي ٻوليءَ کي به ڳڻڻ جي ڪوشش اڄڪلهه عام طور تي رهي آهي. ٻولي ۽ محاوري جي فرق بابت رابنس هڪ فارمولو ڏنو آهي جنهن ۾ ٽي نڪتا آهن: پهريون نڪتو ٿي محاوري ۽ زبان جو فرق واضع ڪري ٿو، اهو هي ته هڪ ٻوليءَ جا اهي نمونا، جيڪي مختلف آهن، پر ڪنهن خاص نوعيت کان سواءِ ٻي ايراضيءَ ۾ ماڻهو سمجهن ٿا، انهيءَ حساب سان انگلنڊ ۾ انگريزي جا مختلف نمونا انگريزيءَ جا محاورا آهن ۽ ويلش، آئرش ۽ اسڪاٽش گڏلڪ مختلف محاورا آهن (٣).

**سنڌي ٻوليءَ جا محاورا:** جڏهن اسان کي سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءِ اڄوڪي سنڌ جي جاگرافيائي سرحدن کان ٻاهر به نظر اچي ٿو ته ان جو سبب اهو ٿي آهي ته پراڻي سنڌ جون سرحدون اوڀر، اتر، اولهه ۾ وسيع هيون. موجوده سرحدن جي هن پار به اڪثر خطن ۾ سنڌي ٻولي جا اڪثر محاورا رائج آهن، جيڪي اتي جي مڪاني ٻولين جي اثر هيٺ آهن. بلوچستان ۾ فراڪي ۽ کيترائي، گوادري ۽ جدگالي، اورمائي، لاسي ۽ ماڇڪو سنڌي ٻوليءَ جا مکيه محاورا

آهن، جن تي اچان پورو ڪم نہ ٿيو آهي اهي آهن: ڪڇ ۾ ڪڇي محاورو، گجرات ۾ ڪاٺياواڙ (هاڻي سنڌ ۾ بہ) ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻي محاورا ۽ سرائڪي ايراضيءَ ۾ ماڇڪو ۽ ٻيا ننڍا محاورا موجود آهن. ان ڏس ۾ پهريائين اهم وڏن محاورن جو ذڪر ڪبو. سنڌي ٻوليءَ جا اهم محاورا هي آهن:

١. سريلو، ٢. وچولو، ٣. لاڙي، ۴. ٿري، ۵. لاسي ۽ ٦. ڪڇي.

## محاورن جو لسانياتي جائزو:

سريلي سنڌي: ٻوليءَ جو هڪ اهم گهاٽي ايراضيءَ تي محيط محاورو آهي، ان ۾ ڪنهن بہ ٻئي وڏي محاوري وانگر ننڍا محاورا (Sub-dialect) سمايل آهن. ڀيرومل جي چوڻ موجب "خيرپور رياست کان وٺي اٻاوڙي تعلقي جي ڇيڙي تائين سيوهڻ دادو کان وٺي سڄو لاڙڪاڻو ضلعو، ٺوڙي شهداد ڪوٽ ۽ جيڪب آباد وارو پاسبو ڪشمور تعلقي جي ڇيڙي تائين سرو آهي اتي جي ٻولي سريلي آهي" (۴). ٽرومپ جي حوالي سان هو لکي ٿو تہ: "سريلي ٻولي جا اُچار چٽا آهن (۵)، چٽن اچارن مان مراد آهي تہ سر – آواز نمايان آهن ۽ پوري ريت ڪڍيا وڃن ٿا.ان جي وضاحت اها آهي تہ اتر (سري) ۾ چئبو "چيائون" تہ لاڙ ۾ ان جو اچار ٿيندو: چئون يا چيئون، اڳتي ٻين مثالن مان بہ واضح ڪنداسين. اتر (سري) جي محاوري ۾ لاڙ جي محاوري جي مقابلي ۾ هڪ هي فرق آهي جو سري ۾ "آ" يا " اَ" جو سر آواز ٿري لاڙ طرف جي محاوري ۾ "اِ" يا "اِيْ" ٿئي ٿو. مثلاً:

| سرو | لاڙ | سرو | لاڙ |
|---|---|---|---|
| جَن | جِن | جاتي | جِتي |
| تَن | تِن | تاتي | تِتي |
| ڪَن | ڪِن | ڪاتي | ڪتي |

پيرومل لکي ٿو تہ: جنهن، تنهن ۽ ڪنهن جي پهرئين حرف تي زير آهي ۽ جمع ۾ جَن تَن ۽ ڪَن تي بہ زير اچي ٿي ۽ انهي ڪري اتر جو اچار صحيح آهي (٦). پر پيرومل جو اهو لکڻ صحيح نہ آهي تہ اتر ۾ جيڪو جاڏي، ڪاڏي ۽ تاڏي چيو وڃي ٿو ان جو لاڙي اچار جيڏي، ڪيڏي ۽ تيڏي آهي (٧). حقيقت ۾ لاڙ ۾ جيڏانهن، ڪيڏانهن ۽ تيڏانهن چيو ويندو آهي. اڪثر اوسرگ ڪري جيڏان، ڪيڏان ۽ تيڏان بہ چون ٿا، جيڏي، ڪيڏي وغيره بہ ڪٿي اتر ۽ وچولي ۾ ڪم اچي ٿو. سريليءَ ۾ ڪن حزوف صحيح ۾ "ر" جو آواز ملـيـل آهي مـثـال: ڊ - ڊر ٿ - تـر ۽ ڏ - ڏر تحـريـر ۾ صورتخطي ساڳي رهي ٿي پر جي اچار موجب لکجي تہ ڊپ بدران ڊرپ، ڪٿ بدران ڪٽر.

ڪي حروف صحيح هڪٻئي سان تبديل ٿين ٿا. اڪثر ڳالهائڻ وارن کي ان جو احساس ڪونہ ٿو ٿئي. پر اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ اڪثر اتر جا ماڻهو "ش" ۽ "چ" کي پاڻ ۾ تبديل ڪري ڇڏين ٿا، جيئن:

| | |
|---|---|
| شڪارپور | چڪارپور |
| ميچي | مشي |
| ميچر | مشر |
| چورو | شورو |

سري، جي محاوري ۾ عدد جمع ”آن“ ملائڻ سان ٺهي ٿو. لاڙ
”اون“ ملائڻ سان، مثال :

| واحد | جمع (لاڙ) | جمع (اتر) |
| --- | --- | --- |
| ڪارڪ | ڪارڪون | ڪارڪان |
| تنگ | تنگون | تنگان |

”آن“ پڇاڙي فارسي، پنجابي ۽ سرائڪي وغيره ۾ اچي ٿي.
ٻيو ته اتر (سري) جي ٻولي ۾ لفظن جي پڇاڙي ۾ حرڪت پيش (ُ)
جي آهي. لاڙ يا ٻين پاسن ڏي لازمي طور زير يا ڪٿي ساڪن آواز
محسوس ٿيندو آهي. مثال:

| سرو | لاڙ |
| --- | --- |
| ويهُ | ويهه |
| گهرُ | گهر |
| اُٽُ | اُٺ |
| ڪَنُ | ڪَن |
| واڱڻُ | واڱڻِ |

حرڪتن جي آوازن تي پوري زور ڀوڻ ڪري لفظ چٽا ٿين ٿا.
سريلي محاوري جي اها خصوصيت لسانيات جي ماهرن پسند ڪئي
آهي. صرف نحو جي خصوصيت جي لحاظ کان سريلي جا ٻيا هيٺيان
نڪتا اهم ۽ الڳ آهن:

جنس : ڪي اسم جيڪي ٻين هنڌ مذڪر آهن سري ۾ اهي مونث
اسم آهن: جيئن رت نڪتي آهي، لاڙ طرف ائين ڪونه چئبو. اڪثر
اتر طرف ”اولاد“ به مونث طور ڪم اچي ٿو.

**ضميري پڇاڙيون:** سري ۾ آيس ۽ چوندس بدران چون "آيم" ۽ "چوندم."
**فعلن جون پڇاڙيون:** اتر ۾ ايندا سين جو اچار ائين ڪبو آهي جو "ايندا سي" معلوم ٿيندو.
**مضارع :** "ڪريان" جي "ر" سري ۾ نٽي اچارجي، ان جو اچار "ڪيان" ڪجي ٿو. مثال "مان ڇا ڪيان؟"
**زمان حال استمراري:** گرامر موجب "آءُ اچان پيو" چوڻ صحيح آهي، پر سري جي محاوري ۾ "آءُ اچان پيو ٿو" چون.
**زمان ماضي مطلق:** سري ۾ "هو وَيو" چئبو آهي. ڀيرومل جي چوڻ موجب زمان حال ۾ "وڃڻ" جي واو تي زير آهي ان ڪري ماضيءَ ۾ بہ زير قائم آهي، اهو وڌيڪ صحيح آهي.
**ماضي معطوفيءَ:** "ماني کايو اچان ٿو" بجاءِ چون "ماني کايون اچان ٿو"
**اسم مفعول:** ڳايو کي ڳاتو، پايو کي پاتو چون. اڪثر لفظن ۽ جملن ۾ سري جون خصوصيتون آهن.
**اسم تصغير :** ياء "ياٽڙا"، هٽي" هٽڙي" هونئن ٻين خطن ۾ بہ "ڙو" پڇاڙي سان لفظ آهن. جيئن : ٻارڙو، ننڍڙو، پر سري ۾ انهن جو هڪ تاثر آهي. سري جي ٻولي تي سرائڪيءَ جو بہ اثر آهي. ڪي خاص مقامي ۽ گهٽو ڪم ايندڙ لفظ بہ آهن :

| | |
|---|---|
| پوتار (سائين) | مانتو (مون چيو) |
| پٽڪي (پاٽي) | ٿوڪو (ٿويو) |
| ڪار (گم) | موزان (رمزون) |
| ڪاڪي (ڇوڪري) | بگي (گاڏي) |

هي فقط صرف نحو جا ڪجھ نڪتا آهن ۽ ڪن مخصوص لفظن

هڪ قسم جو توازن آهي. اتر ۾ لاڙ جا ٿورا ٿورا اثر آهن. سيوهڻ ۽ نوشهري جهڙا علمي مرڪز هن محاورن جي ٽيڪ رهيا. لاڙ ۾ چون "ڇيو آهيس،" اتر ۾ چون "ڇيو اٿس" ته وچولي ۾ چوندا "ڇيو اٿائين" هوندئن عام گفتگو ۾ سري جي محاوري سان هم آهنگ آهي.

وچولي جا ڪي خاص لفظ هي آهن:

لڳلڳو – لغلام ترٽي

ڏوڪڙ– پئسو

ڪوڙ – گهٽو

ڪاڪي ڀيرومل ساهتيءَ جا خاص اصطلاح هيٺيان لکيا آهن:

ڏيري جو ڪمي هئڻ (مفت ۾ ڪم ڪندڙ).

پنجوء جي پڻ ساڻ هئڻ (واجبيءَ کان وڌيڪ گهرڻ).

پنجوء جا پنج ڪٽڻ (ٻارهوئي ڪوٽ). (٩)

پهاڪا:

اول ڀيٽ پنجوءَ جو پوءِ ٻار ٻچا.

ٿلوءَ واٽئي رات وهاٽي، ڳالهين ڪندي ڳوٺي ڪاٽي.

اهڙي جٽ ڪيائين جهڙي ٻرڙي ڪئي ٻارن سان.

چٽي چنيجن جي پرڻ تي ڀيئي.

ٻرڙي پوي نه ٻاجهه، پر ۾ ٿو ياءُ مري.

ٻيو هرڪو اڇٽو وڇٽو، پمو ٽاٽائي. (١٠)

وچولي جي ٻوليءَ کي ٺيٺ ٻولي به چيو ويو آهي، ڇو جو ان ۾ لفظن ۽ جملن ۾ توازن آهي. هيٺيان چند جملا مون وچولي جي رهاڪن جي زباني ٻڌا آهن:

باغ وٺان لنگھندي ھون ڏٺو تہ ڪيترا وڻ سڪي ويا ھئا، سار سنڀال نہ ھئي، سڄو باغ اجڙيو پيو ھو.

پنھنجي ياءَ کي چئبو تہ سياٽي مون وٽ اچي.

ھو ڪالھہ ھيڏي آيو ھو.

لاڙي: حيدرآباد ۽ ٺٽو ضلعو عام طور لاڙ جا علائقا آھن. بدين ضلعو حيدرآباد ضلعي مان ٺھيو آھي. آئون اصل لاڙ جو رھاڪو آھيان. منھنجو ڳوٺ پير فتح شاھہ، تعلقو ۽ ضلعو بدين آھي. آئون تعليم جي سلسلي ۾ حيدرآباد، نواب شاھہ ۽ ٻين ھنڌن تي رھيو آھيان، پر پنھنجي ڳوٺ سان مسلسل رابطو رھڻ ڪري اتان جي ٻولي کان گھڻو واقف آھيان. اھو منھنجو ذاتي خيال آھي تہ جيڪڏھن سنڌي زبان کي ٻن بنيادي ۽ وڏن محاورن ۾ ورھائجي تہ اتر (سرو) ۽ لاڙ جا ٻہ وڏا محاورا آھن. ٻيا سڀ ننڍا محاورا انھن ۾ سمايل آھن. لاڙي محاورو ھڪ وسيع ايراضيءَ تي پکڙيل آھي ۽ ان ۾ ڪي ننڍا محاورا آھن. حقيقت ۾ لاڙ ھڪ ثقافتي ايڪو بہ آھي. لاڙ جي لفظي معنيٰ ”لڙيل“ يا ”ھيٺيون“ آھي. ڀيرومل ”لاٽ“ مان ”لاڙ“ ٿيڻ جو اندازو لڳايو آھي. جنھن سنسڪرت ۾ ”للاٽ“ مان سنڌي ”“نراڙ“ ٿيو، يعني تہ ”ٽ“ جو ”ڙ“ ۾ بدلجڻ. شاھہ عبدالڪريم بلڙي واري (١٥٣٨ـ ١٦٢٣ع ) ”ڏکڻ“ جي معنيٰ ۾ ڪم آندو آھي. پر ”لاڙ“ بدران ”لاھ“ چوي ٿو.

جي اُتر جي لاھ سڄڻ سڀ پرڪٺا
ري پانجي ڪنٺي، سير ٻري نہ باھہ.

لاڙ جي سرحد، ڏکڻ ۾ ڪڇ جي رڻ سان ملي ٿي، جيڪا ١٩٤٧ کان پوءِ بند آھي، نہ تہ مستقل رابطو ھو. ڏکڻ اولھہ ۾

سمنڊ آهي اتان کا لساني / محاوراتي سرحد نہ آهي. عام طور لاڙي محاورو معياري محاوري کان ڦريل آهي. لاڙي محاوري جا کي وينجن (Consonants) معياري محاوري وانگر نہ آهن، مثال ”گھر“ وسرگ کي اوسرگ کري ”گ“ اچارجي ٿو. جيئن ”گھر ۽ گھوڙو“ چوڻ بدران ”گر ۽ گوڙو“ اچارجي ٿو.

سڀ ڌوڪتا (Plosmes) وسرگ لاڙيءَ ۾ اوسرگ کري اچارجن ٿا. مثال طور :ڀ ڌ، ڍ،۽ جھ، کي ب، د، ڊ، ۽ ج کري اچارجي ٿو. لفظن جا مثال هيٺين آهن:

| | |
|---|---|
| ڍور | ڊور |
| ڀَت | بَت |
| ڌار | دار |
| جھوڪ | جوڪ |

ڀيرومل جي خيال ۾ اوسرگائي داردڪ ٻولين جي اثر سبب آهي.

گسڪيدار اوسرگ آوازن غ ۽ خ کي گ ۽ ڪ کري اچارجي ٿو. ف ۽ ڦ پاڻ ۾ بدلجن ٿا. فوٽو (Photo) کي چون ڦوٽو ۽ ڦلا کي چون فلا. اهڙي طرح اڪثر سر آواز ننديا ٿي وڃن ٿا. لفظن ۾ ان جا مثال هي آهن:

| معياري | لاڙي |
|---|---|
| ڪيائون | ڪئون |
| چيائون | چئون |
| سڏيائينس | سڏئينس |

کن لفظن ۾ معياري محاوري جي بلڪل اُبتڙ سر آواز وڌيل ملن ٿا:

| لاڙي | معياري |
| --- | --- |
| حجام | حجم |
| نراڙ | نرڙ |

لاڙي محاوري تي پاڙيسري محاورن جو اثر آهي. ان جون سرحدون اتر ۾ وچولي جي محاوري سان، اولهہ کان لاسي / ڪوهستاني محاوري سان، اوير کان تري ۽ اوير ڏکڻ ڪنڊ کان ڪڇي محاوري سان ملن ٿيون. ڪنهن بہ محاوري تي معياري محاورن جو اثر ٿيڻ مواصلات جي سبب آهي. معياري محاورو آهستي آهستي اثر انداز ٿي رهيو آهي. ريڊيو جو هن اثر ۾ خاص هٿ آهي. اڪثر لاڙي محاوري ۾ تلفظ جو بگاڙو ۽ ڪٿي صنعت تقليب ملي ٿي. جيئن لعنت مان نالت ونواهہ مان وناهہ، سُيون مان سيويون ۽ ڏهہ مان ڏوهہ.

ڪڇيءَ جو اثر لاڙ ۾ اڪثر ليندو . ڪڇيءَ وانگر لاڙيءَ ۾ بہ "ايندو" بدران "اچيندو" " ڪاڌو آهيم" بدران "ڪاڌم آهي" چون پيو بہ ڪيترو اثر ملندو، ان جو سبب ماڻهن جي اچ وڃ ۽ مٽي مائٽي آهي، اچارن جي هڪ جهڙائي:

| ڪڇي ۽ لاڙي | معنيٰ |
| --- | --- |
| ڏِڙهو / ڏَڙهو | بال – ڪينهون |
| ڳِتڙڻ ڳنهڻ | وٺڻ |
| سپ / سِپِ | سَپ |
| وڃڻ | وڃڻ |
| مِسيت / مسيت | مسجد |

| | |
|---|---|
| لِکَ وار | توري دير ۾ |
| ڦٽاڻو | ڦٽيو - زخمي ٿيو |

ڪوهستان ۽ ٿر جو ٻہ اثر لاڙي محاوري تي موجود آهي. مون ١٩٧٥ع ۾ پنهنجي ڪتاب "لاڙ جي لغات" ۾ محاورن جي اثر ۽ لاڙ جي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ بابت لکيو هو تہ: "سنڌيءَ ۾ اتيت ان ماڻهوءَ کي چئبو آهي، جيڪو سچو هجي. لاڙ ۾ هي لفظ عام ڪم اچي ٿو. جي ڪنهن ماڻهوءَ کي اولاد نہ هجي تہ ان کي نانگو چئبو. ڪو ماڻهو مسڪين نظر اچي تہ ان کي اٻالو چون، اهڙن لفظن جي معنيٰ جي فرق ۾ باريڪ بينيءَ سان نظر ڪبي، مثال طور: ڪاڏي پيتي جي طلب کي "بک ۽ اڃ" چئبو، حقي تماڪ جي طلب وقت "ٻاڙ" لفظ ڪم آڻبو. چانهہ جو ڪو ماڻهو گهڻو استعمال ڪري تہ ان کي چانهہ جو "ٻانڌاڻي" چئجي.

سنڌيءَ ۾ ڪاٺيءَ جي لڪڻ جو مثال وٺو تہ ظاهر ٿيندو تہ خاص طور لاڙي محاوري ۾ لڪڻ جا ڪيترائي قسم ۽ نالا آهن: "تلهڙ" اهڙي وڏي لڪڻ کي چئبو جيڪو تازو ڪپيل ۽ لچڪيدار هجي. سڪل ننڍو لڪڻ "ٻانٽو" سڏبو. چار مانِ پٽيل ننڍي ۽ سنهي ٻانٽي کي چامڪ چئبو. وري اڻ سوئيل لڪڻ کي ڇانيو چئبو، ٿلهو هجي تہ ڏُڪو چئبو، ڏڪي کي هڪ پاسي مٿو هجي تہ ان کي گهوٻاٽو چئبو. وڏو ڏڪو ڏنڊو سڏبو. ٻيا لاڳاپيل لفظ: چاٻڪ، مولڙو، مهريءَ، لٺ، سونٽو ۽ ڳن وغيره آهن (١١).

گرامر جي نڪتن جي لحاظ کان ڏسجي تہ لاڙ جي ٻوليءَ ۾ منفرد اچار ملندا. اڪثر لفظ جي تقليب بہ دلچسپ نموني ٿئي ٿي: ڊڄڻ کي ڄڊڻ ۽ ڊڄڻو کي ڄڊڻو چيو ويندو آهي.

اسم :

| | |
|---|---|
| ياقب | (يعقوب) |
| ماڙهو | (ماڻهو) |

ضمير :

| | |
|---|---|
| ائين | (اوهين) |
| توان | (توهان) |
| اوان | (اوهان) |
| آنجو | (اوهان جو) |
| تون جو | (تنهنجو) |
| مون جو | (منهنجو) |
| ڪينجو | (ڪنهن جو) |
| پانجو | (پنهنجو) |
| جين | (جنهن) |
| تين | (تنهن) |
| ڪچاڙو۔ | (ڇا) |
| ايڙو | (اهڙو) |
| جيڙو | (جهڙو) |

فعل:

| | |
|---|---|
| ويج | ويڄ |
| اهيان | آهيان |

مضارع:

| | |
|---|---|
| چَئان | چوان |
| ڪان | ڪانوان |
| وِڃان | وَڃان |

اهڙي طرح معياري محاوري ڪان تلفظ ۾ فرق گهٽو آهي. ڪي

مخصوص مقامي لفظ آهن:

ڀَٽون : (وچون) ڏار: (دال) اٽاٽو: سانڏاٽو (آچار)

مچڻ : (متان )، نڱارڻ ماترائڻ : ٿاڏارڻ (پرچائڻ ٻار کي )، آڏو (اوٽ ۾ )، واڇان (بيوقوف).

لاڙي محاوري ۾ مخدوم احمد ڀٽي، شاهه عبداللطيف، خواجہ محمد زمان، سانوڻ فقير، محمد خان ٽالپر، احمد ملاح، الهہ بچايو جوڻيجو، علي مراد چانڊيو ۽ ٻين ڪيترن شاعرن جو ڪلام جَڙيل ۽ جُڙيل آهي. هن هيٺ فقط ٿورين ٽن شاعرن جا ڪجهہ شعر ڏجن ٿا:

سڏ سٽي پرينءَ جو، وانگي جي نہ ورن
ڪوڙي دعوي دوست جي ، ڪچاڙي ڪي ڪن.

(مخدوم احمد)

گھوريان هي جهان، هو پڻ گھوري ڇڏيان
پلڪ پريان سان، جي مون سري جيڏيون.

(خواجہ محمد زمان)

ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو، مٿو اگھاڙو
منهنجو ڪچاڙو، پيئر هن پنيور ۾.

(شاهہ)

ننڊيو تان ڪوه، ڀر وکين آهي وترو
وجيو ڪاڪ ڪنڌين ۾، ڀهس ڀڪيءَ جئن ڀوءِ،
اِن ڪر سنڌو ڪوه، ميو مانو نہ ٿئي.

(شاهہ)

ايڪ قصر در لک، سهسين ڪٽس ڳڙکيون
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن سڄڻ سامهون.

(شاهہ)

وجو سپ موتي، آئين جي ورن واريون
ڪانہ هلندي ڪيچ تي، ڪريو مَ ڪوتي
ڪڍيم ڪا چوتي، وڌم جوڳ جتن سين.

(شاهہ)

مـاڙهو ڏيئي ميهڻا، مون کي ڪندا ڪوه
جو چوريءَ ۾ چوه، سا پٽون تيندي پير تي.

(شاهہ)

مـتو آهين مـڇ، تـلها تو تونا هٽين
تـوجا پـانئي اُڇَ، تنهن پاٽيءَ پتا ڏينهڙا.

(شاهہ)

**ٿـــري:** ٿري محاورو سنڌيءَ جو هڪ اهم محاورو آهي. لاڙ وانگر ٿر ۾ هڪ ثقافتي ايڪو آهي. لاڙي وانگر ٿري ۾ بہ اوسرگائي آهي، جنهن تنهن، ڪنهن ۽ ڪڏهن بدران جين، تين، ڪين ۽ ڪڏين چون. خاص اسمن کي اچارڻ جو بہ ٿرين وٽ پنهنجو طريقو آهي. آچار کي آچاريو، سومار کي سوماريو، هيرو کي هيريو ۽ بچل کي بچو يا بچايو چون. لاڙ جي مينگهواڙن ۾ بہ اهو طريقو رائج آهي. ضمير ۾ مون کي مين ۽ پنهنجو بجاءِ پانجو چون. صفتن ۾ لاڙ سان گهٽي هڪجهڙائي آهي. چڱو کي پلو يا ڪاشو (خاصو) چون.

**فعل:** ٿر ۾ فعلن جو پنهنجو هڪ سرشتو آهي جنهن ۾ هڪ تہ ساڳين فعلن جون مڪاني صِورتون ناهجن ٿيون. بيو ڪي فعل مڪاني آهن. پهرئين جو مثال هي آهي جو ماضيءَ جي صيغي ۾ اڏيو، پڏو، اگهيو، ماريو، ڦٽيو وغيره جي بدران چون اڏاٺو، پڏاٺو، اگهاٺو، ماراٺو ۽ ڦٽاٺو. مڪاني فعلن ۾ ”وهيو“ هڪ عام فعل آهي

يعني ويو يا هليو ويو. ”ٿر ۾ ”پڻ“ کي ”پَڻ“ چون، پڻ اڪثر ”پر“ جي مفهوم ۾ چون، ”ٿر جي خاص ٻالهه هيءَ آهي تہ اتي مڪاني لفظن جو هڪ وڏو ذخيرو آهي، جنهن کي صحيح معنيٰ ۾ گڏ ڪري تجويز ڪرڻ کان پوءِ ئي محاوري جو صحيح اڀياس ڪري سگهبو. مثال:

| | | | |
|---|---|---|---|
| سائيڪو | سٽ پره اونهو کوه | اپارڻ | همتائڻ |
| پاروڙي | ڪٽي | آهار | ڪاڏو |
| دونس | ڪنگهہ | آجڪو | گذران |
| تونس | اڃ | ڦدولي | اجائي ٻالهہ |
| گاستيل | گاسليٽ | آڙيڪاپ | اڙٻنگ |
| ٻتلڻ | بدلڻ | آرساٽو | سستي |
| جناور | جانور | چس | مزو |

رائچند هريجن ڍٽ جي مناسبت سان اڪثر ٿري ٻوليءَ کي ڍاٽڪي سڏيو آهي. هڪ چارٽ ۾ ٿر ۽ پارڪر جي مختلف علائقن جي ٻوليءَ جو ذڪر ڪيو اٿس، اهو هي آهي:

| سنڌي | ڍاٽڪي | مهراڻو | پارڪر | سامروٽي |
|---|---|---|---|---|
| هتي | ات اتڪڻ | هتي | اونٿان | هوئي هنڌ |
| هوس | هتو | هندس | هتو | هنتو |
| هيڏانهن | ايڻ | هيڻ | آئين | هيئا |
| ڪيڏانهن | ڪيڻ | ڪيڻ | ڪيئان | ڪيڻ |
| پوئتي | پيڇو | پاهون | پاڇو | پاهون. (١٢) |

حقيقت ۾ ڊاتڪي ئي ٻولي آهي. ٿري محاوري ۾ به علائقي علائقي ۾ فرق ملي ٿو، جيڪو اولهه ڏي بدلبو لاڙي محاوري ڏي وڃي ٿو. ٿر ۾ ڪيترا شاعر ٿي گذريا آهن جن جو ڪلام مشهور آهي. ريتن رسمن، سپيتا ۽ جيوت جي مختلف شعبن مان به ٿر جي لفظي ذخيري جي شاهوڪاري معلوم ٿئي ٿي. رڳو ڳاهن جا قسم ڳڻجن ته به هن ڳالهه جو اندازو ٿي ويندو.

شاهه جي ڪلام ۾ ٿري محاوري جو اپياس ڪبو ته پڻ ان ڳالهه جا اهڃاڻ ملندا ته هو ٿر ڪان واقف هو. شاهه جي رسالي جي حوالي سان ٿر جون به ادبي خصوصيتون آهن. هڪ سر سارنگ ۽ ٻيو سُر مارئي: انهن ٻن ڳالهين کي ٻين به ڪيترن شاعرن ڳايو آهي پر شاهه صاحب جي ڪلام جو جيڪو ادبي معيار آهي سو تمام مٿاهون آهي، ٿر جي ٻولي، ثقافت ۽ تاريخ کي شاهه صاحب امر ڪري ڇڏيو آهي. ٿري محاورو هوڻ ته شاهه جي رسالي جي اپياس جي لحاظ کان انهن ٻن سرن ۾ نمايان آهي، پر هيٺيان چند بيت ٿري محاوري جي مڪمل نمائندگي ڪن ٿا:

ٿاجا ٿر ٻر جهل، پيون پائر پٽ ۾
سيئي ساريو سومرا، اڇي آب اڇل
سانپين ڏنم سل ۽ ڏٺي جن ڏينهن ٿيا
جت ڪرڙ ڪنا ۽ ڪاهيون، پال پڪا ۽ پڪ
سرهيون سي سرتيون حاضر پاسي حق
مارن سين ماڻيان، شال منداڻي مڪ
ڪيڪاريان خلق، جا ٿر ڄائي ۽ ٿوهر ٻن.

سچڻ گهٽو سهڻا، تاٽا سندن توهه
ريلو ڏني روح، جو ڪائي سو ڪامي مري
منهنجو تور تلين ۾، چيواڻو چاري
ڊائي ڍٽ ڌاري، آهيم اني مينهڙي.

---

حقاڻو هُت ٿيو، آئون هِت بنديائي
ساري ساڏوهين کي ڪوٽين ڪومائي
لڳين لوهه لِطيف چئي، وينس وسائي
منڌ مارو جي نه لهي ڪپت ڪجائي
سمن سچائي، اني آهيم ان سين.

---

ٻُري نه ٻڪر دانهن، يوڻ يٽڪو نه سٽان
ميان ماروئڙن جا اوٺا ڏنم آنهن
جن سانيڪا سنجيا، سيِ ڏٺي ڪيتي ڪانهن
پڪا ڪٽي پرانه، جيڪس لڏيو لوئڙ يارين.

مٿين چند بيتن مان ترِيءَ جو تاثر ملي ٿو. ڪم آيل ڪن لفظن
جون معنائون هن ريت آهن:

| | |
|---|---|
| ٽاجا | اوطاق |
| سل | سوراخ |
| ڪرڙ ڪتا، | ڪرڙيون |
| ڊائي | پروگرام ملڻ جي رٿ |
| تور | هڪ جيڏيون، هڪ ئي وقت چاول |
| آني | وني |

| | |
|---|---|
| ساڏوهي | چار –ڪپڙ |
| سانيڪا | ست پره اونها ڪوهه |
| سمن | وعدو |
| توهر | ٻوٽو |
| ڪامي | سڙي |

جيئن شروع ۾ عرض ڪيو ويو ته تر هڪ ثقافتي ايڪو به آهي، انهي لحاظ کان منفرد آهي. ڪيترين صرف نحو ۾ آراڏيون ۽ مقامي لفظن جو پنهنجو اچار اتس ۽ ڪيترين ڳالهين ۾ تري محاوري جي هڪ جهڙائي لاڙي محاوري سان آهي.

**ڪڇي محاورو:** ڪڇ (انڊيا) جو علائقو گڏيل هندوستان ۾ سنڌ کي ثقافتي ۽ لساني لحاظ کان قريب هو. ١٩٣٧ع کان اڳ سنڌ جي اوير ڏکڻ ۾ پکڙيل هن علائقي جو لاڙ سان خاص ڳانڍاپو هو. هاڻي سرحد جي ڪري اهو لساني، سماجي ۽ ثقافتي لاڳاپو نه رهيو آهي پر ماضيءَ ۾ ڪڇ وارن جي سنڌ ڏي اچ وڃ تمام گهڻي رهي آهي. لاڙ ۽ ڪراچيءَ ۾ ان ڳالهه جا نشان اڄان به موجود آهن. هاربي، ڪانٽي ۽ نوڪريءَ لاءِ سوين ڪڇي سنڌ ڏي ايندا رهيا. ٻنهي خطن جي ماڻهن خاص طور ٻيرن، سومرن، سمن، اڏيجن ۽ ڪنيرن وغيره جون ٻاڻ ۾ صدين کان مٽيون مائٽيون ٿينديون رهيون. اڄ به سومرن جا پاڙا "ڪڇي سومرا" ۽ "سنڌي سومرا" به پٽ سڏجن ٿا.

آئون گڏبو، "آئون" گولاڙو، آئون ٻي پٽو آئون ٻي پاڙو"

(سانوڻ فقير)

ڪڇ وارن جي پنهنجي خيال يا ڪن هم خيال ماڻهن جي سوچ موجب ڪڇي اڄ هڪ جدا زبان ليکجي ٿي، پر بنيادي سٽاءَ کي ڏسجي تہ اها سنڌيءَ جو هڪ اهم محاورو آهي. مثال طور هنن جملن کي ڏسجي:

آئون وڃان ٿو (سنڌي).

آئون وڃان تو (ڪڇي).

(هي ساڳيو ڪڇيءَ وارو اچار لاڙ ۽ ٿر ۾ بہ آهي).

هُو ماني کائڻ ايندو (سنڌي).

آو ماني کيڻ اچينيدو (ڪڇي).

(هي ساڳيو ڪڇيءَ وارو اُچار لاڙ ۽ ٿر ۾ بہ آهي).

ڪڇي ڀائرن جي جذبن جو احترام ڪندي مختصر طور ڪڇيءَ جو هڪ محاوري جي حيثيت سان جائزو حاضر آهي. بقول ڀيرومل جي "ڪڇ" سنسڪرت جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ ڪنڌي يا ڪنارو آهي. ڪڇ اُپيٽ آهي ۽ ٽن پاسن کان سمنڊ اٿس (١٣). ڪڇيءَ کي اڪثر ڪڇڪي بہ سڏيو ويو آهي. ڪڇ ٧ صدي عيسويءَ ڌاري سنڌ جي هٿ هيٺ رهيو آهي. سنڌ جي حڪومت ڪري ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ڪڇ ۽ ڪانياواڙ ڏي ٿيو. ڪيترين ڳالهين ۾ ڪڇي ۽ لاڙي محاورا هڪ جهڙا آهن:

اچارن کي سسائڻ، جئن "ڪياٿين" بدران "ڪٿين" "چيائينس" بدران "چئيس".

"هہ" (وسرگ) نہ اچارڻ، "ڪنهن" کي "ڪين" ۽ "جنهن جو" کي "جينجو" چوڻ.

اڪثر حرف صحيح کي خارج ڪرڻ، جئن "ت" يا "ٿ" ڪڍي

چڏڻ، اِتان، تتان، ڪٿان ڪي اِٿان، تٿان ۽ ڪٿان چوڻ. شاهه جي ڪلام ۾ به اهي اچار ملن ٿا.

اڌا اٿائين ڪو وِپو ساٿ سڄڻ جو.
يا ڪِٿان سڪئين سپرين ڪاسائڪي ڪار.

جمع ۾ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ”اين“ ملائجي ٿي. جئن گهر= گهرين، ماڻهو= ماڻهين، جانور= جناورين، ڏڪ= ڏڪين وغيره.

پاڻ بجاءِ پنڊ (يا پندر) چون.

اهڙي طرح لاڙ ۽ ٿر سان ڪڇيءَ جو چڱو سبند رهيو آهي. شاهه جي رسالي جو به ڪڇ سان تعلق رهيو آهي. تمر فقير اوڏانهن ويجهي رهيو ۽ ڪيترا قلمي نسخا ڪڇ جي رهاڪن وٽ اڄ به موجود آهن. شاهه جي بيتن ۾ اڪثر ڪڇي محاوري جو پرتوو ملي ٿو:

ڪرهو نه ڪي ڪان، پيرين آئون نه پهچي
جو مون رات رسائي، نيئي ساجن ساڻ
مون نه وهيٽو پاڻ، ويني نيڻ نچوئيان.

يا،

لڪ لاڳيٽو ڪرهو، ڪوڙئين ڏيئي ڳڏوم
اڳڻ سونهن سنڌوم، مُل مهانگو مَ چئو.

ڪيترن بيتن ۾ لفظ ۽ تاثر ملي ٿو ته شاهه صاحب ڪڇ کان پورو واقف هو. ڪڇ جي شاعرن تي به شاهه صاحب جو اثر هو. محترم محمد سومار شيخ جي ڪتاب ”ڪڇين جا قول“ ۾ ڪڇ جي شاعريءَ جو مڪمل بيان موجود آهي. اڪثر ڪڇي لفظ لاڙ ۾ رائج آهن، جي نه ته به سمجهيا وڃن ٿا. جئن:

ڏونگر          بصر

| | |
|---|---|
| ڏينگلو | پئسو |
| ٻانڙي | ڪنوار |
| آڇيندو | ايندو |
| آئين ونو | آئين (اوهين) وڃو |
| سئيد | سيد |
| ڪسڪئي | ڪيسڪي |

پڏالا ماري اڇين مڃي، آئون ڪسڪئي وڃان ڪائي (سياڙ شاعر)

| | |
|---|---|
| آڳاترو | آڳاتو |
| لڪئي | لڪي |
| هيڪ | هڪ |
| آويو | آيو |
| جٺان | جتان |

جٺان ڏنائين پير مبارڪ (شاهه - بلاول)

| | |
|---|---|
| موز | موج |
| گريب | غريب |
| واڪب | واقف |
| ڏوه | ڏهه |
| ٻاپو | بابو |
| پڳ | پير |
| ٿڳائڻ | اڇلائڻ |
| ڪائو | ڪاڏو |
| رونسڻ | مارڻ، ڪهڻ |
| ڏيس | وٺو |
| نيڪالي ڏيڻ | |
| جهمڻ | ڪائڻ |

**لاسي محاورو:** بيلي جي ٻولي پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ موجب مختلف زبانن جي ميزبان ٿي رهي آهي. انهيءَ ڪري منجهس لغوي جاذبيت جهجهي آهي (١۴). لس ٻيلي جي محاوري کي ڪوهستان جي ٻوليءَ سان گهڻو ربط آهي. هن محاوري جو اڃان گهڻ جائزو ورتو ويو آهي. ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" ۾ ٻيلي جي تاريخ، ثقافت ۽ شاعريءَ جو جائزو وٺندي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ ٻوليءَ جو جائزو ورتو آهي. هوندي لاسي محاورو پنهنجي ڏکڻ واري "لاڙي" محاوري سان ڪنهن حد تائين ربط ۾ آهي. پر تہ بہ هن ۾ ڪي خصوصيتون آهن. اڪثر رواجي حرڪات کي وڌايو ويجي ٿو: "نہ تہ" کي "ناتي" ڪيو وڃي ٿو. مثال:

"ڪا ڪل پيم ڪانہ وڃڻ جي، ناتي هوت آئون هوشياري هئي".
(ڪبير شاهہ). (١۵)

لاڙ ۾ تر وانگر اوسرگائي گهڻي ملي ٿي: تنهنجو بدران توجو، ٻاجهہ بدران ٻاج چون. ڪن لفظن ۾ زائد "تون" جو آواز ڪن ٿا: ساجهر کي سانجهر، ستر کي سنتر چون "و" ڪن هنڌن تي "ب" ۾ بدلجي وڃي ٿو. اِها سرائڪيءَ جي اثر ڪري عادت پيئي هجي. ويڻو بدران ٻيڻو چون.

"ي"، "ج" ۾ تبديل ٿيو وڃي. جئن: ياد – جاد (لاڙ ۾ زاد چون)
يتيم – جتيم.

اڪثر "ذ" بہ "ج" ۾ تبديل ٿيو وڃي ۽ ذات کي جات اچارجي ک، چ ۾ تبديل ٿيو وڃي : شاعر آچين ان کي ڪوڙو ڪجسو ڪچ (نمر)، هن ۾ آکين بدران آچين آيو آهي (١٦). ٿ وري چ ۾ بدلجو

وڃي: گهر گهر ڪيرو جن، منهنجا جمعي ڄانب آئيا (صدقي). ٽين ٻدران ڇن ڪم آندو ويو (١٧). فارسي لفظ چشم ڪي شاعرن "چم" ڪري ڪم آندو آهي. هن ۾ مقاميت ۽ انفراديت نظر اچي ٿي. چمڙي جي مشڪ پاڻي پرڻ لاءِ ڪم اچي ته ان کي اوئي چون، جڏهن ڪير وجهڻ لاءِ ڪم اچي ته ان کي ايزڪ چون (١٨).

لاسي محاوري جي پکيڙ سنڌ ۽ بلوچستان جي گهڻي جابلو ايراضيءَ سان لاڳاپيل آهي. هن محاوري جي صرف نحو جو نظام عام طور لاڙي محاوري سان ملي ٿو. بلوچستان جي ايراضيءَ ۾ ٻين سنڌي محاورن جهڙوڪ: فراڪي جڳدالي ۽ ڪيتراڻي وغيره سان به ڪي هڪ جهڙايون ملن ٿيون. لاسي محاوري ۾ مخصوص ۽ مقامي لفظن جو به هڪ خاص ذخيرو آهي، جنهن مان عوام جي زندگيءَ ۽ ثقافت جا اهڃاڻ ڇڻا ملن ٿا ۽ هنن جي گذر سفر جي طرز سان اهي لفظ لاڳاپيل آهن ۽ شاعريءَ ۾ به ڇڻا آهن.

لس ٻيلي جي شاعريءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ جو ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" هڪ اهم دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب لس ٻيلي جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ اتي جي پوري تاريخ، ثقافت ۽ زندگيءَ جو جائزو ورتو آهي. سنڌ جي ڪبير شاهه ۽ لس ٻيلي جي شاعر شيخ ابراهيم جي وچ ۾ ٿيل بيتن جي مارڪي ۽ لس ٻيلي جي آس پاس جي علائقي سميت ڪيترن ئي شاعرن جو مڪمل ذڪر ڪيو آهي.

اهڙي طرح الله بچائي سمي جي ڪتاب "سير ڪوهستان" ۾ ڪوهستان جي علائقي جي جيوت جو جائزو آهي، جيڪو هونئن ته لس کان هيٺ ڏکڻ اوير ۾ آهي پر ٻوليءَ جي لحاظ کان لس سان

لاڳاپي ۾ آهي. لس ٻيلي ۽ ٺاٽي ٻولا خان کان وٺي دادو ضلعي جي سرحدن تائين لاسي محاورو ۽ ان جا ننڍيا محاورا موجود آهن. انهيءَ ڳالهه کي نظر ۾ رکي مٿين ٻن ڪتابن مان لفظن جون فهرستون شامل ڪجن ٿيون.

ڊاڪٽر بلوچ جي تاليف "ٻيلاين جا ٻول" (ٻيو ڇاپو ص ۱۸ – ۸۲)تان ورتل خاص ٻيلي جي لفظن جي مختصر فهرست هن ريت آهي:

آتيمر ۽ اِڇو – بي قياس، جهنگلي يا بي رحم بدو،

| | |
|---|---|
| اُست= لسي | ماهندا = مهندان |
| اِڇون= ڦَتل لسي جا سڪايل ڏگ | ٻي ما = ٻيءَ ماءُ |
| تَسو= ذرا | ڏٻڳي يا ڳٿي = گوڙ |
| پاٺيو= اقرار، بهادر، شاناٺتو | ڇيهه = ڪنوڻ |
| پانواٺو = مقابلو | ڇيهل يا هَر = هرڻ |
| ڇَمر = چشم، اکيون | ڪڙهو = همت وارو، جوان مرد پهلوان |
| ڇَمرَ = ڪکر | |
| ساپرس = چڱا مرد | أئي = ٻڪري |
| سَلو = پيچرو | ڳيهڻ = ڳنهڻ |
| مَزار = شينهن | اُڇڻ = آٽڻ |
| منگٽي = ڏيڏري | اگازڻ = خرچ ڪرڻ |
| پيداوار = مشهور | جَر = جهڏهڻ |
| ڏاج = فصل | تَر= تڏهن |
| هستي = تنڊي پلاٽي، جا اٺ تي وجهجي | جيرو = باهه |
| گورمر = ڊگهين جو ڏڻ | خاصو = چڱو |

ڪيراڳ = اهو گڏيل ڏڻ جنهن ۾ (رڍن کان ٻڪريون گهٽيون

هجن، (ڪي لفظ هن فهرست مان ڇڏيا ويا آهن)

محترم الله بچائي سمي جي ڪتاب "سير ڪوهستان" مان لفظن جي فهرست هن ريت آهي، جنهن ۾ اهي سڀ لفظ شامل آهن جيڪي ليکڪ پنهنجي تحرير ۾ ڪم آندا آهن:

سرچو= سائو، آباد
اَرچو= ڏکيو، سُڃيو ، ذَليل
لوهيون= ڪلون
وائر= باندر ، پولڙو
ڳيڙو= برسات
وانديا = بي اونا
مُهڻ= وهٽ جو پاڻيءَ ۾ منهن وجهڻ، پاڻي پيئڻ
ڪيراڳ = ٻڪرين جو ڌڻ
ميڙيانو= کير جي ڏهائي
مرجن ٺا= ميرا تا ٿين
ٻُڃَ = لٽا، ڪپڙا
قتي= لنڊين ٻانهن سان صدري جا بت سان لڳي پيئي هجي.
ٻڙو = جمڻ وقت ڏنل خوراڪ
آڪورو= ٻاڪرو
پاهو= ريڊو
پهون= ٻڪريون
ڪوڪيون= ننڍي پيچ واريون رڏون

ڇيچ = پيٽ
هڏ پيبنو = هڏ ڳنل
اڏوڪر= جبلن جا اڏ ڪپر
ڳڊو= سور
ماچاند= راڙو
جهڪون= پوڙهيون، ڏبريون
اوجا= ڏاس مان ٿهيل فراسيون
جول، گربتا= ڏاس مان ٿهيل ڳوٺيون
مرئيون= ڪتيون
پُتي= مزوري
ڳچ = گهنج
مينڊ= ايرو
ڳمر = نشو، ڏوهُ
ڏڙڪي= رلي
مائي= ڪنهن واقعي جو يادگار
گهورا = ڳولائو
لانچيا= هٿيار ٻَڌل، ڪشيل
ننڌ= بخيل، ڪنجوس

| | |
|---|---|
| سنڌ= ٿانوَ | ٿمڻ= لڪائڻ ڍڪڻ |
| ٻڏي= ڳوتري | ٿاڌ= ڳانيون |
| ٻوڙو= ننڍ رسي مشڪ | گهار = سير، ڏار ڦاٽل زمين |
| ٻڳاري= چقمق جو پٿر | آنٽي= وٽ، ور، پيچ |
| سرڳون=مهر واريون ٻڪريون | رٽ = سيلابي زمين |
| جي از خود ڦر ڪي ڪير ڏارائڻ ڏين. | سنبهار= پوتو |
| ارڳون= ڪمهريون جي | نمرا = تندرست |
| ڦرن ڪي ڪير ڏارائڻ نہ ڏين | سياليون= ڏاريون |
| ٻُٽا = ڏُڪُ | (هن فهرست ۾ ڪي لفظ ڇڏيا ويا آهن) |

ٻيلي جي شاعريءَ مان بہ لفظن جي استعمال سان محاوري جي پروڙ پوي ٿي. ٻيلي جي شاعرن ۾ شيخ ابراهيم هڪ مشهور شاعر ٿيو، سندس ڪلام حقيقت ۾ ان لغت جو پنڌار آهي، جيڪا ٻيلي جي ٻوليءَ جي پوري نمائندگي ڪري ٿي، نموني طور هڪ بيت ڏجي ٿو:

سَرَ تَرَ ڪـَڪَرَ، جِـت جهول جبل، جهنگ جَهَرَ
پَٽ رٽ گهٽَ وَٽ، پـٽيـون، جِـت واٽن ونگا وَرَ
جَل جَبلَ ڪوه روه رڄ، جِت ڏينهن تـتا ڏونـگـر
ڪــوريون ٻـَيريون گـُگريــون، تـَـمَرَ تميچا تـوهـَرَ
ڪــار سـنبـهار سَره وره ، جِـت سڪا سارا سر
گـل قـل آمل بـاغ بـرن ۾، جـت باس موچاري ٻَرَ
سـور نـور، نـونـدڙا، جـت خرگوش هٿا ۽ خَرَ
بــاز ڪـانءِ ، ســرڻ سوڪان، جت ٻَيـها ۽ پاليهرَ

مور تلور، عقاب اتهين، پيا قمري ڪَبوترَ
پتيون پتين جا ابراهيم ڇٽي سندا بانيڻ پَر
سي سپ ويچاريءَ وساريا، هلي باسي بَرَ
ويس وڳا سيرتين ڇانيا، اتي بيٺي اَپڇرَ
ڪمي ڪسبي تنهن جا، ڌا زر گهڙين زيور
هل قل هندورا هنڌ پيا، محل ماڙيون ۽ گهر
مينهن سيونگ مڪ گهٽا، وٺن موڪ مَجرَ
سٽيون پٽي سَجَ ۾، هوءَ تي وَر لائي ڏئي ور
سا سسئي منجهه سنگهر، نيئي معذور ميڙ تون.

لوڪ ادب جيڪو عوامي جيوت جو هڪ اهم ثقافتي ورثو آهي، تنهن ۾ به لاسي ۽ ڪوهستاني محاوري جي پروڙ پوي ٿي. ڳجهارتون هنر جا بيت خاص طور مقامي لغت جو پنڊار آهي. هن محاوري ۾ فعل پٽيان "آس" پڇاڙي اچڻ سان هڪ خاص ردم پيدا ٿئي ٿو. هڪ ڳجهارت جو مثال وٺو:

نالن ۾ نانون جي آئون حاڪم تان نه هياس
نالي ري شهر ۾، منهنجو روح نه اچي راس
آن جون وجهي رڃن ۾، چوهون ڇڪينداس
مچي گاهه نرنان جو، آئون ذات تي ويندياس

مراد:

هوتن ۽ بلوچن جي آئون نواب تان نه هياس
راٺي بنا ڪوٽ ۾، منهنجو روح نه ٿئي راس
وجهي مانڌاٽيون ماٿين ۾، آئون هر سئون جهگينداس
سٽي نڙ ميهار جو، آئون لنگهي پار پونداس. (١٩)

ٻيلي ۽ ڪوهستان جي ادبي روايت جو سنڌ جي ادبي روايت سان پورو پورو سمنڊ رهندو اچي. سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف پنهنجي ڪلام ۾ جتي ٻين خطن جي ٻوليءَ کي بيتن جي زينت بنايو آهي، اتي لس ۽ جبل کي به نه وساريو اتس، خاص طور سسئي جي بيان ۾ شاهه صاحب لاسي ۽ ڪوهستاني محاوري جو جلوو خوب پسايو آهي. شاهه جي رسالي مان مثال خاطر بيت ۽ وائي حاضر آهي:

پريتن پالياس، پاڻيهِ پيتي آهيان
جُسن هوت پنهونءَ جي، ماري موت وڏياس
جانڪيتان جيندياس، پسي ور وصال جو.

وائي

وسان تي وياس، آيل لڳم پاڻ پروچ جو
پرزا پسپ ورن ۾، پٽيون تي پياس
ته پڻ ڪادو ڪيچ تي، توٽي ماء مياس
پاڻ وجايم پير تي، ڇتي آئون ڇتياس
آيم انڌي لوڪ سين، مُئي آئون مياس
هيڏي شهر پنيور ۾، نڪو پيءُ نه ماس
پييم وچ وصال ۾، سنجهي آئون ستياس
پييم پنهون ٻار سين، ڪٿيءَ آئون ڪتياس
الا ان ۾ وسران، ڏتي جن جياس
پييس ور وصال جي، جانڪيتان جيندياس
اديون عبداللطيف چئي، محبن کي ملندياس.

**موجوده سنڌ کان ٻاهر جا محاورا:** سنڌ پنهنجي موجوده ايراضيءَ کان ماضيءَ ۾ وڏي هئي. هاڻي سندس سرحدون اهي ناهن جيڪي اڳ هيون، پر تہ بہ انهن ايراضين ۾ اڃان سنڌيءَ جو وجود آهي. ٻين ٻولين جي اثر ڪري بہ سنڌيءَ جا سنڌ کان ٻاهر جا محاورا وڏيڪ متاثر ٿيا آهن. بلوچستان ۾ ۽ پنجاب جي متصل ايراضيءَ ۾ سنڌيءَ جي ڪن محاورن تي تازو ڪم ٿيو آهي ۽ معلومات ملي آهي انهن ۾ اهم محاورا آهن: فراڪي ۽ ڪيتراڻي. فراڪيءَ تي جناب داد محمد خادم بروهي ٻيا بہ مقالا لکيا آهن ۽ خاص طور ايم -اي سنڌيءَ لاءِ ۱۹۸۴ع ۾ تحقيقي مقالو 'مونوگراف' لکيائين. هن مقالي ۾ هو فراڪي محاوري تي تفصيل سان بحث ڪري ٿو. هن باب ۾ جناب داد محمد بروهيءَ جي تحقيقي مقالي کي بنياد بڻايو ويو آهي. ڪيتراڻي بابت بہ سندس هڪ مقالو شايع ٿيو آهي. هاڻي هو بلوچستان جي باقي محاورن تي تحقيق ڪري رهيو آهي. سنڌ کان ٻاهر جي محاورن جو هن وقت تائين ڏس مليو مطالعو ۽ سير سفر ڪري مواد گڏ ڪيو ويو انهن ۾ بہ اهم فراڪي ۽ ڪيترائي آهن. ٻيا هي محاورا آهن : جڳدالي جدگالي اورماڙي ۽ گوادري. هي ڪراچي کان اتر لس ٻيلي خضدار طرف ساموندي ڪناري ۽ سبيءَ جي آسپاس جي ايراضيءَ ڏانهن پکڙيل آهن. ماڇڪو پنجاب جي ايراضيءَ جو محاورو آهي. هن جو ڪو گهڻو مواد ملي نہ سگهيو آهي. هي محاورو سنڌ ۾ سکر ضلعي جي اٻاوڙي ۽ جيڪب آباد جي ڪشمور تعلقن کان پنجاب جي ضلعي رحيم يار خان جي تعلقي صادق آباد تائين پکڙيل آهي (۲۰).

فراکي : هي محاورو سبي (بلوچستان) سان واسطو رکي ٿو. هن کي ملڪي يا وطني بہ چئجي ٿو. ”سبي“ سنڌ جي سرحدي شهر جيڪب آباد کان هڪ سئو ميل اتر اولهہ طرف هڪ ڊويزن آهي (٢١). هن ۾ سبي، ڪڇي، نصيرآباد، ڪوهلو ۽ ديري بگٽي جا ضلعا شامل آهن. هن ايراضي ۾ بلوچي، پشتو، بروهي ۽ سرائڪي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ سنڌيءَ تي انهن ٻولين جو اثر آهي. داد محمد خادم جي چوڻ موجب هن ايراضيءَ جا نوي سيڪڙو باشندا سنڌي سمجهندا ۽ ڳالهائيندا آهن.

فراکي محاورو لاڙي ۽ تريءَ کان گهڻو مختلف آهي. فراکيءَ تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ تنهن لاءِ داد محمد خادم لکي ٿو ”سبي خطي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي هن محاوري تي فراکي نالي پوڻ بابت هيئن چئي سگهجي ٿو تہ لفظ فراخ معنيٰ وسيع يا وڏو جي مناسبت سان چيو ويو آهي. هيءَ هڪ وسيع علائقي ۾ رائج آهي. بعد ۾ بروهڪي، بلوچي، پٺاڻڪي ۽ سرائڪي جي تي لفظ ”ڪي“ سبب فراکي تي ويئي (٢٢). فراکيءَ کي ملڪي ۽ وطني ان ڪري چيو وڃي ٿو جو هتان جا باشندا ايئن سمجهن ٿا تہ هيءَ ٻولي (محاورو) هتان جي ئي وطني آهي (٢٣).بقول داد محمد خادم جي هي محاورو سبيءَ جي چوڌاري ڍاڍر، تلي، ڪڙڪ، فجڪ، صافي، مال ۽ مزري ۾ رائج آهي (٢٤).جهل مگسي ۽ روجهاڻ واري ايراضيءَ ۾ مگسي، جمالي، خاڪواڻي ۽ رئيساڻي قبيلا بہ سنڌي ڳالهائيندا آهن. سبي خطي ۾ اڪثر اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ پٺاڻ پنهنجي روزمره جي ڪاروبار لاءِ بہ سنڌي ڪم آڻين ٿا. بقول داد محمد خادم جي تہ فجڪ ڳوٺ جا پٺاڻ پشتو سان گڏ سنڌي بہ ڳالهائيندا آهن. (٢٥).

ڪوڪ (ڪوڪان)، صلاح (صلاحان)، ڪتاب (ڪتابان) ۽ ڪوڏر (ڪوڏران). ڪي ٻيون به خصوصيتون سري جي محاوري واريون فراڪي ۾ موجود آهن. مثال: هلندس ٻدران هلدم، رڪندس ٻدران رڪدم ۽ ٿوڪان ٻدران توڪئون ۽ جتان ٻدران جاتئون ڇون.

فعلن ۾ /د/ فراڪيءَ ۾ حذف ٿئي ٿو. مثال طور پڙهندو کي پڙهنو، لکندو کي لکنو، پڇندو کي پڇنو، پڙهندي پڙهني ۽ وڙهنديون کي وڙهنيو ڪري اچارين (٢٧). ڪن فعلن جو استعمال تمام منفرد آهي. مثال طور ٿاهيو کي ٿاهو يا ٿاتو ٿاهيو اٿم کي ٿاتو ٿم ۽ ٿاهيم ڪري اچارين. ٿاهيندو آهيان ٻدران ڇون ٿاهنوهان. خالص ضميرن جو تلفظ فراڪي ۾ قريل آهي جيئن ته:

| معياري | فراڪي | معياري | فراڪي |
|---|---|---|---|
| اِهو | ايهو | هن | هڻ |
| اهو | اوهو | انهيءَ | اڻِي |
| اُهي | اوهي | انهن | اُڻن. |
| توهان | توئان | | |

اهڙي طرح پنهنجو کي پانجو، منهنجو کي مينجو ۽ ان جو کي اڻ جو ڇون. ڪن لفظن ۾ /ن/ غني جو آواز شامل ڪجي ٿو: شوق کي شونق غوث کي غونث ۽ ڪپهه کي ڪپنهه ڇون.

حرف علت جي هڪڙي تبديلي اهڙي آهي، جيڪا مون کي ذاتي گفتگو ۾ جيڪب آباد ۽ ٿل تائين ملي: رڪائڻ کي رڪاوڻ ۽

پرائڻ کي پراوڻ چون.کي جملا ۽ انهن جا فراڪي اچار هيٺ ڏجن ٿا:

| | |
|---|---|
| وري ڪيڏانهن پيو وڃين؟ | وت ڪيڏي وينو پئو آن؟ |
| ڇا پيو ڪرين؟ | ڇا ڪنو پئو آن؟ |
| اوطاقون پريون پيون آهن. | اوطاقان پرون پئون هِن |
| مان ماني کائي رهيو آهيان. | مان ماني کائينو پئو آن |
| لعلو پڙهندو هو. | لعلو پڙهنو پئو هو |

هڪ مخصوص ايراضيءَ کي ڪيترا مڪاني لفظ، پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح به هوندا آهن. فراڪيءَ سان به اَها ڳالهہ لاڳو ٿئي ٿي جن کي تفصيل سان پروڙڻ لاءِ ان خطي ۾ وڃڻ ضروري ٿئي ٿو. محترم داد محمد انهن جو ذڪر نموني طور پنهنجي مونو گراف ۾ ڪيو آهي. (٢٨)

**ڪيتراڻي (فقط تعارف):** هي محاورو بلوچستان ۽ لورالائيءَ جي ايراضي "بارڪان" ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. هن جون پاڙيسري ٻوليون بلوچي ۽ سرائڪي آهن. داد محمد خادم جي خيال ۾ تہ ان تي ڪجهہ اثر پشتو جو بہ آهي (٢٩). هن محاوري جي نسبت ڪتياڻ ذات سان آهي، جيڪا هڪ سماٽ قبيلي جي ذات آهي . هن ذات لاءِ روايت آهي تہ هن جو اصل تعلق افغانستان سان آهي. ڪتياڻ پوءِ لڏي سنڌ ۾ آباد ٿيا. بلوچستان ۾ رهڻ ڪري بلوچ سڏايائون. تاريخون لکن ٿيون تہ ڪتياڻن جو ڪو وڏو بهار خان هو، جنهن کي ڪا جاگير ملي ۽ هو سنڌ مان لڏي لورالائي ويو. سندس نالي پٺيان ئي موجوده بارڪان نالو پيو . ڪتياڻ لفظ بگڙي ڪيتران ٿيو. هي بلوچستان ۾ سنڌي زبان جو هڪ اهم محاورو آهي. هن جو صرف

نحو جي لحاظ کان جائزو نهايت دلچسپ آهي. کيترائيءَ ۽ آهين بدران چون اين ۽ آهي کي اي چون "زنجير" کي زمزير"، آزاد کي "آزات" ۽ ياء کي "با" چون. منهنجو کي مينجو، تنهنجو کي تونجو ۽ ڪنهن جو کي ڪنجو چون.

## حوالا


1. R.H. Robins General Linguistics (an introductory survey, 1964, P-57
2. Bloomfield. L. Language U.R.W Newyork, 1976, P-321
3. R.H Robins General Linguistics (an Introductory Survey) 1964 P-58-59.

۴. آڏواڻي ڀيرول مهر چند : "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٥٦، ص- ٩٦

۵. ايضا، ص - ٩٧

٦. ايضا، ص - ٩٧

٧. ايضا، ص - ٩٧

٨. ايضا، ص - ١١٣

٩. ايضا، ص- ١١٧

١٠. ايضا، ص- ١١٨، ١١٩.

١١. جوڻيجو، عبدالجبار: "لاڙ جي لغات" زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد. ١٩٧٥. ص - ٢٢/ ٢٣.

١٢. هريجن رائچند : "تاريخ ريگستان (ياڳو ٻيو). سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٧٥، ص- ١٣٦.

١٣. آڏواڻي ڀيرومل : "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، ص -١٥١

١٤. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر" ٻيلاين جا ٻول" ٻيو ڇاپو. زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ١٩٧٠، ص- ٧٤.
١٥. ايضا، ص-٧٢
١٦. ايضا، ص-٧٧
١٧. ايضا،
١٨. سمون، الله بچايو : "سير ڪوهستان" سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. ١٩٥٩، ص ٢٣
١٩. سمون، محمد عرس: "مقالو ڳوٺاڻو ادب (ڪوهستاني ڪڇهري)" مهراڻ جا موتي : پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي. ص -١٢٥.
٢٠. خادم، دادم محمد بروهي: "مخزن پيغام مقالو "سنڌي ٻوليءَ جا محاورا" فبروري، ١٩٨٨، ص-٢١
٢١. خادم، داد محمد بروهي: "سبي خطي جي فراڪي لهجي جو لساني اڀياس"، ١٩٨٤، مونو گراف (قلمي). ص-٣
٢٢. ايضا. ص -٥
٢٣. ايضا
٢٤. ايضا
٢٥. ايضا، ص-١٩
٢٦.) ايضا، ص-٣٤
٢٧. ايضا، ص-٤٣
٢٨. ايضا، ص- ٨٠ کان ١٢٠
٢٩. خادم، داد محمد بروهي ماهنامہ پيغام "سنڌي ٻولي ۽ ان جا محاورا"، فبروري ١٩٨٨، ص-٢١.

---

# باب ٻيو

## سنڌي ٻوليءَ جو ٽري محاورو

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي اهم ۽ سڌريل ٻولي آهي ۽ قدامت جي لحاظ کان به ڪيس گهڻي اهميت حاصل آهي، جديد زماني ۾ به سندس عمل جو دائرو نه صرف سموري سنڌ آهي پر سنڌ کان ٻاهر هندستان ۾ جتي جتي سنڌي هندو لڏي وڃي رهائش پذير ٿيا آهن، اتي سنڌي ٻوليءَ جو عمل دخل آهي. جهڙوڪ دهلي، بمبئي، ٻڙودا، احمد آباد، گانڌيرام، الهاس نگر وغيره. بهاولپور جي اڳوڻي رياست ، بلوچستان جي سبي خطي، بلوچستان جي ڪوهستاني علائقي، لس ٻيلي ۾ پڻ سنڌي ٻولي گهڻي حد تائين ڳالهائڻ ٻولائڻ ۾ ڪتب آندي وڃي ٿي. سنڌ جي سرحد سان لاڳاپيل ڀارت جي علائقن ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ راجستان جي علائقن ۾ به سنڌي ڳالهائڻ وارا ڪافي تعداد ۾ موجود آهن، ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ وهنوار ۽ واهپو ڪن ٿا.

سنڌ جي حدن اندر سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي محاورا، آراڏايون، لهجا، ڊائليڪٽس ملن ٿا. ماهرين لسانيات سنڌي ٻوليءَ جي اهڙن محاورن جو مطالعو ڪندا رهيا آهن. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي سنڌي ٻوليءَ جا هيٺيان محاورا ڄاڻايا آهن:

(١) سريلي (اترادي) (٢) وچولي (٣) لاڙي (۴) ٿريلي (۵) لاسي (٦) ڪڇڪي. (١)

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي راءِ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا

محاورا هن ريت آهن:

(١) اترادي يعني سريلي (٢) وچولي (٣) لاڙي (۴) ٿري (۵) ڪوهستاني (٦) ڪڇي ۽ (٧) لاسي. (٢)

ڊاڪٽر داد محمد خادم بروهي بہ سنڌي ٻوليءَ جي محاورن تي ڪم ڪيو آهي. هن پنهنجي پي ايڇ ڊي جي مقالي ۾ سنڌ جا محاورا هن ريت ڄاڻايا آهن:

(١) معياري محاورو
(٢) اترادي محاورو
(٣) ماڇڪي محاورو
(۴) جڳدالي محاورو
(۵) کيتراڻي محاورو
(٦) ڪوهستاني محاورو
(٧)لاسي محاورو
(٨) جدگالي محاورو
(٩) لاڙي محاورو
(١٠) لاڙ ڪڇي محاورو
(١١) ٿري محاورو. (٣)

جارج گريئرسن،لئگسٽڪ سروي آف انڊيا جي جلد اٺين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جائزي دوران سنڌيءَ جي هيٺين محاورن جو اپياس ڏنو آهي:

(١) معياري (وچولي)
(٢) سرائڪي (سري وارو)
(٣) ٿاريلي
(۴) لاڙي
(۵) لاسي
(٦) ڪڇڪي. (۴)

مٽي ڏنل سيني عالمن جي نظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ محاورو ٿري يا ٿاريلي بہ آهي. نالي مان ئي ظاهر آهي تہ هن محاوري جو تعلق ”ٿر“ سان آهي. يعني تہ ٿر ۾ رائج سنڌي ٻوليءَ جو محاورو. آزادي کان اڳ ٿر جا ۵ تعلقا هئا. ڏيپلو، مٺي، ڇاڇرو، ننگرپارڪر ۽ ٿر جو آڳاٽو گادي جو هنڌ امر ڪوٽ (عمر ڪوٽ).

انهن علائقن ۾ جيڪا سنڌي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي تنهن کي ٽريلي يعني ٽر جي ٻولي سڏجي ٿو. (۵)

رائچند هريجن صاحب، تاريخ ريگستان ۾ لکي ٿو ته "ٿري مسلمان سنڌي ڳالهائيندا آهن، پر ٻهراڙيءَ ۾ نج سنڌي ڪانهي. ڪي ڪي لفظ مزيدار (يعني ٺريل) آهن.... مسلمانن جي گيتن (ڳيچن) ۾ سنڌي ٻولي ڪم آندل آهي ۽ ڳائڻ جو نمونو اهڙو آهي جو هرڪو سولائيءَ سان سمجهي سگهندو آهي" (٦).

سنڌي ٻوليءَ جي معياري محاورن ۽ ٿر جي سنڌي محاورن ۾ جيڪي ٿورا ٿورا صوتي ۽ صوتياتي (Phonetic & Phonological) فرق موجود آهن تن جو تت هيٺ ڏجي ٿو:

"اِهو، اِهي" لفظن جي بدران "اِي" لفظ استعمال ڪندا آهن "هه" آواز کي حذف ڪيو ويجي ٿو. "اهو ڪتاب منهنجو آهي" بدران چون "اِي ڪتاب مهجو آهي". "منهنجو" بدران "مهجو" چوندا آهن. هت ميم ڪان پوءِ ايندڙ "اَن" سر جيڪو گهڻو (Nas lized vowel) آهي ان جي گهٽائپ کي حذف ڪيو ويو آهي. "اِهي ڪم ڪونه ٿيندا" بدران چون "اِي ڪم ڪونه ٿيندا" "ڪان" جي عيوض "ڪنان" لفظ ڪم آڻيندا آهن. "اهي پئسا مون ڪان ونج" بدران چون "اِي پئسا مون ڪنان ونج". "ڀلي" جي بدران "ڀَلين" چوندا آهن، هت "ڀلي" لفظ جي آخر ۾ آيل سر اِي کي "اين" سر ۾ بدلايو ويجي ٿو. يعني ته گهٽائپ جو اضافو ڪيو ويجي ٿو.

"ڀلي ٻني وٺو" بدران چون "ڀلين ٻني وٺو": "ڀلي اتي ويٺا رهو" بدران چون "ڀلين اتي ويٺا رهو". "اوهين" بدران "اَئين" چون. "اوهين وڃو ٿا" بدران چون "اَئين وڃو ٿا" هت "هه" آواز

ڪائي سگهبي تنهن کان وڌيڪ نہ ڏي. هت نہ صرف ”س“ کي گهڻ ڪيو ويو آهي پر ”اُ“ سر کي ”وَ“ جي نيم سر ۾ پڻ تبديل ڪيو ويو آهي. (٧)

ٿر ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي مسلمان ۽ ڪي هندو جاتيون جهڙوڪ لهاڻا وغيره ڳالهائيندا آهن، جن جو واسطو، ٿر جون ٻيون ٻوليون ۽ محاورا ڳالهائيندڙ ماڻهن ۽ قومن سان پوندو رهي ٿو. مثلاً مارواڙي، ڍيل، مينگهواڙ، ڪولهي وغيره جيڪي ڪڇ- ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ راجستان جي علائقن مان ٿر ۾ لڏي آيا آهن، جنهن ڪري ٿر جي سنڌي محاورن تي وَقْتًا فَوَقْتًا مختلف اثرات مرتب ٿيندا رهيا آهن. اهوئي سبب آهي تہ سنڌي جي معياري محاوري کان ٿري محاوري جي وياڪرڻ جون ڪجھہ صورتون تبديل ٿيل ملن ٿيون، اهڙين ڪجھہ نرالين صورتن جو وچور پيش ڪجي ٿو.

١. **اسم خاص:** ”يو“ پڇاڙي گڏي نالن جو اچار ڪن ٿا، مثلاً : ”پورو مان پوريو“ ڏيپو مان ڏيپيو. مسلمانن جي نالن پٺيان بہ ”يو“ ملائين ٿا. ”سومار“ بدران چون ”سوماريو“ . هي ڍاٽڪي محاوري جو اثر آهي ڇاڪاڻ تہ سموري ٿر ۾ نہ صرف سنڌيءَ جو ٿري محاورو عام جام رائج آهي، پر ڍاٽڪي پڻ سموري ٿر ۾ ڳالهائي ويندي آهي. ٿر جا ڪراڙ پنهنجن نالن پٺيان اڪثر ”شاه“ لفظ گڏيندا آهن. مثلاً : ڪيول شاه، جڳو شاه. اهو نمونو گجرات جي ڪراڙن کان ورتو اٿن.

٢. **ضمير:** ٿر جا هندو ”مون“ بدران ”مين“ چون. مثلاً : ”مين وٿ“ معنيٰ مون وٽ، ”مين سان گڏ“ يعني مون سان گڏ. تنهنجو بدران ”تين جو“ ۽ ”پنهنجو“ بدران ”پانجو“ چون ٿا. هي مثال

ڏيڪارين ٿا تہ ٿر جي ٻوليءَ تي ڪڇ ۽ لاڙ جي ٻولي جي ڪجھہ ڇاپا پيل آھي.

"اپاڻ کي ڪسي ڪرٽي آئون را جي ٿيوڻ لائق آھي" يعني پاڻ کي (اسان کي) خوشي ڪرڻ ۽ راضي ٿيڻ جڳائي، اهڙي طرح "پاڻ" بدران "اپاڻ" لفظ ڪم آڻين ٿا جو نج پراڪرت آھي. ٻين هنڌ اڳياڙيءَ وارو "آ" جو اچار ڪڏي ڇڏيو اٿن، پر ٿريلي اهو اڄ تائين قائم رکيو بيٺي آھي.

۳. صفت : چڱو بدران عام طرح چون "ڀلو." مثلاً "مور ڀلو ليئو" يعني بنهہ چڱو يا اُچو وڳو. "ليئو" معنيٰ وڳو يا پوشاڪ. "گهٽو" بدران عام طور چون "گهڻ". مثلاً "گهڻ ڏينهن نہ ٿيا" يعني اجانِ ٿورا ئي ڏينهن ٿيا. (گهٽا نہ). ڪردنت ڪائڻ مان اسم حاليہ "ڪائيندو" پر ٿر جا هندو چون "ڪائندو"، ساڳي طرح چاهڻ مان "چاهيندو" پر ٿري چون "چاوندو".

۴. فعل : ٿر ۾ "وهڻ" لفظ عام طور هلڻ جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آھي. "وراندِ تائين هتي ٿيو هو، پوءِ وَهيو ڏيپلي" يعني ٿيھريءَ تائين هت هو پوءِ ڏيپلي هليو ويو. وراندِ معنيٰ ٿيھري ۽ "وهيو" معنيٰ هليو "هو" بدران "ٿيو هو" چوندا آهن. "ٿيڻ" بدران "ٿيوڻ" چون مثلاً "ائين نہ ٿيوڻ گهرجي.

"اگهڻ" معنيٰ قبول پوڻ، تنهن مان "اگهيو" پر "اگهاٽو" بہ چئبو آھي. ساڳي ريت وڪڻڻ مان وڪيو ۽ وڪاٽو. ٿر ۾ اها "آٽو" پڇاڙي هن ريت ڪم آڻين ٿا:

۱. هي نئون ڳوٺ آڏاٽو آھي – يعني اڏيو آھي.
۲. هي ڳوٺ نئون ٻَڌاٽو آھي – يعني ٻڌو آھي.

هڪ مثال ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ترتيب ڏنل ڪتاب "لوڪ گيت" ۾ "گولاڙو" جي عنوان سان ملي ٿو، ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ :ٻرين جي لڏ پلاڻ جو گهڻو اثر لاڙ ياڳي تي ٿيندو آهي، تنهنڪري هيءَ "گيت" "گولاڙو" لاڙ ۾ پڻ رائج ٿيو. شامل روايت لاڙ واري ياڳي مان ملي آهي. جا سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي ان ۾ ڪيٰ لفظ ٿري محاوري ۾ آهن. غالباً هي گيت اصل ٿري محاوري ۾ چيل هو، جو پوءِ لاڙ ۾ سنڌي محاوريٰ ۾ رائج ٿيو. (١١)

لوڪ گيت گولاڙو هت ڏجي ٿو:

وراڻي:

گولاڙي جي گول پڪي، گولاڙو
ميوو پچي تنهن جو موٺريو -- گولاڙو
مينهيون بچن تنهنجون ماٺڪيون - گولاڙو
ڏڻ بچي تنهنجي ڏونرين جو - گولاڙو
ٻئي چٽا پاڻ ٻيلهہ چڙهون - گولاڙو
لڪ چڙهيو ٻئي تڪ ڪريان - گولاڙو
هي پير تہ، منهنجي پرين جا - گولاڙو
هون تہ ريٿو ناهيان رانجهن جو- گولاڙو
هي مولهيو منهنجي مٺي جو - گولاڙو
سال ٿيا تنهنجي سانگي نان - گولاڙو
او الله آڻي احمد نان - گولاڙو

لوڪ گيت، لوڪ ڪهاڻيون، ڳيچ، ڳاهن سان ڳالهيون وغيره تي مشتمل لوڪ ادب ڊاڪٽر بلوچ گڏ ڪري لوڪ ادب رٿا هيٺ اٽڪل چاليهن جلدن ۾ شايع ڪرايو آهي. هن ادبي ذخيري ۾ ٿر جو

ڪيترو ئي مواد شامل ڪيو ويو آهي. تہ مان مليل هن ادبي خزاني تي هڪ نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ گهڻو تڻو مواد ڍاٽڪيءَ ۾ آهي. جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ جي ٿري محاوري ۾ ڪافي مواد جمع ڪيو ويو آهي تن ڄو ٿورو ڪجهہ تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

١. ڍاٽيڙو: ڍاٽيڙو ٿرپارڪر جو لوڪ گيت آهي جو عام طرح ڌنار مال چاريندي پٽن ۽ ڌهرن ۾ ڳائيندا وتندا آهن. هن گيت جي مستقل وراڻي "هيلو ڪو وري آءُ" آهي. پر بعضي "منج ڪو منجيو" (ڪو سنيهو موڪل) جي وراڻيءَ سان بہ هيءُ گيت آلاپيندا آهن. ڍاٽيڙي جي ٻي روايت وري جدا وراڻيءَ سان ملي آهي مثلاً:

تر جا تاريلا، اجان پئي جيان

ڍاٽيڙي جون مليل ٻئي روايتون هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

(١)

ساروتان سيارو مون گنديءَ ۾ گذاريو
رليءَ جي رولاڪي، ماريو ڙي ڍاٽيڙا

هيلوڪو وري آءُ ........

ٻيون تان پاٽياريون، پاٽي ٿيون پرين
هڪڙي پاٽياري ڳوڙها ڳاڙي ڙي ڍاٽيڙا

هيلو ڪو وري آءُ ........

پٽ جي پاٽياري، ڍٽ جو ڍاٽيڙو
الستي انگڙو وريو، ڙي ڍاٽيڙا

هيلو ڪو وري آءُ ........

سايون تان ڪانچون آءُ سنڌين جون ڪانيان
مون ڪي ڪتيلو گوڏير وٽيو ڙي ڍاٽيڙا

هيلو ڪو وري آءُ ........

ڳاڙهيون تان ڪتون آءُ سنڌين جون ڪانيان
مون ڪي واريءَ جو وڇاڻو وٽيو، ڙي ڏاتيڙا

هيلو ڪو وري آءُ ........

بگو تان ڏيکو، سو وڏيرن سندو
هوڙي منجهه مرندو ڏسان ، ڙي ڏاتيڙا

هيلو ڪو وري آءُ ........

(٢)

وراڻي:

ٽر جا تاريلا! اجان پئي جيان

ڪارو جو ڪنواڻ، پٽل جو پاڪڙو
سنهڙا ڪبوتر اجان پئي جيان

ٽر جا تاريلا، اجان پئي جيان

تان جون تڙيون، گجن جون گاديليون
ڏٿ جا ڏاتي، اجان پئي جيان

ٽر جا تاريلا، اجان پئي جيان

ٽر جون ٻنيون، مون ڪڏهن ڪونه ڏٺيون
تماٽا آريسر! اجان پئي جيان

ٽر جا تاريلا ! اجان پئي جيان

**٢. هاسل:** ٽر مان مليل هڪ لوڪ گيت ”هاسل“ جي روايت سنڌي ٻوليءَ جي معياري محاوري ۾ آهي، پر ڪي مصراعون ٿري محاوري (ڏاتڪي) ۾ آهن. ڏاتڪي محاوري جو سنڌي ٻوليءَ تي اثر جو هڪ اهڃاڻ طور سمجهڻ گهرجي. ”هاسل“ گيت جو پس منظر

هن ريت بيان ڪيو ويو آهي ته تعلقي ڇاڇري ۾ پريلو ڳوٺ ۾ هاسل نالي عورت رهندي هئي جنهن جي ڪنهن شخص سان محبت ٿي وئي. هو ڪنهن ٻئي واري ڳوٺ جو رهاڪو هو، سو چنچر ڏينهن پنهنجي ڳوٺ هليو ويندو هو. هاسل کي اهي جدائي وارا ڏينهن گهارڻ ڏکيا لڳندا هئا. هوءَ انهن ڏينهن تي پنهنجي دوست جي وڇوڙي ۽ انتظار ۾ ورلاپ ڪندي هئي جي آخرڪار گيت جي صورت ۾ مشهور ٿيا. هاسل لوڪ گيت جو متن هت پيش ڪجي ٿو: ورائي :

منهنجا مٺا جاني، اڄان ٿي جيئان ڙي
ور ڏي تون ورائي ڪري ڙي
منهنجا جوان جاني اڄان ٿي جيئان ڙي
منهنجا مٺا جاني، اڄان ٿي جيئان ڙي
ڪارو تان پٽڪو چورا، چوٽڪيون ڇڳون
ڇڳي ري ڇيڙ ئي منان ڪو ماري ڙي
منهنجا مٺا جاني، اڄان ٿي جيئان ڙي
تاهجا اڄا تان ڏند جاني مانهنجي هئين بندڙي
بندان ري بڇوڙي مان ڪو ماري ڙي
منهنجا مٺا جاني، اڄان ٿي جيئان ڙي
تاهجي لاکي تان لوڏ آءُ سون ۾ سجاٽان
اتي لوڏ ري ڪوڏ منان ڪو ماري ڙي
منهنجا مٺا جاني، اڄان ٿي جيئان ڙي
مٺي کي ڏٺي اڄ ٻيو ڏينهن ٿيو ڙي
مون لاءِ ڇڻ ورهيه جو وڇوڙو پيو ڙي

منهنجا منا جاني، اجان تي جيئان ڙي

پري کان ويئل آءُ پرين تي ڏسان
گهوڙا آءُ گهر ۾ تي جلان ڙي
منهنجا منا جاني، اجان تي جيئان ڙي

اهو ڏينهن نياڳو شل موتي مرَ اچي
چنچر تو وچوڙا وجهي ڙي
منهنجا منا جاني، اجان تي جيئان ڙي

مارو ڙي ورساڙو هون سکتي رهي
ڦکا مارڻ کيتر ئي تون آئي ڙي
منهنجا منا جاني، اجان تي جيئان ڙي

ستين تان ڏينهن تون گامڙلي تو جائين
مانهنجي چولي ري چينتلڙي لائي ڙي
منهنجا منا جاني، اجان تي جيئان ڙي

ڦوڳان مين ڦر تي مين تنان پئي ساريو
سجو ڏينهن روئي روئي لڙڪ پئي هاريان ڙي
منهنجا منا جاني، اجان تي جيئان ڙي

کالهه تان سجو ڏينهن مين پيلوڙا چونديا
جوئي جوئي ٿاهوکا مني ري لائي ڙي
منهنجا منا جاني، اجان تي جيئان ڙي

جاني لاءِ چوتري ۽ کتلڙي وڇائي
آڏي رو اتيو هُون پيڙي ئي سوئان ڙي
منهنجا منا جاني، اجان تي جيئان ڙي

پيون تان سرتيون اڄ سيئي سرهيون

تاهجي ”هاسل“ تان ويڳاڻي وتي ڙي
منهنجا منا جاني، اجان تي جيئان ڙي

٣. ڪاڳڙو: محمد عثمان ڏيپلائي صاحب جي گڏ ڪيل ٿر جي گيتن ۾ ڪي گيت سنڌي ٻوليءَ جي ٿري محاوري جا بهترين مثال آهن. ”هڪ لوڪ گيت ”ڪاڳڙو“ پيش ڪجي ٿو، جنهن جي ٻوليءَ مان ٿر جو هڳاءُ ايندو:

ڪوني متي ڪاڳڙو، لنيو ڏي لاٿنين
پڇي ٻاڙي وارئين، مام، ڪاڳ ڪچاڙو چوءِ
ڙي ٻڙا ڪاڳڙا تون اڏامي وڃ
آءُ ويني وس گهران پنهنجي وڳر تہ شال وران
اڇي ميڙي اوجلي جنهن ۾ لڳي تڏو واءُ
ڪتيان ويني چونٺن ۾، آيم مويي ياءُ
ڙي ٻڙا ڪاڳڙا تون اڏامي وڃ
ماڪيءَ مني مصري، منو ماءُ وياءُ
مني پرڏيهہ سوڪڙي، منو مويي ياءُ
ڙي ٻڙا ڪاڳڙا، تون اڏامي وڃ
ماءُ تہ مون ڪي موڪليو وٺيءَ ۾ آمون
آمون ڪاڌم ٻيت ۾، روٽيءَ جي نشاني
ڙي ٻڙا ڪاڳڙا، تون اڏامي وڃ
آڇو آ ٻيچڻ چانپ سين، مڪو منهنجي ماءُ
مرڪي ڪنديس متي تي، اوچتيئن ڪوڏ منجهاءُ
ڙي ٻڙا ڪاڳڙا، تون اڏامي وڃ (١٢).

٤ . لاڏيلو: ٻيچن جي حوالي سان رائچند لکي ٿو تہ ٿر ۾ هندو ۽

مسلمان رهن ٿا، جن جون جدا جدا ذاتيون آهن ۽ اهي تر جي جدا جدا پاڙن ۾ رهن ٿا. جدا جدا رهائش جي ڪري جيئن ٻوليءَ ۽ پهرڻ ويس ۾ تورو گهڻو تفاوت آهي، تيئن جيڪي ڳيچ مڱڻي ۽ شاديءَ وقت ڳايا وڃن ٿا تن ۾ به مضمون جي سٽاءَ، ٻولي ۽ ڳالهائڻ جي نموني وغيره ۾ به تفاوت آهي. هندن ۽ مسلمانن جي گيتن ۾ گهڻو تفاوت آهي. هندن جي گيتن ۾ ڍاٽڪي ۽ مارواڙي ٻولي ڪم آندل آهي، جڏهن ته مسلمانن جي ڳيچن ۾ سنڌي ٻولي ڪم آندل آهي (١٣). رائچند صاحب جي گڏ ڪيل ڳيچن، جهڙوڪ ڪوئل، لاڏيلو، مور ڪنورو، نيپوجهر ۽ ڦوٽاٽو وغيره ۾ صرف هڪ ڳيچ "لاڏيلو" سنڌي ٻوليءَ جي تري محاوري ۾ آهي ٻيا سڀ ڍاٽڪي ۽ مارواڙي ۾ آهن. هت لاڏيلو نموني طور درج ڪجي ٿو:

سائي سَر جو رومال، ڏوهڻ ڏوئي ڏي رومال
پورل پاءُ جو رومال، ڏوهڻ ڏوئي ڏي رومال
پرتاب پاءُ جو رومال، ڏوهڻ ڏوئي ڏي رومال
ويندو گهڙائي لاڏو سون جو
ويندو گهڙائي پرتاب سون جو
سون سان سنڙو رومال، ڏوهڻ ڏوئي ڏي رومال
ٻولي گهڙائي لاڏو سون جي
ٻولي گهڙائي پرتاب سون جي
سون سان سنڙو رومال، ڏوهڻ ڏوئي ڏي رومال
دوهري گهڙائي لاڏو سون جي
دوهري گهڙائي پرتاب سون جي
سون سان سنڙو رومال، ڏوهڻ ڏوئي ڏي رومال

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي لافاني ڪلام ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٿري محاوري جا ڪيترائي اهڃاڻ ملن ٿا. لطيف سائين ڪڇ ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ڪان موٽندي ٿر مان بہ ٿيندو آيو هو. ٿر جي ماروئڙن جي مسڪين حال توڙي مال ڪان واقف ٿي آيو هو. نہ رڳو ڪيئي ٿري اکر اتان جهڙي رساليَ ۾ ڪم آندائين، پر ڪيترائي ٿري ٻهاڪا ۽ اصطلاح بہ پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪيا اٿائين. جهڙوڪ ٿري ماڻهو هڪ ٻئي کي ڪيڪارڻ مهل ”خيرڪين“ چوندا آهن، شاهہ صاحب چيو آهي:

”ڪمندڙن خير ڪين، چوندڙن چڱا نہ ٿيا“

اهڙي طرح ٿر ۾ ”نڪو اير نہ ڀير“ چوڻي عام آهي، اها چوڻي بہ سر مارئي جي هن شعر ۾ آهي:

نڪو اير نہ ڀير، نڪو اوٺي آئيو،
مون وٽ آيو ڪونہ ڪو، پائران پري ڀير
ڪتابتون ڪير، آٿي ڏيندم ان جون.

سر مارئي جا ڪردار، مارئي، عمر، ڪيت وغيره ٿر سان تعلق رکن ٿا. ساري سُر ۾ ٿر جي ماروئڙن جي رهڻي ڪهڻي ۽ رسم رواج جو ڀرپور ذڪر ڪيل آهي. اهڙي پس منظر واري ڪلام ۾ ٿري لفظن جو ڪيترو ذخيرو ملڻ، ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ نہ آهي. سر مارئي توڻي سر سارنگ ۾ ڪيترائي ٿري محاوري جا لفظ ملن ٿا، جن ۾ ٿر جي جاين، ڀٽن، ڏهرن، ڪوهن، گاهن، ڪاڇن، ويس وڳن جا نالا شامل آهن. هت شاهہ لطيف جي ڪلام جون چند سٽون خدمت ۾ پيش ڪجن ٿيون:

منهنجو هينئڙو سنگهارن ساري

هوءِ جي ويجها رهن وس کي

---

مران شال ملير ۾ گولن سان گذاري

---

آءُ ته اکين اگهان، جي پائر ڏنءِ پير

---

آئون جيئندي ڪيئن ؟ جڏهن ترو جي تاتا ڪيا

---

تر تر اندر تاڪ، عمر! ماروئڙن جا
لاتائون لطيف چئي متان لوئيءَ لاڪ.

---

تر تر اندر تانءُ، ونهين ويڙهيچن جو

---

سهسين سيا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿيام
اباڻين جي آسري ڪتي ڪانه ڪيام
جا ڏٺ ڏکيام، تنهن جو پرور پن رهائين.

---

ور سي وطن چائيون، صحرا ستر جن
گولاڙا ۽ گگريون اوچڻ اباڻن
ويڙهيا گهمن وليين جهانگي منجهه جهنگن
مونکي ماروئڙن، سچ ڳٺائي سيج ۾

---

ڪارا ڪيڙ ڏيه ۾، پيا واريءَ منجهه وٿاڻ

---

منهنجو تور تلين ۾، چيها ٿو چاري
ٻاٽي ٻٽ ڏاري، آهه اٽي مينهڙي

---

لوئي ۾ لائون، مون مارن سين لڌيون
ڪاڄ ڪٽيرين سفرو، سگهر ۽ سائون
سا ڪيئن ڪائي ڪارڪون، جنهن ڪي ڏونرا
ڏاڄ ڏنائون
مانڌاٺو ۽ مڪٽي، قوت جنهن جو سائون

هنن سٽن مان معلوم ٿيندو ته لطيف سائين ڪيترائي ٿري لفظن جا موتي چونڊي پنهنجي ڪلام کي سينگاريو آهي جهڙوڪ:

گولا، گولاڙا، گگريون، ياٺر، ٽاٽا،
لوئي، لاڪ، ويڙهيچا، سيبا، ڪتي،
ٻٽ، ڪارا ڪپڙ، وٿاڻ، تليون، چيها،
اٽي، مارو، ڪتيري، ڪتيرو، سگهر، سائون،
ڏونرا، که، مانڌاٺو، مڪٽي، ڏٽ، للر، لنب،
آراڙي، ڦوڳ، ڪاٺونبا، پپون وغيره.

هي سمورا لفظ ۽ ٻيا ٿري لفظ گڏ ڪري هن ڪتاب ۾ ضميمي طور شامل ڪيا ويا آهن. (ڏسجي ضميمو الف).

سنڌي ٻوليءَ جو ٿري محاورو، هڪ سنڌي ناٽڪ ”بدنصيب ٿري“ ۾ بخوبي استعمال ڪيو ويو آهي. جناب محمد اسماعيل عرسائي جي تحرير ڪيل هن ڊرامي جو هڪ مکيه ڪردار چنيسر نالي ٿر مان آيل هڪ مسڪين، ڏڪار جو ماريل ڳوٺاڻو آهي، جيڪو

سچي ڊرامي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٿري محاوري ۾ ڳالهائي ٿو. جڏهن ته ٻيا ڪردار ميرپور خاص شهر جا سيٺ ۽ نوڪر وغيره معياري سنڌي ڳالهائين ٿا. چنيسر جي واتان چوايل هن ڊرامي جا ڪجهه مڪالما هن ريت آهن:

١. نه ، ڙي سيٺ، چوري مونجي ڪتي جو به وڙ نانهه، اسان مارو ماڙو پرائي شئي کان پچ پري وو ! اي ڪم آن سنڌين جو

٢. او هتان نه ڍري پوندين ٿر کي ته ڏوهه ٻارهان پٽون اڪري، اربابين واريءَ ترائيءَ متان، اوڊائي متان، ڇچ متان، چپٽهار متان اُڪري هترائي واري سن متي او اوپرنڊينءَ پٽ متي چونرڙا نظر ايندءِ. او اُتي ڇيلڙا وينو وينڙا ڏينهڙا گهاريون.

٣. ياڻي شُحر آهي سيٺ وٺ ٻيو چندٻ ٿو ڏسجي. مال متي پورهيو ڪري ڳويون به متاريون ڪيون آم، پوءِ به سيٺ ذري ڪري ٿو ڏمر، چوي ته تون آهين صفا چٽ بيوقوف، اسين لسيءَ لپ جي سوهنج تي اتڪيا پيا آهيون نه ته، پاڙي وارا پاڻيءَ ڪاڻ گهٽيئي پيا پڪارين، اسين مارو ماڙهو، تڙين متان پاڻي پرڻ جا مهندئي ملوڪ آهيون.

ٿر جو صحرا ضلعي ٿر، ضلعي سانگهڙ، ضلعي خيرپور ۽ ضلعي سکر کان علاوه راجستان جي ڪجهه علائقن تي مشتمل آهي. سموري ٿر ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٿري محاورو ۽ ڍاٽڪي محاورو عام رواج ۾ آهن. سنڌ واري علائقي ۾ سنڌي ٻولي وڌيڪ اثرائتي نموني موجود آهي، جڏهن ته راجستان واري حصي ۾ مارواڙي ٻولي وڌيڪ اثرائتي آهي. ٿر جي سنڌ واري حصي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ٿري محاورو رابطي واري ٻوليءَ جي حيثيت اختيار

ڪري چڪو آهي، سنڌي ٻوليءَ جي ٿري محاوري جي اهميت جي پيش نظر لساني جاگرافي جي جديد اصولن تحت وڏيڪ کوجنا ڪرڻ جي بيحد ضرورت آهي، ڪيترن عالمن هن محاوري کي الڳ طور هڪ محاورو ڄاتو (Identify) ئي نہ آهي. ڀيرومل ۽ ڏاڙچند درست بيان ڪيو آهي پر گريئرسن ۽ داد محمد بروهيءَ "ٿري" نالي سان جيڪو محاورو پيش ڪيو آهي، سو ڍاٽڪي محاورو الڳ حيثيت رکي ٿو.

گريئرسن ٿاريلي محاوري نالي سان ٻہ نمونا (Specimen) ڏنا آهن. هڪ ضلعي ٿرپارڪر مان ٻيو جيسلمير مان، ٻئي ڍاٽڪي محاورا آهن، جڏهن تہ ٿر جي سنڌي ٻوليءَ جو ڪوبہ نمونو (Specimen) ڪونہ ڏنو آهي. ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ بہ ٿري محاوري جي سري هيٺ گهڻو تڻو ڍاٽڪيءَ جو احوالُ ڏنو آهي. حالانڪہ پاڻ صفحي نمبر ۲۴ تي ڏنل مثالن ۾ هيٺين ريت ٻہ ٻہ اکر استعمال ڪيا آهن:

موجو / مانرو، تونجو/تانرو، ڪئينجو / ڪيئنرو (۱۵).

ان مان صاف سمجهڻ گهرجي ها تہ موجو، تونجو، ڪئنجو لفظ سنڌي محاوري جا آهن، جڏهن تہ مانرو، تانرو ۽ ڪيئنرو لفظ ڍاٽڪي محاوري جا آهن. ٿر ۾ سنڌي ٻوليءَ جو محاورو ۽ ڍاٽڪي محاورو ٻہ الڳ الڳ محاورا موجود آهن. اهڙو احساس غالباً ڊاڪٽر داد محمد کي ڪونہ ٿيو.

سنڌ جي سرحد پار، سنڌ سان لاڳو راجستاني علائقن ۾ مارواڙي ٻوليءَ سان گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ جو ٿري محاورو بہ رائج آهي.

گريئرسن جو چوڻ آهي تہ جيسلمير جي ٿاريلي محاوري تي سنڌي ٻوليءَ جو وڏيڪ اثر آهي. نسبتاً ٿرپارڪر جي ٿاريلي محاوري جي. (١٦). ان مان سمجھجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي ٿري محاوري جا ڪافي اثرات سرحد پار وارن راجستاني علائقن ۾ بہ موجود آهن. هنن علائقن جو لساني جائزو/ سروي ڪرڻ موجوده دور ۾ نهايت مشڪل آهي، تنهنڪري اتي سنڌي ٻوليءَ جي اثرات جو صحيح صحيح اوک ڊوک ڪرڻ بہ ايترو ئي مشڪل آهي. اهوئي سبب آهي جنهن ڪري پنهنجي هن اڀياس جو دائرو صرف سنڌ تائين محدود ڪيو ويو آهي.

## حوالا


١. پيرومل مهرچند آڏواڻي، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، ١٩٥٦، ص - ٩١

٢. ڊاڪٽر غلام علي الانا، "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي". ١٩٨٣، ص -٩

٣. داد محمد خادم بروهي، "سبي خطي ۾ سنڌي زبان جي محاورن جو لساني جائزو، " پي ايچ ڊي ٿيسز، ١٩٩٠، ص- ٢٢٠ کان ٢٣٢

٤. پيرومل مهرچند آڏواڻي "سنڌي ٻولي جي تاريخ، " ١٩٥٦، ص -١٤٠

٥. رائچند هريجن، "تاريخ ريگستان" ڀاڱو پهريون ١٩٧٥، ص -٥٢٦

٦. پيرومل مهرچند آڏواڻي، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، ص- ١٤٣

٧. ايضاً، ص -١٤٦

٨. رائچند هريجن، "تاريخ ريگستان" ڀاڱو پهريون، ص-١٤٠

٩. پيروم مهر چند آڏواڻي، "سنڌي ٻولي جي تاريخ"، ص-١٤٣

١٠. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 'لوڪ گيت"، ١٩٦٥، ص -٣٠١

١١. محمد عثمان ڏيپلائي، "سه ماهي مهراڻ" ١/ ١٩٥٦، ص-٣٢

١٢. رائچند هريجن، "تاريخ ريگستان" پهريون ڀاڱو، ١٩٧٥، ص-٢٩

١٣. Greson, G.A. Linguistic Survey of India ,Vol.III Part I, P. 145

١٤. داد محمد خادم بروهي، "سبي خطي جي سنڌي محاورن جو لساني جائزو" پي ايڇ ڊي ٿيسز. ١٩٩٠، ص-٢٤٠

١٥. Greson G.A Linguistic Survey of India Vol. VIII Part I- P.143

# باب ٽيون

## ڍاٽڪي محاورو

ڍاٽڪي يعني ڍٽ جي ٻولي، ٿر جو هڪ اهم محاورو آهي، جيڪو سموري ٿر ۾ مستعمل آهي. "ڍٽ" راجستاني ٻولين جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي رڻ پٽ، صحرا، يا ريگستان. هن محاوري جي باري ۾ ننڍي ڪنڊ جو نامور ماهر لسانيات سرجارج ابراهم گريئرسن پنهنجي مشهور ۽ معروف ڪتاب "لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا" جي جلد ائين ۾ لکي ٿو:

ٿاريلي نالو آهي سنڌي ٻوليءَ جي ان روپ جو جيڪو ٿر جي ريگستان ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. "ٿر" سنڌ جي اوير پاسي واري سرحد تي هڪ رڻ پٽ آهي، جيڪو سنڌ کي راجپوتانا جي رياست مارواڙ کان ڌار ڪري ٿو. هن محاوري کي "ترِيچي" به چيو ويندو آهي. مارواڙ ۾ رڻ پٽ کي "ڍٽ" سڏيو ويندو آهي. اتان جي محاوري کي "ڍاٽڪي". بهرحال جنهن به نالو سان هي محاورو سڏجي ٿو، آهي سنڌي ۽ مارواڙي ٻوليءَ جو ڳاڍڙ ساڌڙ محاورو. مختلف هنڌن تي ٿورو ٿورو فرق اٿس جنهن جو سبب ٻنهي مان ڪنهن هڪ ٻوليءَ جو وڌيڪ اثر هجڻ آهي. (١)

سنڌي ٻوليءَ جي ماهر ڀيرومل مهرچند آڏوائيءَ جي راءِ موجب "نڪر (راجپوت)، ڪراڙ (واڻيا) مينگهواڙ ڀيل وغيره اصل راجپوتانا ۽ گجرات طرف کان آيا آهن. ٿر کي ڪڇ ، راجپوتانا جو ڀاڱو (مارواڙ ۽ جيسلمير) ۽ ننگرپارڪر کي پالنپور رياست (گجرات

جو طرف) ويجها آهن. ٿر جي ڪيترن ماڻهن جي انهن سيني هنڌن جي رهاڪن سان لهه وچڙ گهڻي آهي. انهن سببن ڪري، سنڌي، راجستاني ۽ گجراتي ٻولين جي ميلاپ منجهان ٿر ۾ هڪ ٻنهه ٽئين قسم جي ٻولي نهي پئي آهي جا ”ڍاٽڪي“ يعني ڍٽ يا ٿر جي ٻولي سڏجي ٿي. اها ڳاڍر ٻولي راجستاني ٻولين جي دفعي ۾ ليکجي ٿي .... ڍاٽڪي ٻولي گجراتيءَ کي گهڻو ويجهي آهي. (٢)

ٿر جي باري ۾ رائچند هريجن صاحب جي راءِ معتبر سمجهي ويندي آهي. هو صاحب پنهنجي ڪتاب ”تاريخ ريگستان“ ۾ ”ڍاٽڪي“ جي باري ۾ لکي ٿو: ”سيئي ٿري ماڻهو ڪو ڍاٽڪي ٻولي ڪونه ڳالهائيندا آهن. لهاڻن کان سواءِ باقي ٻيون سڀ هندو ذاتيون ڍاٽڪي ٻولي ڳالهائينديون آهن. مسلمان ۽ لهاڻا سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن تہ بہ ڍاٽڪي ٻولي ڳالهائي ۽ سمجهي سگهندا آهن.... ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ بہ ٿر جي جدا جدا ڀاڱن جي رهاڪن جي وچ ۾ لفظن جو ڪجهہ نہ ڪجهہ تفاوت ضرور آهي. چوندا آهن تہ ”يارهين ڪوهين ٻولي ٻي“... ڍاٽ جا گهڻا رهاڪو اصل مارواڙ کان آيل آهن، تنهنڪري اتي مارواڙي ٻوليءَ جو اثر آهي. مهراڻو ناري کي ويجهو آهي، تنهنڪري اتي سنڌي ٻوليءَ جو اثر وڌيڪ آهي. ڍاٽڪي درحقيقت ڪا خاص زبان ڪانهي، پر مارواڙي، گجراتي، ڪڇي ۽ سنڌي وغيره ٻولين جي ڳاڍڙ صورت جي ٺهيل آهي. (٣)

پيٽر گرينگر ۽ نيٽا گرينگر سنڌ جي ٻولين جو ابتدائي جائزو (A Prelimnary survey of Languages of Sindh) ورتو آهي، جنهن ۾ هنن ٻين ٻولين ۽ محاورن سان گڏ ڍاٽڪي محاوري جي ٻن نمونن (١) ٿري ۽ (٢) راجستاني سميت، جو ٻاڻ ۾ تعلق جو اڀياس ڪيو

آهي. هنن لکيو آهي:

”جيڪڏهن ڍاٽڪي محاورو مارواڙي ٻولي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو گڏ وچڙ روپ آهي، جيئن گريئرسن جو به خيال آهي، اسين به هن نتيجي تي پهتا آهيون ته ڍاٽڪي محاورو سنڌي ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ مارواڙي ٻوليءَ کي گهڻو ئي قريب آهي. ڍاٽڪي محاورو انهن تنهي مارواڙي محاورن جي ڪافي قريب آهي جن کي اسان پنهنجي مطالعي دوران استعمال ڪيو آهي. ڍاٽڪي جي محاورن کي ڌار ڌار محاورا تصور ڪيو وڃي يا ڪين مڪمل ٻوليءَ جو درجو ڏنو وڃي، اهڙي فيصلي ڪرڻ لاءِ اسان کي تفصيلي ۽ باقاعدي مطالعي جي ضرورت پوندي (۴).

پيٽر ۽ نيتا جي پيش ڪيل نتيجن ۾ ڏيکاريل آهي ته معياري سنڌي ٻولي ۽ ٿري ڍاٽڪي محاوري جي وچ ۾ سٺ سيڪڙو لفظن جي هڪجهڙائي موجود آهي. جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ ۽ راجستاني ڍاٽڪي محاوري جي وچ ۾ اوڻهٺ سيڪڙو لفظن جي هڪجهڙائي موجود آهي. ساڳئي وقت مارواڙي محاورن ۽ ٿري ڍاٽڪي محاوري ۾ ٽياسي سيڪڙو هڪجهڙائي موجود آهي ۽ مارواڙي محاورن ۽ راجستاني ڍاٽڪي محاوري ۾ اسي سيڪڙو هڪجهڙائي موجود آهي. هن نتيجي جي آڌار تي پيٽر ۽ نيتا اهو چوڻ ۾ حق بجانب آهن ته ڍاٽڪي محاورا سنڌي ٻوليءَ جي ڀيٽ ۾ مارواڙي ٻوليءَ جي وڌيڪ قريب آهن. (۵)

سنڌي ٻوليءَ جي معياري محاوري ۽ ڍاٽڪي محاوري ۾ جيڪي خاص خاص صوتي ۽ صوتياتي (Phonetic and phonological) فرق آهن تن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

پري بدران ڍاٽڪيءَ ۾ چون ”اگهو“ ۽ اگهو تي معنيٰ پري ٿي.
عام طور تي ۾ ”هائو“ بدران ”هوئي“، ” آهي“ بدران ”آهي“، ”هو“ بدران ”هتو“ چون.

نون غني جو آواز ڪن لفظن ۾ ڪونہ ڪن. ”تنهنجو“ بدران ”توهجو“، منهنجو بدران ”مهجو“ چون.

اسم خاص جي پنيان ”يو“ پڇاڙي گڏي اسم تصغير ڪندا آهن. خاص ڪري نالن پنيان آئين ڪن. ”هيرو“ بدران ”هيريو“، ”رامو“ بدران ”راميو“. مسلمان نالن پنيان بہ ائين ڪندا آهن، ”احمد“ بدران ”احمديو“، ”سومار“ بدران ”سوماريو“، ”نُورو“ بدران ”نوريو“ چون. مون، آءٌ، پاڻ بدران، مين، هون، آپ چون. ”مون ڪتاب پڙهيو هو“ بدران چون ”مين ڪتاب پڙهيو هتو.“

آءٌ ڪونہ ويندس ”بدران چون ”هون ڪونهي جائون.“ آءٌ پاڻ ويو هوس“ بدران چون ”هُون آپ گيو هَئو“، ”پَڻ“ لفظ حرف جملو ڪري ڪم آڻين. آءٌ آيو هوس، پر تون ڪونہ هئين بدران چوَن ”هون آيو هتو پڻ تون هتو ئي ڪونهي.“

مارجي ويو، وڍجي ويو، ڦرجي ويو بدران چون ماراڻو، وڍاڻو، ڦراڻو وغيره. ڍاٽڪي ۽ سنڌي اکرن جي ڀيٽ ڪري ڏسجي تہ اکر هن ريت آهن:

| سنڌي | ڍاٽڪي |
|---|---|
| هُتي | اُت، اُتڪڻ |
| هوس | هَتو |
| هيڏانهن | ايڻ |
| ڪيڏانهن | ڪيڻ |
| پوئتي | پَڇو |

ڪي لفظ جي ڍاٽڪيءَ ۾ گهٽو ڪم اچن ٿا، جيئن تہ آپارڻ = همتائڻ، آهار = کاڌو، انچو = گهٽو ، آجڪو = گذران، اتيسار= گهٽو، اوپالو = ڏوراپو، اوجهڙ = رستي کان سواءِ، ڦدولي = اجائي ڳالهہ، آٿاٺو =آچار، اپٽيو = وائريو، ڪڙچي =ڪٽچي، جاڪيو = روڪيو، ٿوڙهو = ٿورو، اورکيو = سچاتو، ٿگايو = اچلايو، پگ =پير، ٻائڙي = عورت، لُگائي =زال، ڏونگهري = بصر، اب گهڙي = يڪدم، اپوٺاريو = ڪم ۾ رڌل، هاڏو =ڪانءُ، آپوهيو =اڌ پڪل، اک ريل =پڪل، آرساٺو =سُستي، سوري = سرڻ، چس = مزو، هاسيڪار = اڳو پوءِ، چِڙڪلي =جهرڪي، سساڏو =لذت وارو.

ڍاٽڪي ۾ زور پرائيندڙ حرف يعني (Particle of Emphasis) بہ موجود آهن انهن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(۱) پَرهو – پَرتي — پَرهيڪو – اجان پرتي
(۲) نيڙو – ويجهو — نيڙڪو – اجان ويجهو
(۳) چيڪو – تڪڙو — چيڪيرو – اجان وڌيڪ تڪڙو
(۴) موٽو – وڏو — موٽيرو – اجان وڏو
(۵) ارهيو – اورتي — ارهيڪو – اجان اورتي يا گهٽو اورتي. (٦)

ڍاٽڪي ۾ ڳڻڻ جا انگ هن ريت آهن:

هيڪ، ٻہ، ٽن، چار، پنچ، چهہ، سَت، آٺ، نوءُ، ڏس ، اگياري، ٻَارهي، تيرهي، چئوڏي، پَنرهي، سورهي، سَترهي، اڍارهي، اُگٽيس ۽ ٻيس وغيره.

رائچند جي خيال ۾ هي انگ نج پراڪرت لفظ آهن ۽ هوبهو ڪم اچن ٿا. رائچند هريجن ڍاٽڪي ۽ سنسڪرت جا ڪي هوبهو

يعني تتسم لفظ ڳولهي ڪڍيا آهن ۽ ڪي ٿوري مٽ سٽ سان يعني تڏيو بہ ٻڌايا آهن، سي هن ريت آهن:

**مانس:** نج سنسڪرت لفظ آهي جو گوشت جي بدران هوبهو ڪم اچي ٿو.

**سگهرو:** شاديءَ بعد چون هاڻي سگهرو ٿيو آهي، س = چڱو، گهرو = گهر وارو.

**ڌان:** سنسڪرت لفظ ڌانيہ، ڍاٽڪي ۾ اناج کي ڌان چون.

**سڌان:** س – چڱو، ڌان – اناج، چڱو اناج. ڪٽڪ ۾ چانورن کي ٽري سڌان چون جو ٻاجهري ۽ جوئر وغيره کان چڱو اناج آهي، اهو بہ نج سنسڪرت لفظ آهي.

**ڪوي:** شاعر کي ڍاٽڪي ۾ چون، اهو نج سنسڪرت لفظ آهي.

**گوئينتر:** سنسڪرت جو اصل لفظ "گوموتر" يعني ڳانءِ جو مٽ، جو ڍاٽڪي ۾ ڦري ٿيو آهي گوئينتر،جو ٿر ۾ اڄان چالو آهي.

**جم:** سنسڪرت ۾ موت جي ديوتا کي "يم" چون جنهن جو اُچار ٽري ڪن "جَم"، جم معنيٰ طاقت وارو، زور آور. عام طرح چوندا آهن "آپ سين ڏاڍو جم برابر".

**ٿان:** سنسڪرت لفظ سٿان، سنڌي ۾ آستان معنيٰ جاءِ، ڍاٽڪيءَ ۾ آستان ۽ ٿان چون. هي ستين جو آستان آهي "اِي سَتيان رو آستان آهي". هي پابو جو ٿان آهي ڍاٽڪي ۾ چون "اِي پابو رو ٿان آهي".

**لــلاڙ :** سنسڪرت لفظ للاٽ، سنڌي ۾ نرڙ / نراڙ، ڍاٽڪي ۾ چون للاڙ.

**ماس:** مهيني کي ماس چون جو نج سنسڪرت لفظ آهي ۽ هوبهو

ڪم اچي ٿو. مينهن ڪي وٺي ۽ مهينا ٿيا" ٿري چون مِيهه وٺي ناں ۽ ماس ٿيا.

آڳاس: "آڪاش" ٺيٺ سنسڪرت لفظ آهي جنهن کي چون آڳاس يعني اڀ. "آڪاش ۾ تارا پيا ٽمڪن" کي ڍاٽڪيءَ ۾ چون "آڳاس ۾ تارا پيا ٽمڪين".

ڏيو: سنسڪرت لفظ ديو، ديوتا.

ٻهو: زال کي ٻهو چون.

سسهرو: سنڌيءَ ۾ سهرو.

ساسو: سنڌيءَ ۾ سَسُ.

ساسرو: سنڌي ۾ ساهرو.

اهي هندي ٻوليءَ جا لفظ آهن جي هوبهو ڪم اچن ٿا. ڍاٽڪي لفظن جي ذخيري کي گڏ ڪري هن ڪتاب ۾ ضميمو "الف" طور شامل ڪيو ويو آهي. تازو ئي ١٩٩١ع ۾ ڍاٽڪي کي لکڻ پڙهڻ لاءِ ٽي ڪتابڙا حيدرآباد ۾ "نئين بنيادين" نالي مسيحي مشينري اداري پاران ڇپايا ويا آهن:

(١) ڍاٽڪي اکر آن قوتو

(٢) ڍاٽڪي پڙهو ! پهلڪو ڪتاب

(٣) اوهين سنڌي پڙهي ڍاٽڪي پڙهو

ڍاٽڪي الف بي ۾ هيٺين ريت ٣٣ اکر رکيا ويا آهن:

آ، ب ٻ پ ت ٿ ٽ ٺ ڀ، ج جه ڄ ڃ،

د ڌ ڏ ڊ ڍ، ر ڙ ڙه س ق، ڪ ک گ گه، ل م ن ڻ، وھ .

مٿي ڏنل الف بي مان ڍاٽڪي لکڻ لاءِ عربي جا سمورا خاص آوازن وارا اکر، ث، ح، ذ، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف ۽ ق شامل نه

ڪيا ويا جڏهن تہ سنڌيءَ جا بہ چوسنا آواز (Implosives) ڄ ۽ ڳ بہ شامل ڪيل ڪونهن ۽ نڪاوان آواز ڃ ۽ ڱ بہ ڍاٽڪي محاوري جي صوتياتي سرشتي ۾ نہ ڏنا ويا آهن. ڍاٽڪي ۾ (ش) جو گِسِٽو (Fricative) آواز ۾ بہ ناپيد آهي، جنهن جي بدران (س) ڪم آڻيندا آهن. ڍاٽڪيءَ جي هن الف بي ۾ فارسيءَ جا ٽئي اکر پِ، چ ۽ گ رکيا ويا آهن. هڪڙو مخصوص آواز ڍاٽڪيءَ جو رکيو ويو آهي سو آهي ڙ، جيڪو حقيقت ۾ (ڙ) جو وسرگ آواز آهي. ڍاٽڪي ۾ هر، ڪوڏار ۽ تارو (معني تالو) لفظن ۾ هيءُ آواز موجود آهي ڍاٽڪي ۾ ڪي سر (Vowel) بہ بدليل آهن:

لاڏو آيو اهي

مانهجو نان گلاب اهي

"اهي" ۾ آخري سر سنڌي ۾ نہ آهي. ڍاٽڪي ۾ هي سر ٽورو مثيل آهي يعني تہ ڪجهہ ننڍو ڪري اچاريو ويندو آهي.

ڍاٽڪيءَ ۾ جملا آهن:

تِلوڪ اِسڪول جائي تو

سِيتا اِسڪول جائي تِي

هتي "تو" ۽ "تيِ" سنڌي جي "ٿو" ۽ "ٿي" جون بدليل صورتون آهن، سنڌي آوازن سان وسرگائيءَ ڪي حذف ڪيو ويو آهي يعني (ٿ) کي بدلائي (ت) ڪيو ويو آهي. ڍاٽڪي ۾ ڪيترا لفظ معياري سنڌي جا موجود آهن، ڍاٽڪي محاورو ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سِٻنڌ تاريخي اعتبار کان ڪافي پراڻو ۽ پختو آهي. ٻنهيءَ جي صوتي، صوتياتي صرفي ۽ نحوي سرشتي ۾ هڪجهڙائي هئڻ کان علاوه ڪافي اثرات لفظي ذخيري تي بہ پيا آهن. ڍاٽڪي ۾ ڪي

هوبهو سنڌي لفظ بہ ملن ٿا ۽ ڪجھہ بدليل صورت ۾ بہ ملن ٿا، جھڙوڪ :

| سنڌي | ڍاٽڪي |
|---|---|
| ڄڃَ | جانِ |
| ڏيگا | ڏَگا |
| ڳانءِ، ڳئون | گا |
| ڳوڙري | ڪوڙِري |
| پيرون | پِيلو |
| مگٺهار | مَنگٺيار |

شاھہ جي رسالي ۾ ”سر ڍولا مارو“ جي عنوان سان ڍاٽڪي ڳاھن وارا بيت قلمبند ٿيل آھن جي غالباً ٻئائي صاحب ٻڌا ۽ بعد پنھنجين ڪچھرين ۾ پاڻ پڙھيا ۽ پوءِ فقيرن لکي رسالي ۾ شامل ڪيا (٧). سر ڍولا مارو جو پھريون بيت ھيءُ آھي :

اتر واءُ ڪِوندي، ڀهلي موسم ميه
ٻالاپڻ رو نيه، ڍولا جِم وِسارِيين

”جِم وساريين“ معنيٰ متان وسارين، ٻئي لاڙ جا لفظ آھن. اھڙا ٻيا ڪيترائي سنڌي لفظ هوبهو ڍاٽڪيءَ ۾ موجود آھن. ڍاٽڪي محاوري جا ٿوري تعداد ۾ لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا آھن، ان سلسلي ۾ پيرومل لکي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڍاٽڪي لفظ گھٽا ڪينھن جو ڍاٽڪي ڳالھائيندڙ سنڌ ۾ گھڻو تڙي پکڙجي نہ ويا آھن. عمر مارئي جي قصي مشھور ھئڻ سبب سنڌي ۾ ”مارو“ لفظ عام ٿيو آھي جو ڍاٽڪيءَ جو لفظ آھي ۽ معنيٰ اٿس ”ٿري مالدار“ جي مال جي چاري سانگي ڪڏھن ڪٿي تہ ڪڏھن ڪٿي گذارين ٿا.

خود "مارئي" ڍاٽڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ معنيٰ اٿس "مارو لوڪن جي نياڻي". هڪ ٻيو لفظ "توري" ڍاٽڪي جو آهي جيڪو شاهه جي ڪلام ۾ هن طرح آيو آهي:

"تون لنگهائين لطيف چئي ٽَرن جا توري"

"توري" لفظ جي معنيٰ آهي "شڪاري"، پر عام طور ٿر ۾ ٻيلن کي "توري" سڏيندا آهن ۽ اهي اڇوتن جي دفعي ۾ ليکبا آهن. "توريءَ"، جو مونث سنڌي ۾ آهي "تورياڻي"، جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي:

ماڙهو چونم مي آءٌ هيرياڻي آهيان

مون ور سرتيون سي، جي توورياڻيون ٿرن جون.

شاهه جي سر "ڍولا مارو" ۾ آيل هڪ وائي ۽ ١٧ بيت هن ڪتاب جي آخر ۾ ضميمو "ج"۾ ڏنا ويا آهن.

"ڍاٽڪي" ٿر جو هيءُ اهم محاورو، ماهرين لسانيات جي نظر ۾ هن وقت تائين تہ هڪ محاوري / ڊائليڪٽ جي حيثيت ۾ توجهہ جو مرڪز رهيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحبؒ لوڪ ادب جي ڪتابن ۾ جتي جتي بہ هن ڍاٽڪي محاوري جو ذڪر ڪيو آهي "ٿري محاورو" ڪري لکيو اٿائون.ڍاٽڪي محاوري کي ٻوليءَ جو درجو ڪنهن بہ عالم / ليکڪ ڪونہ ڏنو آهي. گريئرسن بہ ڍاٽڪيءَ جا نمونا جلد آٺين ۽ نائين ۾ ڏنا آهن. اٺين جلد ۾ سنڌيءَ جي محاوري / ڊائليڪٽ طور ۽ جلد نائين ۾ مارواڙي / راجستاني ٻوليءَ جي محاوري طور ساڳيا ٽي نمونا (Specimen) ڏنا آهن.

گريئرسن هن سلسلي ۾ لکي ٿو: "راجپوتانا ۾ "ڍٽ" لفظ جي معنيٰ آهي صحرا، ريگستان. هي لفظ خاص طور "ٿر" جي

علائقي لاءِ ڪم آندو ويندو آهي. جنهن ۾ سنڌ وارو ٿر جو علائقو ۽ راجپوتانا جي جيسلمير رياست وارو ريگستاني علائقو بہ شامل آهي، هن ساري علائقي جي جيڪا ٻولي آهي سا سنڌي ٻولي ۽ جيسلميري مارواڙي ٻولين جو گاڏڙ ساڏڙ (Mixture) آهي. ڏکڻ اُولهہ ۾ مارواڙي ملائي ٻولي آهي. ٿر جي ٿرپارڪر ۽ جيسلمير ۾ رائج ڳالهائڻ جا مختلف نمونا آهن، جي سڀ سنڌي ۽ مارواڙيءَ جا مليل جُليل نمونا آهن. اهي نمونا يا مارواڙي جا محاورا سمجهيا وڃن يا سنڌي جا محاورا تصور ڪيا وڃن. سنڌ ۾ ڳالهائڻ جا اهي روپ سنڌيءَ جا محاورا سمجهيا وڃن ٿا ۽ ٿاريلي جي "نانءَ" سان سڏبا آهن (٨).

پيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ رائچند صاحب بہ ڍاٽڪيءَ جي باري ۾ ڪافي ڪجهہ معلومات گڏ ڪري پنهنجي ڪتابن ۾ ڏني آهي، پر هن ڪتي بہ اهو نہ ڄاڻايو آهي تہ ڍاٽڪي هڪ ٻولي آهي. دراصل اسان جي اڳيان هيءُ سوال آهي تہ ڍاٽڪي محاورو آهي يا هڪ مڪمل ٻولي؟ جيڪڏهن محاورو آهي تہ ڪهڙي ٻوليءَ جو محاورو آهي؟ آيا سنڌي ٻوليءَ جو محاورو آهي يا مارواڙي يا گجراتيءَ جو؟ اهو چئي ڇڏڻ ڪافي نہ آهي تہ ڍاٽڪي، سنڌي، مارواڙي، گجراتي ۽ ڪڇيءَ جو گاڏڙ ساڏڙ (Mixture) آهي. جيڪڏهن ڪنهن بہ مخصوص ٻوليءَ جو محاورو ثابت نہ ٿو ڪري سگهجي، تہ پوءِ ڍاٽڪي کي ڇو نہ هڪ مڪمل، جداگانہ ۽ خود مختيار ٻولي قرار ڏنو وڃي. اهڙن سوالن تي ويچار ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. هن ڏس ۾ مني ۽ عمر ڪوٽ تائين وڃي ابتدائي ڪم ڪيو ويو آهي، مشهور ماهر لسانيات سواديش جي ڏنل بنيادي جدول مطابق ڪم ڪيو،

جنهن موجب ڪنهن به هڪ ٻوليءَ جي بنيادي ٻه سئو لفظن جي لسٽ چئن ئي ٻولين سنڌي، ڍاٽڪي، مارواڙي ۽ گجراتي ۾ تيار ڪئي وئي. دراصل سواديش جي نظريي تحت نه صرف قريبي ٻولين جو ماضي ۾ هڪ ٻئي کان ڌار ٿيڻ جو عرصو معلوم ڪري سگهجي ٿو، پر ٻولين جو پاڻ ۾ تعلق ثابت ڪرڻ پڻ آسان آهي.

ٻوليءَ جي بنيادي ٻه سئو لفظن جي جدول هت پيش ڪجي ٿي:

| | سنڌي | ڍاٽڪي | مارواڙي | گجراتي |
|---|---|---|---|---|
| ١. | سڀ | سَڀا | خَجا-خارا | سگهرا |
| ٢. | ۽ | اين | نه -هان نه | اَنِي |
| ٣. | جانور | جَناور | جَناور | پَشو |
| ٤. | رڪَ | ڇَڏَ | راک | وانِي |
| ٥. | تي | ٿي | ماٿ، تي | ٻر |
| ٦. | پُٺي | پُٺا | پُٺا | پاڇَڙ |
| ٧. | گندو | ٻچڙو | ڪِنو | گندو |
| ٨. | چوڏو | چوڏو | چوڏو | چال |
| ٩. | ڇاڪاڻ | ڪيلات | ڪِيونڪہ | ڪارڻ |
| ١٠. | پيٽ | پيٽ | پيٽ | پيٽ |
| ١١. | وَڏو | وَڏو | موٽو | موٽون |
| ١٢. | پکِي | پکِي | پکِي | پَکيِي |
| ١٣. | چڪ | چڪ | چڪ | ڪَرڙوون |
| ١٤. | ڪارو | ڪاڙو | ڪالهو | ڪارو |
| ١٥. | رت | لوئي | لوئي | لوهي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ۱۶. | وڃائڻ | وَڃاڻِ | ٻَجاوڻ | وگاڙئون |
| ۱۷. | هَڏو | هَڏو | هاڏ کي | هَڏي |
| ۱۸. | ساهہ کڻڻ | ساهہ کڻڻ | خاح ليوڻ | سُوانس |
| ۱۹. | سَڙڻ | جَلڻ | تَرڻ | داجوون |
| ۲۰. | ٻار | ٻاڙو | ٻالِ | ٻَچا |
| ۲۱. | ککر بادل | ککر ٻيچ | بادل | وادرا |
| ۲۲. | تَڏو | تڏَو | تايو | ٿهندو |
| ۲۳. | اَچ | آو | | آوو |
| ۲۴. | ڳڻڻ | ڳَڻ | ڳڻڻ | ڳڻو |
| ۲۵. | وَڍِ | وَڍ | وَڍ | ٻلاڙي |
| ۲۶. | ڏِينهن | ڏيهن | ڏِن | ديوَس |
| ۲۷. | مَرڻ | مَر | مَرڻ | مَرڻ |
| ۲۸. | کوڙُڻ | کوتَڙ | کوترڻ | کورووُن |
| ۲۹. | ميڙو | ميلو | ميلو | گندوُن |
| ۳۰. | کُتو | کتو | کترو | کترو |
| ۳۱. | پِيئڻ | پيئي | پيئڻ | پيڻو |
| ۳۲. | خُشڪ | خُسڪ | خوکوڙو | سکون |
| ۳۳. | جَڏو | ياڙي | جڏو | خراب |
| ۳۴. | مِٽي | مِٽي | مِٽي | ڏوڙ |
| ۳۵. | کَن | کن | کؤن | کان |
| ۳۶. | زَمين | جَمين | زَمين | ڌرتي |
| ۳۷. | کائڻ | کاءِ | کاوڻ | کائون |
| ۳۸. | آنو | آنو | اينڏو | اندا |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٣٩. | آک | انک | اٹونک | آنک |
| ٤٠. | ڪرڻ | کرڻ | کرڻ | پڑي جووڻ |
| ٤١. | پَري | پرھو، ارگو | الگو | چيٹون |
| ٤٢. | ٹُلهو | جاڈو | جاڈو | جادو |
| ٤٣. | پِيءُ | باپ | باپ | پيتا |
| ٤٤. | پوءِ – دپ | تيبھڻ | بيھ | دروون |
| ٤٥. | ڪنب | پَنک | پونک | پانک |
| ٤٦. | تورو | توڑکيو | تڑي يو | توڑون |
| ٤٧. | وِڑھڻ | وڑھجڻ | بِڑھڻ | لڑوون |
| ٤٨. | باھہ | ٹاندو | باختي | آگِ |
| ٤٩. | مَڇي | مَڇي | مَڇي | ماڇِلي |
| ٥٠. | پَنجَ | پَنچ | پونچ | پانچ |
| ٥١. | تَرڻ | ترڻ | ترڻ | تروون |
| ٥٢. | وَھڪرو | ريلو | وِھڪرو | وھوون |
| ٥٣. | گُل | گُل | گُل | ڦُل |
| ٥٤. | اُڈامڻ | اُڈڻ | اُڈڻ | اُڈوون |
| ٥٥. | ڈُنڊ | ڈُنڈڪار | ڈُنڈ | اوس |
| ٥٦. | پير | پگ | پگ | پگِ |
| ٥٧. | چار | چار | چار | چار |
| ٥٨. | ڄمڻ | جميو | جِمڻ | جوون |
| ٥٩. | ميوو | ميوات | ميوات | ڦڑ |
| ٦٠. | ڈيڻ | ڈي | ڈيوڻ | ديوون |
| ٦١. | يَلو | تاھوڪو | يَلو- خَنو | سارون |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٦٢. | گاهه | گاهه | گاخ | گهَاس |
| ٦٣. | سائو | سائو | ليلو | ليلو |
| ٦٤. | گُڻ | گُن | گُڻ | گُڻ |
| ٦٥. | وار | مَتواڙ | بال | وار |
| ٦٦. | هَٿ | هَٿ | هاٿ | هاٿ |
| ٦٧. | هُو | او | هتو | تي |
| ٦٨. | مَٿو | مَٿو | ماٿو | ماٿون |
| ٦٩. | ٻَڌڻ | ٻَڌ | کٽڻ | سانپهرون |
| ٧٠. | دِل | دِل | دل | دل |
| ٧١. | ڳرو | ڀارِي | ڀاري | وزن دار |
| ٧٢. | هِتي | اِٿ | ايٿ | اهين |
| ٧٣. | ڏَک هٽڻ | ڏک هڻ | ڏک هٽڻ | هاروون |
| ٧٤. | جَهلڻ | جَهل | جهالڻ | پَکڙوُون |
| ٧٥. | ڪِيئن | ڪِين | ڪِيو | ڪيم |
| ٧٦. | شِڪار | سِڪار | شِڪار | شِڪار |
| ٧٧. | مُڙس | ڏَٽي | ڏَٽي | پَتِي |
| ٧٨. | آءُ/ مان | هُون | هُون | هُون |
| ٧٩. | جيڪڏهن | جي پرهو | جيڪڏي | اَگر |
| ٨٠. | بَرف | بَرف | بَرف | بَرف |
| ٨١. | ۾ | مَهين | مِنئين – مين | اَندر |
| ٨٢. | مارڻ | مارڻ | جونٽڻ | جاٿوُون |
| ٨٣. | ڄاڻڻ | ڄاڻ | جونٽڻ | جاٿوُون |
| ٨٤. | ڏَنَد | ڏَنَد | ڏَنَد | تَڙاء |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٨٥. | کِلڻ | هَسڻ | هاخڻ | هَنسوونُ |
| ٨٦. | پَن | پَن | پون | پارژونُ |
| ٨٧. | کَپو | اُبتو | کاپو | داپو |
| ٨٨. | ٿَنگ | ٿَنگ | تونگ | - |
| ٨٩. | ڪُوڙ | ڪوڙ | ڪُوڙ | کوٹ |
| ٩٠. | جِيئڻ | جيئڻ | جيئڻ | - |
| ٩١. | جيرو | جيرو | ڪالجو | ڪليجون |
| ٩٢. | ڏِگهو | ڏگو | ڏِيگهو | لانبون |
| ٩٣. | ڄُونء | ڄُون | ڄُون | - |
| ٩٤. | ماٺهو | ماڙهو | موٹج | ماٹس |
| ٩٥. | گهٽا | گهٽ | گهٽا | گهٽا |
| ٩٦. | گوشت | گوشت | مونخ | مانس |
| ٩٧. | ماءُ | اَمان | مان – امان | مان |
| ٩٨. | جَبل | جَبل | جبل | پَهاڙ |
| ٩٩. | وات | پاڪو | مُونڏو | - |
| ١٠٠. | نالو – نانء | نان | نون | نام |
| ١٠١. | سوڑهو | سوڑو | خوڑو | ساڪرُون |
| ١٠٢. | ويجهو | نيڑڪو | نيڑو | پاسي |
| ١٠٣. | ڳِچي | ڳِچي | گلو | گردن |
| ١٠٤. | ٽَئون | ٽَوو | ٽوئو | ٽَئون |
| ١٠٥. | راتِ | رات | رات | رات |
| ١٠٦. | نڪ | نڪ | ناڪ | ناڪ |
| ١٠٧. | نڙ | نڙ | نڙ | نڙ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ۱۰۸. | پُراڻو | پراڻو | پروٽو | جونو |
| ۱۰۹. | هِڪ | هيڪ | هيڪ | ايڪ |
| ۱۱۰. | ٻِيو | ٻيجو | ٻِجو | ٻِيجو |
| ۱۱۱. | ڄَڻو | ڄَڻو | ڄڻو | ماڻس |
| ۱۱۲. | راند | زانت | روند | رمووُن |
| ۱۱۳. | ڇِڪڻ | ڇِڪڻ | ڇِڪڻ | ڪيچوون |
| ۱۱۴. | ڏَڪڻ | ڏَڪ | ڏَڪڻ | ڏَڪو مارون |
| ۱۱۵. | مينهن | ميِهہ | مِي | وَرسارو |
| ۱۱۶. | ڳاڙهو | رتو | راتو | لال |
| ۱۱۷. | حق | حق | حق | حق-اَڌيڪار |
| ۱۱۸. | ساڃو | سائو | خاڃو | جَمٽُون |
| ۱۱۹. | نَدِي | نَڏِي | نَدِي | نَدِي |
| ۱۲۰. | رَستو | واٽ | رستو | رستو |
| ۱۲۱. | ٻَاڙَ | ٻهاڙ | ٻاڙ | جَڙ |
| ۱۲۲. | نوڙِي | رَدوڙِي | نوڙِي | رَسي |
| ۱۲۳. | ڳَريل | وگهريل | گيلوڙو | ڪنڌاٽو |
| ۱۲۴. | مَهڻ | ٻِهمڻ | گَخڙڻ | گهسوُون |
| ۱۲۵. | لُوڻ | سلوڻ | لُوڻ | مينهون |
| ۱۲۶. | واري | ڏُوڙ | بيلو | ريتي |
| ۱۲۷. | ڇَوڻ | ڪاهڻ | ڪيوڻ | ڪَهوُون |
| ۱۲۸. | ڪَنهڻ | ڪنر ڪرڻ | ڪاڄ ڪٽڻ | ڇروون |
| ۱۲۹. | سَمنڊ | سَمنڊ | سمنڊ | دَريا |
| ۱۳۰. | ڏسڻ | جو | جوئڻ | جووون |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ١٣١. | ٻِج | ٻِج | ٻيج | ٻِسي |
| ١٣٢. | سِٻڻ | سيڏڻ | خيڙڻ | سيوون |
| ١٣٣. | تِکو | تَڪڙو | تِکو | تيج |
| ١٣٤. | ڪُٽل | ڪُٽل | ڪوٽوڙو | ڪاوون |
| ١٣٥. | ڳائِڻ | ڳايو | ڳاوَڻ | گاوون |
| ١٣٦. | وِيهڻ | پيسڻ | پِيخڻ | ٻيسوون |
| ١٣٧. | چَمڙي | جمڙي | چونبڙي | چامِڙي |
| ١٣٨. | آسمان | آگاس | آسمونُ | آسمان |
| ١٣٩. | سُمهڻ | سُوسان | خوئُڻ | انگهوون |
| ١٤٠. | تنڊو | تنڊيو | تنڊيو | نانو |
| ١٤١. | بانس | باس | ڏپ – هوا | گنڌ |
| ١٤٢. | دونهن | دوهون | ڏونئو | دهلئون |
| ١٤٣. | لَسو | لِسو | لَخوْ | لَسو ن |
| ١٤٤. | برف | برف | برف | برف |
| ١٤٥. | نانگ | نانگ | نانگ | سانپ |
| ١٤٦. | ڪجهہ توْروو | توڙو | ڪجهہ تڙيو | ٿهوتڪ |
| ١٤٧. | ٿُڪ | ٿُڪ | توڪ | ٿُڪوون |
| ١٤٨. | ڏار تيڻ | ارگو تيڻ | ڏار هوئڻ | ڦاڙوون |
| ١٤٩. | سوڙهو ڪرڻ | پيڙو ڪرڻ | خوڙو ڪرڻ | نچڙوون |
| ١٥٠. | چپائڻ | هَٽڻ | گهوڪو ڏيڻ | پوڪوون |
| ١٥١. | بيهڻ | بيٺڻ | اپڻ پيچڻ | اپور ويهڻ |
| ١٥٢. | تارو | تاڙو | تارو | تارو |
| ١٥٣. | لَڪڻ | گيڏِيو | گيڏي | لاڪڙي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ١٥٤. | پَٽر | پَٽر | ٻاتو | پٽر |
| ١٥٥. | سِڏو | سنڌو | خُڏو | سيڏون |
| ١٥٦. | چُوسڻ | چُوپڻ | چوخڻ | چَوسوون |
| ١٥٧. | سِج | — | خوُرج | سُورج |
| ١٥٨. | سَچڻ | سَچو | خوچڻ | سوچن |
| ١٥٩. | تَرڻ | تَرهڻ | ترڻ | تَروون |
| ١٦٠. | پُڇ | پُڇ | پوُنڇ | پُڇڙي |
| ١٦١. | تہ | تَہ | تو | تي |
| ١٦٢. | هتي | اٿ | اوت | تِيان |
| ١٦٣. | اهي | او | او | تي |
| ١٦٤. | ٽُلهو | ٽَلهو | جاڏو | جابو |
| ١٦٥. | سَنهو | سَنهو | خَنيو | پاترون |
| ١٦٦. | سوچڻ | سوچڻ | خوچڻ | وچار |
| ١٦٧. | هي | اي | اي | آ |
| ١٦٨. | توهان | تَهان | تي | مون |
| ١٦٩. | تي | تن | تين | تِيان |
| ١٧٠. | اُچلڻ | آوڻ | اچلاوڻ | گھاڪروون |
| ١٧١. | ڳنڊ | ڳڙهو | ڳونت | ٻانڌوون |
| ١٧٢. | جِبَ | جِبان | جَبونن | جب |
| ١٧٣. | ڏند | ڏنَت | ڏونت | دانت |
| ١٧٤. | وَٽ | وَٽ | ٻَٽ | وَرَچ |
| ١٧٥. | وارو | وارو | وارو | ڦراوون |
| ١٧٦. | ٻَہ | ٻَہ | ٻي | ٻي |

ڍاٽڪي مِحاوري جي بنيادي ٻہ سئو لفظن جي سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي ٻہ سئو لفظن سان ڀيٽ ڪرڻ بعد معلوم ٿيو تہ ڍاٽڪي ۽ سنڌي ٨٦.٥ سيڪڙو هڪجهڙائي آهي. ڍاٽڪي ۽ مارواڙي جي وچ ۾ صرف ٧٨.٥ سيڪڙو هڪجهڙائي ڏٺي وئي. گجراتي ۽ ڍاٽڪي ۾ گهڻو ئي فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تنهن جي باوجود بہ گجراتي ۽ ڍاٽڪي ۾ ٦٣ سيڪڙو هڪجهڙائي ڏٺي وئي آهي. ان بنياد تي بخوبي چئي سگهجي ٿو تہ ڍاٽڪي محاورو سنڌي ٻوليءَ کي ئي وڌيڪ ويجهو آهي، نسبت مارواڙي ۽ گجراتي ٻولين جي.

ڍاٽڪي محاوري جي صوتياتي نظام ۾ ٻہ چوسٽا آواز (ٻ) ۽ (ڏ) موجود آهن، جيڪي مارواڙيءَ ۾ نہ آهن پر سنڌي ۽ گجراتيءَ ۾ آهن. ڍاٽڪيءَ جي صوتياتي نظام ۾ (ٻ، ڏ، ڍ، ڳ) آواز موجود آهن،جيڪي گجراتي ۾ ڪونهن پر سنڌيءَ ۽ مارواڙيءَ ۾ آهن. هڪ آواز (ڻ) ڍاٽڪيءَ ۾ پنهنجو آهي جيڪو گجراتي، سنڌي ۽ مارواڙيءَ ۾ نہ آهي، ساڳئي وقت هڪ سر (Vowel) بہ سنڌيءَ کان ٿورو ڦريل آهي.

ڍاٽڪيءَ جي لفظي ذخيري ۽ ان جي صوتياتي نظام تي غور ڪرڻ بعد اهو نتيجو ڪڍيو ويو تہ ڍاٽڪي محاورو، سنڌي ٻوليءَ جي ويجهو هئڻ جي باوجود بہ سنڌي ٻوليءَ جو محاورو نہ ٿو چئي سگهجي. ڍاٽڪي محاوري کي پنهنجي هڪ ڌار سڃاڻپ ۽ پنهنجو هڪ ڀرپور وجود آهي. هڪ اهم نڪتو هيءُ بہ آهي تہ معياري سنڌي ڳالهائيندڙ کي تيستائين ڍاٽڪي سمجهہ ۾ بلڪل ڪانہ ايندي، جيستائين هو ڍاٽڪي محاوري کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ لاءِ خاص تربيت/ ڪوشش/ مشق نہ ڪندو. جنهن بعد ئي سنڌي ڳالهائيندڙ

ماٺھو ڍاٽڪي محاورو سمجھڻ جي لائق ٿي ويندو. ڪنھن ھڪ ٻوليءَ جو محاورو ھجڻ لاءِ وڏي ۾ وڏي ڪسوٽي اھا آھي تہ ھڪ ٻولي جا مختلف محاورا ڳالھائڻ وارا پاڻ ۾ بنا ڪنھن تڪليف جي ھڪ ٻئي جي ڳالھہ سمجھي سگھن. ان ڪسوٽي ڪان پوءِ بہ ڍاٽڪي کي سنڌيءَ جو محاورو قرار نہ ٿو ڏئي سگھجي.

نندي ڪنڊ جي ورھاڱي بعد ڍاٽڪي ڳالھائيندڙ ماروئڙن جو تعلق گجراتي ٻوليءَ جي مخصوص خطي (Main land) گجرات ۽ مارواڙي ٻوليءَ جي (Main land) مخصوص خطي راجستان سان گھٽ گھٽجي چڪو آھي. جڏھن تہ سنڌي ٻوليءَ جي مخصوص خطي (Main land) يعني سنڌ سان سندن تعلق تمام گھٽو گھرو رھيو آھي، تنھن ڪري ڍاٽڪي محاوري تي سنڌيءَ جا اثرات وڌيڪ ملن ٿا. جيئن تہ ٿر ۽ ڍٽ خود بہ ھڪ وڏو وسيع علائقو آھي، جنھن کي ڍاٽڪيءَ جو مخصوص خطو (Main land) قرار ڏئي سگھجي ٿو. انھن چاٺايل دليلن جي روشنيءَ ۾ چئي سگھجي ٿو تہ ڍاٽڪي ھاڻ ھڪ مڪمل ٻوليءَ جو روپ اختيار ڪري چڪي آھي، ان کي ھڪ مڪمل الڳ ٻوليءَ واري اھميت ڏيڻ گھرجي.

ڍاٽڪي محاوري جي حدن ۽ ڍاٽڪيءَ جو سنڌي سان تعلق جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" جي ٽئين ڇاپي ۾ لکيو آھي :

سوڍن نڪرن جي ٻولي "ڍاٽڪي" آھي، جنھن جي ٿرپارڪر واري پاسي گجراتيءَ جو اثر وٽ واري پاسي (مٺي ۽ ڏيپلي تعلقي جو ڏاکڻيون حصو) ڪڇ جي ٻوليءَ جو اثر ۽ ڇاڇري تعلقي جي ايرندي "ڪنڌي" واري پاسي راجستاني مارواڙي جو اثر پيل آھي،

مگر وچئين ”اونهر“ واري ياڱي جي ”ڍاٽڪي“ وڌيڪ صاف ۽ معياري آهي، جنهن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته ان جي بنيادي مرڪزيت ساڱي سنڌ واري آهي. مثلاً: ڪي ٿو ڪرين (ڇا ٿو ڪرين)، ڪيڻ ٿو جائين (ڪيڏانهن ٿو وڃين). حرف اضافت لاءِ جيتوڻيڪ ”ري“ ۽ ”رو“ (جي، جو) هن وقت گهڻو استعمال ٿئي ٿو، تنهن هوندي به ڪن فقرن ۾ سنڌي ”جي“ ۽ ”جو“ استعمال ٿين ٿا، مثلاً : تاهه جي (تنهنجي)، اي ڪيتر تاهه جو آهي (هي ڪيٿ توهان جو آهي). ماضي ۾ ”ت“ جيڪا سنڌيءَ داروي ٻولين جي اثر جو اڳاٽو يادگار آهي (رتو -ٻاڙهو ٿيو، الٽو، سلٽو- چيو، وٽو- ورتو) سا ڍاٽڪي ۾ هئڻ جي صيغن ۾ موجود آهي مثلاً :

هون آيو هُتو – آءٌ آيو هوس – اسين آيا هُتا–اسين آيا هئاسون.

تون آيو هُتو–تون آيو هئين– ايي آيا هُتا–اوهين آيا هئا.

او آيو هُتو– هو آيو هو– او آيا هُتا – هو آيـا هئا.

ڍاٽڪي محاوري ۾ ڪيترو ئي لوڪ ادب جو ذخيرو موجود آهي، جنهن ۾ بي انداز لوڪ گيت، لوڪ ڪهاڻيون، ڳاهن سان ڳالهيون وغيره آهن. سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب اسڪيم تحت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا ڪتاب هن ڏس ۾ رهنمائي ڪن ٿا.تر جي لوڪ ادب کي سهيڙڻ سموهڻ ۾ محمد عثمان ڏيپلائي، رائچند هريجن، منگهارام اوجها، محمد عثمان اديب ۽ ٻين جون خدمتون ساراهڻ جوڳيون آهن. لوڪ ادب جي سلسلي ۾ ڍاٽڪي محاورو ڪافي شاهوڪار ۽ مالدار آهي. ڍاٽڪي محاوري تي سنڌي ٻوليءَ جا اثرات جانچڻ لاءِ ڍاٽڪي لوڪ ادب جي لساني اوک ڊوک هن ريت پيش ڪجي ٿي: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب

”لوڪ گيت“ ۾ تہ مان گڏ ڪيل لوڪ گيت اڪثر ڏاتڪي محاوري جا آهن. ڪي سنڌي ٻوليءَ جي ٽري محاوري ۾ آهن، جن جو ذڪر اڳئين باب ۾ ڪري آيا آهيون. ٿر مان جيڪي لوڪ گيتن جون روايتون مليون آهن ان موجب ولاڙو، لڪيو، وٽجارو، پٽيئو، ڏهوڪو، ڏاتيڙو، همرچو، جوڏيو، ڪرهو، راٺو، ڪجليو، هاسل، ٽڙڙڙ ٽڙڙڙ، گولاڙو، مگريو، لمڪيان ڙي لو، ونڊل، مينڊيوڙو، بادلئو، رائڌڻ ور، ورسارو چوماسو، سانوڻ تيج، هچڪي، پٽهاري، مينڊامٽي، للرياڙي لو،خيالي گومند، جلالو، جوڏاٺو، رومال، منڊيئڙو، سونٽ جيرو، اڪير، ڪونجل، ڪاڳڙو، سيهڙو، منجرو، پيراٺو نالي وارا لوڪ گيت شامل آهن. ”ولاڙو“ لوڪ گيت هڪ اهڙو گيت آهي جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي محاوري وارين مصراعن سان گڏوگڏ ڏاتڪي محاوري جون ڪجهہ مصراعون بہ آهن. هن گيت جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ فرمائي ٿو: ”هيءَ ٿرپارڪر جي خطي جو لوڪ گيت آهي جو عام طور ڏنار مال کي ڀهرائڻ، گڏ ڪرڻ ۽ ڳوٺ طرف ڪاهڻ وقت ڳائيندا آهن. هي گيت محبوب جي ملڻ لاءِ جڻ عاشق جو آلاپ آهي. هن گيت جي وجود ۾ اچڻ جو سبب معلوم نہ ٿي سگهيو آهي .............. غالبا اصل ۾ هيءُ گيت ٿري محاوري (ڏاتڪي) ۾ چيو-ويو ۽ پوءِ منجهس (معياري) سنڌيءَ جا بند پڻ ملايا ويا، شامل روايتن مان ٻي روايت ۾ ڪي مصراعون ٿري محاوري (ڏاتڪي) جون آهن“ (٩).

هت ”لوڪ گيت ولاڙو“ جون ٻئي روايتون ڏجن ٿيون:

روايت (۱)

چاڙهيمر دانگي، آيا سر جا سانگي

ولوڙي ولاڙو ............

هـڙ ۾ ڦوٽـا، چــورا اندر جا ڪوٽا

ولوڙي ولاڙو ............

وجي ٿيا پري، هينئون ڳٽين ۾ ڳري

ولوڙي ولاڙو ............

هلو ته هلون ”ناري“، ڪريون بگو اُٺ ياڙي

ولوڙي ولاڙو ............

هل ته هلون اڪڙي، ڪري گاڏي ٽڪڙي

ولوڙي ولاڙو ............

جمعا جت ڙي، روئان پئي رت ڙي

ولوڙي ولاڙو ............

روايت (۲)

چولي ۾ ٽڪان، هون ٿي جاني لاءِ سڪان

ولوڙي ولاڙو ............

ساجن آئي، مٺان تيڙي تان جائِي

ولوڙي ولاڙو ............

پِيلُو آهن پڪا، سڄڻ آهـن تڪـا

ولوڙي ولاڙو ............

ننڍيو تان ڍورو، مانهنجي هنئين ۾ هورو

ولوڙي ولاڙو ............

پگان ري ڪڙي، مانهنجي جيءَ ۾ جڙي

ولوڙي وِلاڙو ............

هٿ ۾ منڊي، منهن ۾ آهي گهنڊي

ولوڙي وِلاڙو ............

دڙي تي چولو، سڪي پيو ڍولو

ولوڙي وِلاڙو ............

مانهنجو منو، آوهان ڪو ڏنو

ولوڙي وِلاڙو ............

لکيو: ”لوڪ گيت“ ڪتاب ۾ هن لوڪ گيت جون ٻه روايتون شامل آهن، ٻئي روايتون سنڌيءَ جي معياري محاوري ۾ آهن. بلوچ صاحب جي خيال ۾ هن گيت جون شروعاتي مصراعون الائي ڪهڙيون هيون مگر هن وقت ترپارڪر ۾ ٿري محاوري ۾ ۽ ناري جي پٽ ۾ سنڌي ۾ ڪيئي مصراعون چوڻ ۾ اچن ٿيون. لوڪ گيت ”لکيو“ ۾ وڇوڙي جا ورلاپ ۽ بيوفائيءَ جو بيان مرڪزي نڪتا آهن. هن گيت جي وجود ۾ اچڻ جو سبب هيءَ عام مشهور روايت آهي ته ڍوري ناري اسٽيشن کان ٻه ميل اتر طرف هڪڙي پٽ تي ”ڪنيري“ جو مشهور ڳوٺ آهي. اتي ڪنهن زماني ۾ سوني نالي پيلڻ جو هڪڙي ڪنيار سان نينهن ٿي ويو. ڪجهه ڏينهن بعد اهو ڪنيار هميشه لاءِ اتان لڏي ڳوٺ ”جانهيرو“ تعلقي عمر ڪوٽ ۾ وڃي وِيٺو. سوني ڪافي وقت هن جو انتظار ڪيو، پر هو جيئن ويو تيئن وري نه موٽيو. سوني دوست جي بيوفائيءَ کان رات ڏينهن روئيندي، ورلاپ ڪندي رهي، آخر اهي ورلاپ گيت جي صورت ۾ مشهور ٿيا. گيت ۾ ڍاٽڪي محاوري جا ڪجهه لفظ بدليل صورت ۾

ملن ٿا، مثلا : بانسو، ڪنيرو، سمهلو وغيره. "لڪيو" لوڪ گيت جون ٻئي روايتون هت پيش ڪجن ٿيون:

روايت (١)

لڪڻ واري ويهي جو لڪيو، منهنجو هي ڙي لڪيو
هٽي قرب جي ڪاني، ويو جانهيري جاني
هي ڙي لڪيو
سونيءَ جو سائين، ڪري ويو لانئين
هي ڙي لڪيو
هاٿي ڪنيرو ويچارو، سڄو ٿيو سارو
هي ڙي لڪيو
اندر ٿو آتي، منهنجو هينئون ٿو ڦاٽي
هي ڙي لڪيو
پيٽ جي چوٽي، مونکي ماري ٿي وڇوٽي
هي ڙي لڪيو
پيٽ جو پاسو، لڳي ٿو بانسو
هي ڙي لڪيو

روايت (٢)

لڪڻ واري تان لڪي چڙيو، هي ڙي لڪيو
هنئين ۾ تس، ناهي مان وَسُ
هي ڙي لڪيو
سمهلو پاڙو، چغلو چاڙو
هي ڙي لڪيو

ڏولئي جا ڏند، هنئين جا بند

هي ڙي لکيو

سائي تہ صدري، سون جا ٻيڙا

هي ڙي لکيو

هڪ مثال طور جي هڪ ڳيچ جو بہ پيش ڪجي ٿو: هي ڳيچ ٿرپارڪر جي تعلقي ڇاڇرو مان گڏ ڪيو ويو آهي. ٿر مان اڪثر ڳيچ ڍاٽڪي محاوري جا رڪارڊ ڪيا ويا آهن، ڪي چند ڳيچ سنڌي ٻوليءَ جي ٿري محاوري ۾ آهن، انهن مان هڪ هي بہ آهي:

لاڏيلي جي اميد پڄڻ ڏي
ٻنلي جي اميد پڄڻ ڏي.
جنين وٽين وينوڙو سونهي
وٽڙا ڳاڙهن ڦلن ڇانيوڙا
لاڏيلي جي اميد پڄڻ ڏي.
جنين پلنگين وينوڙو سونهي
پلنگ تان سوني ربي جڙيل
لاڏيلي جي آس پڄڻ ڏي.
جنين واڻين هلندو سونهي
واڻون تان پلر پاٽي پريل
لاڏيلي جي آس پڄڻ ڏي.
جنين ڪرهين چڙهيل سونهي
ڪرهيا تہ آهن ميا متارا
لاڏيلي جي آس پڄڻ ڏي
جنين سرتن سهٽو گهوٽ سونهي

سي سرتا تہ آهن سپ سرکا
لاڏيليءَ جي آس پڄڻ ڏي

مٿي ڏنل لوڪ گيت (”ولاڙو“، ”لکيو“، ڳيچ“ ۽ ”لاڏيلي جي اميد“ مان پتو پوي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ تي ڍاٽڪي محاوري جا اثرات موجود آهن، جيڪي نہ صرف هيئت (Form) جي لحاظ کان پر موضوع ۽ معنويت جي نڪتہ نگاهہ کان ٿر جي خوشبوءِ سان واسيل آهن: پر لفظن جي ذخيري جي سلسلي ۾ بہ ڪافي لفظ ڍاٽڪي محاوري جا سنڌي ٻولي ۾ داخل ٿي چڪا آهن، اهڙن لفظن جو اڀياس ڪرڻ بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو. ڪتاب جي آخر ۾ ضميمو ”الف“ ۾ ڏنل لفظن ۾ ڪوشش ڪري ڍاٽڪي لفظن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. پر سنڌي ٻوليءَ جي ٿري محاوري ۾ ڍاٽڪي محاوري جي لفظن ۾ فرق ڪرڻ هڪ بيحد مشڪل ڪم آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻنهي محاورن جا لفظ هڪ ٻئي ۾ بلڪل ئي مدغم ٿي چڪا آهن ۽ سموري ٿر ۾ رائج آهن.

هر ٻولي پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي اڌمن ۽ امنگن جو آئينو هوندي آهي. ٻولي پنهنجي ديس جي رهواسين جي اٿڻي ويهڻي، رهڻي ڪرڻي، ويس وڳن، تهذيب ۽ تمدن سان هم آهنگ هوندي. جهڙي طرح جو ملڪ هوندو ٻولي بہ اهڙي ئي نموني هوندي. جنهن ديس ۾ آسماني برف وسندي هوندي، اتي جي ٻوليءَ ۾ برفاني ڳالهيون ٻولهيون هونديون. سنڌ جي ماڻهن جي اندر جي انهن اڌمن، احساسن کي ڀرپور اظهار ڏيڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي اوسر ۽ ارتقا بہ سنڌ جي جاگرافيائي حالتن مطابق ٿي آهي. ان ۾ سنڌ جي آب هوا، وڻ ٻوٽا، نديون نالا، جهنگل ٻيلا، باغات ۽ فصل وغيره اثر

انداز ڏين ٿا. اهڙي طرح ”ٿر“ جي جاگرافيائي بيهڪ واريءَ جون ڀٽون ۽ ڏهر هوائون، برساتون ٿر جي جيون جو آڌار آهن. مال چارڻ ۽ کيتن ۾ برساتي فصل ڪرڻ ڍاٽين ترين جي زندگي آهي. ڍاٽين جي ٻولي ڍاٽڪي ٿر جي واريءَ جيان نرم گرم ۽ ڍاٽين جيان مهربان ۽ مشفق آهي. ڍاٽڪي ٻوليءَ جا لوڪ گيت ميناج سان ٽمٽار ۽ دکن ڀريل آلاپن سان ڀريل آهن: ڪي تمام ٿورڙا گيت مائي ڀاڳي، مراد فقير ۽ ٻين ٿري ڳائڻن جي وسيلي سنڌ واسين جي ڪنن تائين رسيا آهن. اهڙن رسيلن ڳيتن هر هنڌ ۾ هر ماڻهوءَ کي موهي وڌو آهي. گهڻائي گيت اڄان به آهن جيڪي سنڌين تائين ڪين رسيا آهن. محمد عثمان ڏيپلائي صاحب ٿر جو رهاڪو هو، هن ڪجهه لوڪ گيت رڪارڊ تي آندا آهن، انهن ۾ مکيه ورسارو، ڏورو، ڪاڳڙو، وندل، ڍاٽيڙو، منڌيئڙو ۽ جهالريو آهن جيڪي مهراڻ جي لوڪ ادب نمبر ۾ تازو ڇپيا آهن. انهن مان جيڪي ڍاٽڪي ۾ آهن تن جو مختصر پس منظر ۽ اصلوڪا ٻول سنڌيءَ معنيٰ سميت پيش ڪن ٿا.

١- ورسارو: ورسارو جي معنيٰ آهي ”وسڪارو“ يا ”سانوڻ“. ٿر جي آباديءَ جو دارومدار برسات تي آهي. ”وٺو ته ٿر نه ته بر“ پهاڪي موجب برسات جي موسم ۾ ٿر سچو گلزار بڻجي پوندو آهي. سندس آب هوا، سندس جهنگلي ميوا ۽ خاص ڪري سائي گاهه جو کير، ڏئونرو، مکڻ ۽ گيهه وڏيڪ لذيذ ٿيندا آهن. ٿر ۾ مکڻ مان گيهه ڪڍڻ وقت انهيءَ ۾ اَن ضرور وجهندا آهن ۽ انهيءَ رڌل اَن کي ”وسناڻ“ سڏيندا آهن، اهو به انهن ڏينهن ۾ وڏيڪ لذيذ ٿيندو آهي. سانوڻ جي موسم ۾ کير گهڻو ٿيندو آهي، ان

ڪري گهر گهر ۾ ڪير جون وڏيون ماٺيون ٿينديون آهن. عورتون جڏهن اسر جو اٿي اهو ڪير ولوڙينديون آهن، انهيءَ سان گڏ پنهنجا پيار پريا گيت جهونگارينديون آهن ته اهي سڀ آواز ڏاڍا دل کي وڻندا آهن.

اهڙي فضا ۾ سڀ چاهيندا آهن ته پرديس ۾ ويل موٽي اچي هنن خوشين ۾ ساڻن شامل ٿئي. "ورسارو" به انهن گيتن مان هڪ آهي. هن گيت ۾ هڪ "ماءُ" جي تمنا ڏيکاريل آهي ته سندس ڏور ديس جو مسافر پٽ تمام ترت پنهنجي ديس واپس اچي. ڏيپلائي صاحب لوڪ گيت جي ٻوليءَ کي اصلوڪي ٿري يا ڍاٽڪي ڪري لکيو آهي. ورسارو جا ٻول هن ريت آهن:

| ڍاٽڪي | سنڌي |
|---|---|
| واٺــڙيان تان ورسارو | واٺن تي برسات |
| صاحبا | پيارا |
| ماندبيو | ٿي آهي |
| مانهنجا مٺا | منهنجا مٺا |
| تاهجو ڏيسلو وٺو | تنهنجو ديسڙو وٺو آهي |
| تون ڏسڙي ماٺيو | تون پرديسڙي مان ڪمائي ڪري |
| گهران تان نچ آويجو | نچي گهر ڏي اچ |
| تاهجي تان نالي تان گهوريس | تنهنجي ته نالي تان صدقي ٿيان |
| تون آوو ته | تون اچ ته |
| ورسارو | سانوڻ |
| پيڙو گهارسان! | گڏجي گذاريون |

ساندڙي پلاٽي صاحبا — اٺ پلاٽي، پيارا!
تاهجي تہ ٻيلڙان تان — تنهنجي تہ سائين کي
جهليٽيون ڏيوائجو — ڪان ڪارائبو
جهيٽيون گيور لاپسي — ۽ ليپسي يا پئي
(ڪٽڪ ، ڳڙ ۽ گيهہ مان ٺاهبي
آهي ۽ ٿر ۾ سڀ ڪان لذيذ طعام
شمار ڪبي آهي)
مانهنجا تان منا ماڙهو — منهنجا تہ منا ماڻهو
تون آوءِ تہ — تون اچ تہ
ورسارو — سانوڻ
پيڙو گهاريان — گذجي گذاريون

۲۔ ڏورو: (تازو پرڻجي ويل ڪنوارِ جو اباڻن جي ياد ۾ ورلاپ )

پگ تان جهبڪي پولڙي — پيرن ۾ پولڙي (پيرن جو ڇلو)
چمڪي ٿو
گوري — سهڻي
هينئڙي جهبڪي هار — ۽ سيني تي هار چمڪي ٿو
ڏورو — ڏاڍو
ساچي هيمہ رو — سچي سون جو
ماء پورايو اگٽيون — ماء اماڻيو اگڻ
گوري — سهڻي
ٻاٻل پورائي ريل — ٻابي اماڻيو ڏهر
ڏورو — ڏاڍو
ساچي هيمہ رو — سچي سون جو

۴ ـ لِلريا ڙي لو: هن لوڪ گيت لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکيو آهي تہ هي لوڪ گيت عمر ڪوٽ، ڇاڇري تعلقي، ڪاهڙ ۽ جوڌپور رياست جي ”ڇهوئڻ“ وارن پاڙن ۾ رائج آهي. هي ”گيت ٽري محاوري“ (ڍاٽڪي محاوري) ۾ چيل آهي ۽ اڪثر وسڪاري جي مند ۾ ڳايو ويندو آهي. هن گيت جي ورائي ”للريا ڙي لو“ ڳائڻ وقت پراءِ طور ڪم اچي. للر هڪ ننڍڙو ٻوٽو آهي. هن لوڪ گيت ۾ ڏيکاريل آهي تہ ملڪ ۾ برساتون جام پيون آهن، ٻنيون تيار ٿي ويون آهن. اَن، گدريون ۽ ڇانهان جام ٿيا آهن، چوپايو مال جُوءِ ۾ چوڏاري چِيڪ پيو چري، ملڪ ۾ گاهہ جهجهي انداز ۾ ٿيو آهي. اها مالڪ جي مهرباني آهي جو سانگيئڙن سان سهنج ٿي ويا آهن (١٠). لوڪ گيت جا ٻول هت درج ڪيا وڃن ٿا:

ڪيتر پچي ڪوڙ ٿيا، او للريا ڙي لو ...
تينا ڪچرين ڪو ڪلا، او للريا ڙي لو ...
ڪاڙينگا سين قرب مان جو، او للرياڙي لو
پاساڙان ۽ پپان نسرين او للرياڙي لو ....
ڪٺان سين پريا ڪٽسارا، او للرياڙي لو ...
چيڪ چري تو مال مڙهان ۾، للرياڙي لو..
ڪير ڪٿا آهن ڪاهڙ ۾، او للرياڙي لو....
ٻهي وينا ٻهل ٻڙهي سا، او للرياڙي لو ...
آراڙي ٿي اولا لاهڻ، اوللرياڙي لو...
مالڪ ري ٿي مهرواني، او للرياڙي لو....
سانگيئڙان سين سهنج ٿيا، او للرياڙي لو..

ڳيچ : ٿرپارڪر مان جيڪي ”ڳيچ“ گڏ ڪري ”ڳيچ“ لوڪ ادبِ

سلسلي جي سورهين ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن، سي سمورا ڍاٽڪي محاوري جا آهن. ڊاڪٽر بلوچ لکيو آهي تہ : "اڳاٽي وقت کان ٿرپارڪر واري ڀاڱي ۾ مسلمانن سان گڏ هندن جي پڻ وڏي آدمشماري آهي، پر شاديءَ جا ڳيچ گهٽو ڪري سيني قومن جا ساڳيا آهن. هتي مان ڪي سنڌيءَ ترجمو ڪري ڏنا آهن، مگر رسمون رواج گهٽي قدر ساڳيا آهن (١١). شاديءَ جي سائن سوٽن دوران مختلف موقعن تي ڪجھ ڳيچ چوندي ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن، سي هي آهن (١) وناھ جا ڳيچ (٢) مينديءَ جا ڳيچ (٣) شاديءَ جي تياري، مور ڪٽورو ڏگلو، لاڏيلو ايلي وارو، لاڏيلو گل وارو، جهونبڪو، لاڏيلو تيل چڙهيو، ڪوئل وغيره.(٤). گهوٽ جي ڪنواريتن ڏي روانگي ۽ پهچ (٥) ڏانوڻ ڏانئڻ يا پرڪڻ جا ڳيچ (٦) ڇج ڪي سوکڙيون ڏيڻ (٧) شاديءَ جي رات (٨) گهوٽ جي مرحبا جا ڳيچ (٩) لانئن جا ڳيچ (١٠) سيج جا ڳيچ (١١) موڪلائيءَ جا ڳيچ (١٢) ستاوڙي جا ڳيچ. انهن شاديءَ جي ڳيچن کان علاوہ ٿر ۾ عام ڳيچ بہ رائج آهن. مثلاً: زالن جا ڳيچ جهڙوڪ لوهر، ڏونڙ راٺي، ناگرويل، ڪيوڙو، ڪلالڻ، ليلو پوئيو مروئو، نيپوجهر، جهولتو ماڌريو، چڙوڪلين، جهالريو، هوائيڙو، راهوڙو ريلان. ٻيا آهن: ڦوٽاٺا، ٻول پنجر، لونڪڙي ۽ جهبو وغيره.

لوڪ ڪهاڻين مان اهي ڪهاڻيون ڌار ڪري لوڪ ادب جي سلسلي جي ستاويهين ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن جن ۾ "ڳاهون" (ڳائڻ لاءِ بيت جون سٽون) بہ ڏنل آهن. ٿر جون بہ اڪثر ڪهاڻيون اهڙيون آهن جن ۾ بيت ڏنل هوندا آهن. مثلاً راجڪمار ۽ ساهيچي، سڌيوت ۽ سارنگا، ڪيمرو ۽ لوڏڻ، راٺو سوندرو ۽ ماڏل

راڻي وغيره. ڳاهڻ ۾ آيل بيت ڏاتڪي محاوري جا آهن جن جا ڪجهہ مثال هت ڏجن ٿا:

سڏيوت ۽ سارنگا ۾ آيل بيت :

سينگي سيلي هاٿ ليو، تـن پرخاڪ لڳاءِ
وستر ڀهرو گيڙٽا، وسـو ٻُري جاءِ.
تن پريسمہ لڳاءِ هاٿ ۾ ليئا ڪيرُ
سارنگا تيري ڪارڻي ڪريو ويس فقير.
شوَ پوڇا يارهن ورس، تـن مـن ساه ڏر ڏيان
چيچ هت بيهارجو، لئي آئون وردان.
بيندي ڏني يـال پر، ويسـر دم ڪت جات
ان جهيٽي ڀهر ۾ يار ملڻ جو جات.
لعل ورڻ تو چونچ آ، سفيد رنگ تو آنک
محبوب همارو جڏ جاڳي، پر جان ويرا ساک.
تکولي ليو هـاسيو، پورا ڪات پچاس
جهنگ اڏائو جهوپڙي، اُت پڇائون آس.
ڪانچوئو ڪسيو، ساڙهي پرائي سري
ويـرا امہ ورجيو، ياپي ناهہ ڪسـري.
بودو ڪيڙو ٻهو رنگو، سبڻ وارو اڍنگ
ٽڙ ٽڙ ٽانڪا ٽـٽيا، آوس موڙي انگ
اسي ننگري ۾ مورک وسي، چتر وسي نہ ڪوئي
ڪانگ موتي چگ گيا، ڪوڪٽ نا ڪوئي.
اس ننگري ۾ چتر وسي، مورک وسي نہ ڪوئـي
ٻالاپڻ ري پريتڙي، ميٺ ميلاپو هوئي.

## حوالا


1. Grieson G.A. Linguistic Survey of India Vol: VIII Part. I P- 10

٢. پيرومل مهر چند آڏواڻي : ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“ ١٩٥٦، ص - ١٣٨ - ١٣٩

٣. رائچند هريجن، ”تاريخ ريگستان“ (پاڱو پهريون). ١٩٧٥، ص- ١٣٣.

4. Peter J. Grainger and Nita G Grainger A Prelimnary Survey of the Languages of Sindh 1980. P. 41

5. Ibid P-38 -39

٦. رائچند هريجن : ”تاريخ ريگستان“. (پاڱو پهريون)، ١٩٧٥، ص-١٣٦

٧. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: ”مشهور سنڌي قصا“ (مقدمو). ص-١

8. Grierson G.A Linguistic Survey of India Vol : VIII Part. I P-142

٩. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ : ”لوڪ گيت“، ١٩٦٥، ص - ٢٣٨

١٠. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ : ”لوڪ گيت“، ١٩٦٥، ص- ٣٦٠

١١. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ : ”ڳيچ“ جلد پهريون، ١٩٦٣، ص-١٩٧

# باب چوٿون

## پارڪري محاورو

سنڌ جي ڏکڻ اوير ڪنڊ وارو علائقو "پارڪر" تر جو اهم حصو آهي، جتي ڪارونجهر جبل پنهنجي مان ۽ شان سان ڳاٽ اوچو ڪيو بيٺو آهي. پارڪر جو مکيہ شهر ننگر پارڪر، ڪارونجهر جي دامن ۾ واقع آهي. پارڪر جي ٿن پاسن کان وارياسو برپٽ آهي. پارڪر جي پير ۾ ڪڇ جو رڻ آهي، جو اڳي سامونڊي کاري هو ۽ اڳ اها کاري پارڪرٽي پوندي هئي تنهنڪري چوندا هئا "پار اُڪر"، جنهن مان ڦري ٿيو "پارڪر". هڪ روايت موجب پارڪر جو اهو نالو "پاراسر" نالي هڪ رشي تان پيل آهي (١).

پارڪر جي علائقي ۾ هندو ۽ مسلمان رهن ٿا. مسلمانن جون هيٺيون ذاتيون پارڪر ۾ رهائش پذير آهن: سيد، کوسا، چانديا، ساند، خاصخيلي ۽ ٿوري تعداد ۾ سومورا، کوکر، رند، نهڙي، راهمون، شيدي، ڪنيار، مگنهار، مگريا، لنجا، جوٽيجا، سنگراسي، هاليپوٽا، راڄڙ، جهنجي، ٽيپا، اوٺا وغيره. جڏهن تہ هندن جون ذاتون هن ريت آهن: شرمالي برهمڻ، راجگر برهمڻ، سارسوت برهمڻ جين، لوهاڻا، راجپوت، ريباري، سوٿهڙ، چارڻ، جاٽ مالهي، سونارا، سامي، لوهار، ٻجير وغيره. هندن جون ڪجهہ هيٺاهين طبقي واريون ذاتيون بہ پارڪر ۾ رهنديون آهن، جهڙوڪ مينگهواڙ، ڀيل ۽ ڪولهي وغيره.

پارڪر ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي ويندي آهي تنهن کي "پارڪري" چوندا آهن. پارڪر جي ٻوليءَ لاءِ تر جي نامور ليکڪ ۽

محقق رائچند جو چوڻ آهي تہ "پارڪر گجرات کي ويجهو آهي، تنهنڪري پارڪر جي ٻوليءَ تي گجراتي ٻوليءَ جو اثر وڌيڪ آهي"(٢).

"پراڻو پارڪر" ڪتاب جو لائق مصنف "منگهارام اوجها" صاحب جي راءِ ۾ پارڪر ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي تنهن کي "پارڪري ٻولي" چئبو آهي، جا بگڙيل گجراتي آهي. ڪولهين جو لهجو سيني کان نرالو آهي (٣). اوجها صاحب غالبا چوڻ چاهيو آهي تہ پارڪري ڪا ڌار ۽ هڪ مڪمل ٻولي ڪانہ آهي پر گجراتيءَ جو ئي هڪ اهڙو محاورو آهي جيڪو گجراتي ٻوليءَ کان گهڻو مختلف آهي، جيئن تہ گهڻا ڪولهي بہ گجرات مان لڏي آيا آهن، تنهن ڪري انهن جي ڳالهائڻ جو نمونو پارڪريءَ کان بہ ڪجهہ مختلف آهي.

سنہ ١٩٨٠ع ۾ ماهر لسانيات پيمٽر گرينگر ۽ نيئا گرينگر سنڌ جي ٻولين جو ابتدائي جائزو ورتو/ سروي ڪيو. هنن پنهنجي اڀياس ۾ پارڪري جا بہ نمونا ڏنا آهن. هڪڙو پارڪري ڪولهي ننگر پارڪر جو، جنهن کي پارڪري - گجراتي بہ چون ٿا، ٻيو نمونو پارڪري ڪولهي ڪنري ميرپور خاص جو، هي ٻئي ٻوليون سنڌي سان ترتيبوار ٥٢ ۽ ٦٠ سيڪڙو هڪجهڙائي رکن ٿيون. جڏهن تہ مارواڙي ٻوليءَ سان ٦٨ ۽ ٧٣ سيڪڙو ۽ گجراتيءَ سان ترتيبوار ٧٢ ۽ ٧٥ سيڪڙو هڪجهڙائي رکن ٿيون. (٤)

پارڪري هڪ مڪمل ۽ ڌار ٻولي آهي يا ڪنهن ٻوليءَ جو ڪو محاورو؟ چا پارڪري سچ پچ گجراتيءَ جو بگڙيل روپ آهي جيئن منگهارام اوجها لکيو آهي؟ اهڙن سوالن تي ويچارڻ سان گڏوگڏ اسان کي هيءُ بہ اڀياس ڪرڻو آهي تہ پارڪريءَ جو سنڌي ٻوليءَ سان

ڦاهو معني سهڙ،ڦرو معنيٰ سنگ،

لفظن ۾ ملي ٿو. / س/ آواز بدلجي پارڪري ۾ ڳري / هہ/ جو آواز ٿيو آهي.

ژ: هي آواز / ژ/ جو وسرگ آواز آهي. هي آواز هنن لفظن ۾ ڪم آيو آهي:تاژو معنيٰ تالو،ماژو معنيٰ آڪيرو،تاژئي معنيٰ تالهي،هژ معنيٰ هَرُ

زهہ : هي آواز (ز) آواز جو وسرگ آواز آهي. سنڌيءَ ۾ ڪونہ آهي. سنڌيءَ جي /جهہ/ آواز سان تبديل ٿيندو آهي، مثلاً:زهونپڙو – جهوپڙي،زهاڙڪو – وڻ.

پارڪري ٻوليءَ جي پنچائت ۽ نوجوان برطانوي اسڪالر رچرڊ هائيل ۽ سندس ساٿين جي مدد سان گڏريل ٻن ٽن سالن ۾ ڪجهہ ڪتاب تيار ڪري ڇپرائي پڌرا ڪيا آهن، جن جو تفصيل هن ريت آهي:

| | |
|---|---|
| ١. پارڪري ٻولي پڙهارو ڪتاب | ١٩٨٥ |
| ٢. پارڪري اکر ان ڦوٽو | ١٩٩٠ |
| ٣. پارڪري پٽو | ١٩٩٠ |
| ۴. پٽوان شيڪو | ١٩٩٠ |
| ۵. وارتائون پٽو | ١٩٩٠ |
| ٦. پارڪري ڪتاب پلٽو هارو | ١٩٩٠ |
| ٧. پارڪري ٻارون رو ڪتاب | ١٩٩٠ |
| ٨. پارڪري پيرهون ڪتاب | ١٩٩٠ |
| ٩. پارڪري پيزو ڪتاب | ١٩٩٠ |
| ١٠. شروعاتي سائينس | ١٩٩٠ |
| ١١. آپٽو جڳت | ١٩٩٠ |

| | |
|---|---|
| ١٢. جهنگ ري وارتائون | ١٩٩١ |
| ١٣. زناورن ري وارتائون | ١٩٩١ |
| ١۴. مارو گهر | ١٩٩١ |
| ١٥. رومارئي اکائي | ١٩٩١ |
| ١٦. هڑمو ٻائي | ١٩٩١ |
| ١٧. ٿائو کو ھاري | ١٩٩١ |
| ١٨. پاکستون آپڻو ڏيهہ | ١٩٩١ |
| ١٩. ڏکہ ان تاو | ١٩٩١ |
| ٢٠. ماکي آپڻي ڏشمن | ١٩٩١ |

پارکري ٻوليءَ ۾ ٻاراڻو بيت ”واه ڙي تارا گول تارا“ جو منظوم ترجمو هت ڏجي ٿو:

واھہ ڙي تارا، ڳول تارا
روشني واڙا تارا، چمکيا واڙا
ھونز رئہ ٿوڻئہ نيھر وھہ
آپ ٻدا موئين پکڙو ھہ
چلکو چمکو ھاري رات
کرئہ تمارئي کيو ئي وات
روشني تمارئي جي نہ ھوئہ
مساڦر ڏيکاڙ شيرڙو سارو

پارکري ٻوليءَ جا جملا ۽ سنڌي ٻوليءَ جا جملا ڀيٽ ڪري ڏٺو ويو تہ پارڪريءَ ۾ ڪهڙا لفظ سنڌيءَ جا آهن ڪهڙا گجراتي جا ۽ ڪهڙي طرح لفظن ۾ ڦيرو آيو آهي. هيٺ اهڙا جملا درج ڪجن ٿا:

| سنڌي | پارڪري |
|---|---|
| سبق پڙهہ، گهوڙي چڙهہ | سبق پڻ، گهوڙا مانهہ سڙ |
| ادا ڪالهہ آيو | ڀائي ڪال آيو |
| سنها اکر لِکُ | پاتڙا اکر لک |
| سوير سمهہ، سوير اٿ | ويلو هو، ويلو اُوٺ |
| گلاس ۾ پاڻي آهي | ڳلاس موئين پوٽي سئہ |
| مٿي تي ٽوپي آهي | ماٿا مانهہ ٽوپئي سئہ |
| پيجرو ۽ پکي ڏس | پينزو ان پکي زو |
| پيجري ۾ پکي آهي | پينزرا موئين پکي سئہ |
| ٻار پٽ تي آهي | ٻار پينت مانهہ سئہ |
| هيءَ انب منهنجو آهي | اي اونبڙئي مارئي سئہ |
| هيءُ ڪيلو تنهنجو آهي | اي ڪيوڙو ٿارو سئہ |

| | |
|---|---|
| صوف منهنجا آهن | صوڦ مارا سئہ |
| ڏاڙهون تنهنجا آهن | ڏاڙام تارا سئہ |
| انبڙيون منهنجون آهن | اونبڙي ماري سئہ |
| ڦريون تنهنجون آهن | ڦڙي ٿاري سئہ |
| تون منهنجو ڀاءُ | تون مارو ڀائي |
| مان تنهنجي ڀيڻ | هون ٿارئي ڀين |

”پارڪري“ ٻوليءَ جو گجراتي ٻوليءَ سان گهرو ۽ قريبي رشتو معلوم ٿئي ٿو. پر پارڪريءَ تي سنڌي ٻوليءَ جا ايترا تہ اثرات ٿيا آهن جو اها ٻولي مڪمل طور بدلجي هڪ نئين ٻولي طور تي اسڙي

آئي آهي. سنڌي ٻوليءَ جا هيٺيان صوتي (Phonetic) اثرات نظر اچن ٿا.

١. سنڌي ٻوليءَ جا چارئي چوسڻا آواز (ٻ، ڏ، ڄ ۽ ڳ) پارڪريءَ ۾ داخل ٿيل آهن، جن مان ڄ ۽ ڳ گجراتيءَ ۾ نہ آهن.

گجراتيءَ ۾ ٻ ۽ ڏ بہ ناهن. پارڪري ٻوليءَ سنڌي کان ورتا آهن. پنجون چوسڻو آواز يعني ڏنداڻون چوسڻو ڏ آواز بہ پارڪري ٻوليءَ ۾ ڪڇي محاوري مان آيو آهي. ڪڇي ۾ ڏ آواز اڳ ئي موجود آهي، هي ڪڇي اثرات جو اهڃاڻ آهي.

٢. سنڌي نڪاوان آواز (م، ن، ڻ، ڃ ۽ ڱ) آهن، جن مان ڃ ۽ ڱ آواز بہ سنڌيءَ مان ورتا ويا آهن. جيڪي گجراتيءَ ۾ ڪين آهن.

٣. هيٺ ڏنل لفظن جي مثالن مان معلوم ٿيندو تہ پارڪري ٻوليءَ سنڌي آوازن کي ڪهڙي طرح تبديل ڪيو آهي:

| سنڌي | پارڪري | صوتي تبادل |
|---|---|---|
| ٻدڪ<br>انب | ٻدڪ<br>اونٻڙئي | ب کي ٻ ۾ بدلايو ويو آهي. |
| ڄڀ | جيڀ | ڄ کي ج ۾ بدلايو ويو آهي. |
| چنڊ | سندر | چ کي س ۾ بدلايو ويو آهي ۽ ڊ کي د ر ۾ بدلايو آهي. |
| ڇٽي | سترئي | ڇ کي س ۾ ۽ ٽ کي تر ۾ بدلايو ويو آهي. |
| حجم | هزوم | ج کي ز ۾ بدلايو ويو آهي. |
| دروازو | ڏروازو | د کي ڏ ۾ بدلايو ويو آهي. |

علحده ٻوليءَ جي صورت ۾ تہ آندو آهي، پر ساڳئي وقت ڪيس گجراتيءَ کان گهڻو پري ڪري ڇڏيو آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي گهڻو قريب آڻي بيهاريو آهي.

جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو تيئن تيئن پارڪري ٻوليءَ جو لاڳاپو سنڌي ٻوليءَ سان وڌندو رهيو. پارڪر جا لوڪ گيت پارڪري ٻوليءَ جي اوسر ۽ تاريخ تي روشني وجهن ٿا. لوڪ گيتن ۽ لوڪ ادب وسيلي پارڪري ٻوليءَ جي چڱيءَ ريت اوڪ ڊوڪ ڪري سگهجي ٿي. منگهارام اُوجها صاحب پارڪر جي خطي مان ڪي ڪٺا پنهنجي ڪتاب "پراڻو پارڪر" ۾ تہ ڏنا آهن پر ڪافي سارو مواد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي بہ گڏ ڪري ڏنو اٿائين، جنهن کي ڊاڪٽر بلوچ صاحب لوڪ ادب جي ڪتابن ۾ مناسب جاءِ ڏني آهي. منگهارام صاحب پارڪر جي نج شعر جي نموني طور هيءُ گيت ڏنو آهي:

گمي چي گلبدن تارو، چترا چت چنجي چي
آري ويوڳ ٿي وهالي، ڪري ڪر دل پتڪي چي
آتش ڪيس لانباچي، سوندا يتر پڙ سوچي
اڏيڪا انتر تي ني، ڏٺيڙر سيس پتڪي چي
للاتي چاندلو سويي، نهاري نيتر لويي چي
ششي ايمر ڏاري ني، ڪوڏ ني مک متڪي چي
هرڻ سم نيتر چي تارا، وري وشال ني ڪارا
نيڻ نت ٿي نہ تايو تو، نهين ڪو ڪال چنڪي چي
گلابي گال چي گورا، سو يت ناڪ ۾ نت نبي
اها نت نوٽو موتي، اڌر پر چيڪ لتڪي چي

منوهر مکڻ تارون چي، تــروٽي تيج وارن چي
ششـِي شرمائي نيڻ گگني، گهاوي گرو پتڪي چي.

هن گيت ۾ ڏنل ڪيترائي لفظ گجراتي جا آهن ۽ فعل ”چي“ به اصل گجراتي جو ڪم آيل آهي جيڪو بعد ۾ پارڪري ۾ سئه تي چڪو آهي.

ٿري لوڪ گيت ”هيلوڪو وري آ“ جيڪو سموري ٿر ۽ معياري سنڌي ۾ ڪي مصراعون ڏاتڪي سميت رائج آهي، هي ساڳيو لوڪ گيت پارڪر ۾ به ڳايو وڃي ٿو. جنهن کي پارڪريءَ ويس پهرايو ويو آهي. اوجها صاحب پارڪر جي گيت طور پنهنجي ڪتاب جي صفحي ١٢١ تي ڏنو آهي. هن گيت منجهان پارڪري ٻوليءَ جي مهڪار اچي ٿي. گيت هيٺ پيش ڪجي ٿو:

سايون ڪورايون تان، وٿاٿي آيون ڙي
تاجي ڏوجهاري، ڏسڪا پري ڙي
جاني ڙا، وهيلو وري آءِ

ست تان سهيليون، پاٿي ڙي گيون ڙي
تاجي هانجر آنسوڙا هاري ڙي
جاني ڙا، وهيلو وري آءِ

سائو تان سارون ڙو، وينتئي رهيو ڙي
تاجي وڇوڙي ۾ ويراڳڻ ڦران ڙي
جاني ڙا، وهيلو وري آءِ

پيجي ڪو سهيلين، تيج ڪور کي ڙي
تاجي مرگها نيٽي ميلي ويس ڙي
جاني ڙا، وهيلو وري آءِ

کنوڻ ري ڪڙڪي، مانجي ڇاتي ڪو ڏڙڪي
چو ماسو تڪڙو جائي ڙي
جاني ڙا، وهيلو وري آءِ

ٿر جو هڪ ٻيو مشهور لوڪ گيت آهي ” ورسارو“. هن ”لوڪ گيت“ جون ٽي روايتون ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب ”لوڪ گيت“ (لوڪ ادب سلسلي جو سترهون ڪتاب) ۾ ڏنيون آهن. منگهارام اوجها صاحب کان مليل روايت ننگر پارڪر جي حوالي سان ڏني وئي آهي- ”ورسارو“ عنوان جي هن لوڪ گيت کي هت پيش ڪجي ٿو:

اڃ اتر ۾ ڏنڌلو، موتوڙي ڇنڊازوَ ورسي مِينه
اي منهنجا وهنڏڙ بادل، تنهنجي بنان وسڪارو لونبيو جائي
اڃي پيڪ رو ٻگلو ٻيٺو مين تان جائيو هنس
هنسلو ويچارو ڇا ڪري، منهنجو پرديسڻ سان لڳو نينهن
اي منهنجا وهنڏڙ بادل، تنهنجي بنان چوماسو لونبيو جائي
اتر ڏِس رو ميهولو ورسي، منهنجي پيجي امرائي ري پت
ساسو تنهنجو ڏڪرو، چڙهيو منهنجي چت
مرگها نيني را بالم، تنهنجي بنان ورسارو لونبيو جائي
اتر ڏس جو واءُ لڳي، منهنجو ٽٽي نوسر هار
ساسو تنهنجو ڏڪرو ٽي ويو مون کان ڏار
اي منهنجا وهنڏڙ بادل، تنهنجي بنان چوماسو لونبيو جائي
اڃ سڀ سهيلي سورهن سنگار، اي پرديسڻ اوديو نه ڪيئن
ڪاوڄ توتي ورجيو، ڪا ماندو پڙيو تون مينه
اي منهنجا پرديسي بادل، تنهنجي بنان وسڪارو لونبيو جائي

هن لوڪ گيت جي ٻوليءَ تي معياري سنڌيءَ جو تمام گهرو اثر واضح نظر اچي ٿو، هيٺيان فقرا معياري سنڌيءَ جي بناوت وارا آهن:

اي منهنجا وهندڙ بادل، تنهنجي ٻنان وسڪارو ........
هنسلو ويچارو ڇا ڪري منهنجو پرديسڻ سان لڳو نينهن
اتر ڏس ۾ واءُ لڳي، منهنجو ٽٽي نوسر هار
تنهنجو ڏيڪرو تي ويو مون ڪان ڏار.

"ڏيڪرو" لفظ ڍاٽڪي ۾ عام مروج آهي ۽ "پٽ" جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي. هت هيءُ لفظ پارڪري ٻوليءَ ۾ ڍاٽڪي اثرات جو اهڃاڻ ڏئي ٿو.

پارڪر جي طرف شاديءَ جي موقعي تي لاڏا ۽ ڳيچ پنهنجي پارڪري ٻوليءَ ۾ ڳايا ويندا آهن. "ڳيچ" ڪتاب جي جلد ٻئي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب ٿر جا ڳيچ ٻہ شامل ڪيا آهن سي اڪثر ڍاٽڪي محاوري جا آهن. منگهارام اوجها صاحب هڪ ڳيچ پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنو آهي. هي ڳيچ زالن جي نج ٻوليءَ جي نمائندگي ڪري ٿو. گيت ۾ ماءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ گفتگو آهي. ڳيچ جا ٻول هن ريت آهن:

ماڙي، ٻارهن ورس آويو، ماڙي، نہ ڏسي پاتلي پرمار ري
جاڙيجي مان
ٻاپيو ٻوليو، ڪاٽڙ ري ڪيجڙي
بيٽا، ايهن پاٽي ٻهوگٽي، بيٽا، ڇوٽوڙو ڏيور سات
ٻاپيو ٻوليو ڪاٽڙ ري ڪيجڙي
ماڙي جل ٿل سب ديکيا، پڻ نهين ديکي پاتلي پرمار ري

جاڙيجي مان
بابيو ٻوليو، ڪانٽر ري ڪيجڙي
ڏيڪرا ٻينٽي ويس ني هٿيار ڇوڙيٽي، ڏلٽا ڏري آوسي
بابيو ٻوليو ڪانٽر ري ڪيجڙي
ماڙي، گهنٽيون ني رتڙا جوئي رهيو، ماڙي نہ ديکي پاٽلي پرمار ري
جاڙيجي مان
بابيو ٻوليو ڪانٽر ري ڪيجڙي
ڏيڪرا ٻيس هٿيار ڇوڙيٽي، ڪليا ڪنور ويس ڏوڪ ني آوسي ري
بابيو ٻوليو ڪانٽر ري ڪيجڙي
ماڙي نديون نالا جوئي ديکي ري، ماڙي نهين ڏيءَ پاٽلي پرمار ري
جاڙيجي مان
بابيو ٻوليو ڪانٽر ري ڪيجڙي
اينا ٻچڪا مان ڪوري بانڌني ري، اي بانڌني ديک ني باور هاو ري
اي گوجارن مان
انٻلو ورک سوکي ڳيو ري

”ڳاهن سان ڳالهيون“ جي سري واري ڪتاب ۾ گهٽيئي ڳالهيون گڏ ڪري ڇپايل آهن. راجڪمار ۽ ساهيچي واري ڳالهہ، منگهارام جي روايت جي حيثيت ۾ شامل ڪيل آهن. ڳالهہ ۾ آندل ڳاهون هت ڏجن ٿيون: اهي سمورا بيت گريئرسن بہ ڍاٽڪي / ٿريچي جي نموني طور ”لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا“ ۾ ڏنا آهن. جيڪي هن ڪتاب ۾ ضميمو ”ب“ ۾ ڏنا ويا آهن. گريئرسن جا ڏنل بيت ڍاٽڪي محاوري جا آهن. جڏهن تہ اوجها صاحب جي ڳاهن / بيتن ۾ پارڪري عنصر گهٽائيءَ سان موجود آهي. اوجها صاحب

جي رڪارڊ ڪيل بيتن جا اصل ٻول هت درج ڪجن ٿا:

نگري! تون اولي ٿـي، مـاڙي نهاريو مَ اڄ
نڪا ڏيون ۾ ڏيول پتري، ند راتين ۾ رڄ
اڄ اٻلا وٽ ڇو آيا، ڪهڙو پيو مون ڪام
مهنئو تنهنجو گهرنا، مون شـڪل ورٽـي رو شـام
نگري ! تون اولي تـئين، ماڙي نهاريوم اڄ
اڄ مون آيو اٻلو

هون آيو اٻلـو، پلا پيي ٻـولاوڻ ڪـج
ڏينهـن گيو، گـهر آپري، راجا گهران جاءِ
مون اٻلا سان ڪهڙو ٻولڻو تون ڪيهر مـون گـاءِ
ڪيهر بک ڪوئلي، آجيـا بـک بـگهـار
ڪيهر ڪوئلي ڪـي ڪائيندو، جي حيلو ڪرين هزار
واڙ ڏيان ڪينتر نان، واڙ ڪيتر نان ڪاءِ
راجا ڏنڊي رعيـت نـان، ڪـوءِ ڪنهن وٽ جاءِ
ڪوڪ مت ڪر ساهيڇي ! ڪوڪ ڪري ڪڻ هوءِ
ڪيهر بک چڙهي ڪوئلي، ڇتي سٽي نـہ ڪـوءِ
آڻ ڏيان راجا تـوڪـي، مـت الوپـيا آپ
مون اٻلا سان ڪهڙو ٻولڻو، هون بيٺي تـون ٻـاپ
پـگ پـگ پر گهسي، پايل گهس گهس جاءِ
هـون پيچان، اي سکي! تني نـنـڊ ڪـيئـن نـہ آءِ
ڏرتـي ڏان نـہ پتجي، تارا منڊل هـست هوءِ
ڏارائين سيـن پريت ڪران تـہ پرتوي پرلئہ هوءِ

لعل پلنگ لچڪيو نهين پايل جي جهٽڪار
هون پيچان اي سڪي! ڪوڻ چتر، ڪوڻ گنوار؟
تو ڏني تلاوڙي پاٽي پيڻ ري ڪج
هنسي چونچ چو نہ ٻوڙي، تنهن جو اتر ڏيو اج
جي مارگ ڪيهر هليو رجي لڳي تٽي
اوڪڙيا ايا سڪسين، چنا نہ هرٽي
پار چڙهي جل تانگهيو، پاٽي پيڻ ري ڪج
پڻ هنسي چونچ ٻوڙي نهين، نشچئہ آٿيو اج (۵).

ٿر ۽ پارڪر جا علائقا سنڌ جا اڻ ٽٽ حصا رهيا آهن. اڄ بہ سنڌ انهن علائقن جي اڪيلي وارث ۽ وسيلو آهي. سنڌي ٻولي سنڌ جي هڪ ڀرپور جاندار ۽ سگهاري ٻولي آهي. پارڪري ٽوٽي ڍاٽڪي محاوري جا سنڌي ٻوليءَ سان ناتا رشتا نهايت قريبي آهن، لوڪ ادب جي وسيلي پاڻ ۾ پريت جا پيچ نهايت پختا پيل اٿن. سنڌي ٻوليءَ پارڪري تي نہ صرف صوتي ۽ صوتياتي طور اثر انداز ٿي رهي آهي پر پارڪري جي لفظي ذخيري ۾ پڻ ڪيترائي سنڌي لفظ روز بروز شامل ٿيڻ لڳا آهن. ان جو هڪ سبب هيءُ بہ نظر اچي رهيو آهي تہ ڪيترائي پارڪري ٻولي ڳالهائڻ وارا لوڪ ننگر پارڪر مان نڪري ميرپورخاص، ڪنري ۽ ٻين هنڌن تي بہ وسي ويا آهن پر پوءِ بہ پارڪري جي عمل دخل جو دائرو پارڪر جو خطو آهي.

---

## حوالا


١. منگھارام اوجھا "پراڻو پارڪر" (ٿيون ڇاپو)، ١٩٨٨. ص-١.

٢. رائچند "تاريخ ريگستان" (ٻيو ڀاڱو)، ١٩٧٥. ص - ١٣٤.

٣. منگھارام اوجھا "پراڻو پارڪر" (ٿيون ڇاپو) ١٩٨٨، ص- ١١٧.

۴. Peter J. Grainger, & Nita G. Grainger, A Prelimnary Survey of the languages of Sindh, 1980. P-38.

٥. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، "لوڪ ڪهاڻيون" جلد- ٧ (ڳاهن سان ڳالهيون)، ١٩٦۴، ص -٣٢ - ٣٧.


—

# باب پنجون

## سوڍڪي محاورو

ٿر جا مکيہ محاورا ڍاٽڪي ۽ پارڪري آهن، جڏهن تہ سنڌي، گجراتي ۽ مارواڙي ٻولين جا بہ ڪجهہ محاورا ڳالهايا ويندا آهن. ڪيترن وڏن محاورن جا بہ ٻہ چار نمونا ٿورڙي ڦير گهير سان ان ساڳي علائقي ۾ رائج هوندا آهن. محاوري کي اپ ڀاشا ۽ ننڍي محاوري کي اپ اپ ڀاشا بہ سڏيو وڃي ٿو. مثال طور اترادي (سري واري) محاوري جا ننڍا محاورا شڪارپوري، لاڙڪاڻائي، اباوڙائي ۽ ماڇيلي جا موجود آهن، اهڙي طرح ٿر جي هڪ ننڍي محاوري سوڍڪي جو ڪجهہ احوال هت ڏجي ٿو.سوڍا اصل پرمار راجپوت سوڍڪي ڳالهائيندا آهن. سوڍا نہ رڳو سنڌ جي ٿر واري علائقي ۾ رهندا آهن پر ڪيترائي سوڍا سرحد پار ڀارت جي علائقي ۾ پڻ رهندا آهن. سوڍن جي اصل نسل جي باري ۾ پيرومل مهر چند آڏواڻي صاحب لکيو آهي تہ :

”پرمار راجپوت جو اندر ديوتا جي ڪرپا سان اگني ڪنڊ مان پيدا ٿيو هو، تنهن ستين لوڪن کي ماري برهمڻ راڄ جو بچاءُ ڪيو ۽ پوءِ هن نہ رڳو ابو پهاڙ ۽ ان جي آس پاس جي ملڪن تي حڪومت ڪئي پر سڄي ڀارت جو راجا ٿيو. هن جا پويان راجپوت يعني راجا جا پٽ سڏجڻ لڳا. پرمار راجپوتن جون ڪل پنجٽيهہ شاخون سڄي هندستان ۾ آهن. انهن جن راجائي ڪمائي سي ”تڪر“ سڏجن ٿا باقي ٻيا ڀائر رڳو پرمار راجپوت ڪونجن ٿا، جي هن وقت ٿر ۾

گهٽيئي آهن. انهن پرمار راجپوتن مان چار راءِ نالي راجا هئو، جنهن کي ٻه پٽ ٿين نياٽي هئي. چار راءِ جي وڏي پٽ جو نالو سوڍو ننڍي پٽ جو نالو سانکلو هو، سانکلي جو اولاد سانکلا راجپوت سڏجن ٿا جي جوڌپور ۽ بيڪانير پاسي گهڻا آهن. ٿرپارڪر ضلعي ۾ سوڍا راجپوت گهڻا آهن، اهي پنهنجي وڏي ڏاڏي "پرمار" جو نالو گڏي پاڻ کي "پرمار سوڍا راجپوت" سڏائيندا آهن. راجا چار راءِ جو مربي پٽ سوڍو وڏو ڪٽڪ ڪاهي سنڌ ۾ آيو ۽ سنڌ ۾ رتني ڪوٽ ۾ راڄڌاني ڪري پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. سوڍن پوءِ تر جي ٻين ڪيترن علائقن تي قبضو ڪيو ۽ ڍٽ جي سموري خطي تي حڪومت هلائي (١). پيرومل جي راءِ موجب سوڍن جي صاحبي سنہ ١٣٩٠ع ڌاري تائين رهي. عمر ڪوٽ جو قلعو سوڍن کان سومرن جي سترهين حاڪم عمر سومري فتح ڪيو. ان وقت تائين سوڍن جو زور ٽٽي چڪو هو. (٢)

سوڍڪي محاوري جي باري ۾ ڀارت جو مشهور ماهر لسانيات پرسو گدواڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت" ۾ لکي ٿو: "سوڍا سنڌي ٻوليءَ جي ٿريلي اپڀاشا جي اپ اپڀاشا (Sub dialect) ڍاٽڪي ڳالهائيندا آهن. جيڪڏهن ذات پاتي اپڀاشا جي حساب سان ڏسجي ته سوڍا سوڍڪي اپڀاشا ٿا ڳالهائين، جو ته اپڀاس ڏيکاريو آهي ته سوڍن ۽ مينگهواڙن وغيره جي اپڀاشائن ۾ ٿورا فرق آهن، پر گهڻي ڀاڱي سوڍا وچولي پڻ ڄاڻن ٿا.ڇا ڪي سنڌي جي معياري ڀاشا مڃي وڃي ٿي. گهڻا سوڍا تہ سنڌي لپي (عربي سنڌي) چڱي طرح لکي پڙهي ڄاڻن. (٣)

سوڍڪي ۾ ٻاهريان اثرات گهڻا نہ ٿيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي

معياري محاوري ۾ سوڊڪي محاوري ۾ جيڪي فرق آهن انهن بابت پرسو گدواڻي لکي ٿو : ”سوڊڪي رڻ ۾ ڳالهائي ويندي آهي اِن سبب گهٽ ئي جديد اثرن کان آجي آهي. گهٽيئي لفظ جيڪي معياريءَ مان گم ٿي ويا آهن سي سوڊڪي ۾ اڄ بہ واهپي ۾ آهن. جنهن کي اسين خراب تيڻ چئون يا ”تنل“ چئون تنهن کي سوڊا ”جهرپل“ چون، ”ٽاٽو“ لفظ اجان سوڊڪي ۾ رواج ۾ آهي. جڏهن تہ سنڌي ۾ هاڻ ”وقت“ ۽ ”ٽائيم“ چيو وڃي ٿو. ”ڪِڙڪي“ معنيٰ ”گهنٽي“ سوڊڪي ۾ آهي. صندليءَ لاءِ لفظ ڪم آڻين ”ڪٽولي“، بال لاءِ جيڪو لفظ ڪم آڻين سو آهي ””ڏڙو“ (۴) سوڊڪي ۾ رنگن جا نالا سنڌيءَ کان ٿورا ڦريل آهن مثلاً :

| سوڊڪي | سنڌي |
|---|---|
| ڏوُرو | اَڇو - ڏوُنرو (رنگ ڏيڳي جو) |
| رَتو | ڳاڙهو |
| ڪارو | ڪارو |
| پيرو | پيلو |
| لِيلو | سائو |
| ڪَناتو | نيرو |

سوڊڪي ڳالهائيندڙ هلڪي ۽ گهاٽي رنگ ۾ بہ فرق ڪندا آهن. مثال جڏهن ڪنهن شي جو رنگ گهاٽو ڳاڙهو هوندو آهي تہ پوءِ ان کي چوندا ”پڪو رتو“، جي ڪنهن شيءِ جو رنگ هلڪو ڳاڙهو هوندو آهي تہ چوندا ”ڪچو ڳاڙهو“ .

سوڍڪي جا ڪجهه پيا لفظ:

ڀولائي: اها ڳانءِ جنهن جي بدن جو رنگ ڪارو هجي پر منهن جو رنگ اڇو هجي.

ڪولي: جنهن ڳانءِ جا سڱ ۽ ڪر اڇيئڙا هوندا آهن ان کي ڪولي چون.

چونٽري: ان ڳانءِ کي چون جنهن جي بدن جو رنگ ڪهڙو به هجي پر پيچ اڇي رنگ جو هجي.

ڀينٽڙي: ٻڪري جنهن جي پيٽ تي اڇو ٽڪو هجي.

نو چاندري: اُن مينهن کي چون جنهن جي بدن تي نو اڇا ٽڪا يا نشان ٿين.

ڊاڪٽر پرسي گدواڻي سوڍڪي محاوري جو مطالعو، پارت ۾ ڪڇ جي بَنِي علائقي ۾ وڃي ڪيو آهي جتي سوڍا وڏي تعداد ۾ رهائش پذير آهن. سنڌ ۾ رهندڙ سوڍا به سوڍڪي ٻولي ڳالهائيندا آهن. سنڌ جي سوڍن جو جيسلمير ۽ ڪڇ جي وڏن گهراڻن سان تعلق رهيو آهي پيرومل لکي ٿو : ”عمر ڪوٽ توڙي ننگر پارڪر جا گادي نشين راڻا جهڙي تهڙي گهر ۾ ڌيئون ڪين ڏيندا آهن ۽ پرڻبا به وڏن گهرن مان آهن. هنن جي متي ماڻتي ڪڇ جي راءِ، جيسلمير جي راول ۽ جوڌپور جي مهاراجا سان آهي.(٥) تر جي سوڍن / راڻن جون ريتون رسمون سنڌ جي ٻين هندو ذاتين کان ڪجهه مختلف به آهن. گادي نشين سوڍن جي گذاري وڃڻ بعد مٿانئن قبا اڏايا ويندا آهن. ان باري ۾ پيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو:

”هاٿوڪن نالي ماتر گادي نشين راڻن مان ڪو مرندو آهي ته هن جي سنڪ ڏري پوري ان جي مٿان قبو اڏائيندا آهن، انهن قبن کي

"پاڙيا" چوندا آهن. جن پاڙين جي اندر هڪ پٽر تي انهيءَ راڻي جي شڪل اڪرائيندا آهن ۽ انهن پٽرن کي "لوڙهيون" چوندا آهن (٦).

"لوڙهه" لفظ سنڌي مسلمان به قبرِ لحد، تربت، گور جي معنيٰ ۾ ڪم آڻيندا آهن (٧). گمان غالب آهي ته هيءُ ساڳيو لفظ آهي جو سوڊڪي ۾ عام طور رائج آهي ۽ معياري سنڌيءَ مان ورتو ويو آهي.

## حوالا:


١. پيرومل مهر چند ، "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ"، ١٩٩٠ ص ٣٠ -٣٣

٢. ايضا. ص ٤٣

٣. پرسو گدواڻي، "سنڌي ٻوليءَ جي زيارت،" ١٩٨٩، ص ٣١

٤. ايضا ص -٣٥ -٢٨

٥. پيرومل مهر چند ، "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ"، ١٩٩٠، ص، ٧٣

٦. ايضا ص٧٤

٧. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "جامع سنڌي لغات" جلد پنجون، ص -٢٥٢٩

# باب ڇهون

## ٿر جا پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح

ٿر مان گڏ ڪيل پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح معنيٰ سميت هن باب ۾ پيش ڪجن ٿا:

لنب مکڻ چنب = لنب ڪارائڻ سان ڏڳيون مکڻ جام ڏينديون آهن، تنهن ڪري چوندا آهن: لنب مکڻ چنب.

ڪدڙن جا اوتارا ڪنيارن جي گهر = ٿر ۾ ڪدڙا ڪنيارن جي گهر ۾ ٽڪندا آهن.

لانپوئو ڏيڻ = لاش کي ساڙڻ وقت باهه ڏيڻ.

پيرا اپڙيل = مرد جو بد چال هجڻ.

نول ڪرڻ = سولو ڪرڻ.

ڪو اُگو اڃنو رهي ؟ = سج ابرڻ بعد ڪو لڪو رهي سگهندو ڇا؟

سنپت آهي برڪت (ٿر جي هڪ چوڻي) = ٻڌيءَ ۾ برڪت آهي.

ٿالهيون لاهڻ = قطع تعلقات.

نيات ڪان ڇيهه = برادريءَ مان ٻاهر.

سڄو پٽيل راڄ تي ڇٽي = (ٿر جي چوڻي) سڄو پٽيل راڄ کي ئي ڦريندو رهندو.

جوڻءَ سمهي، ليک سمهي ننڊ ڪرڻ = بنا الڪي ننڊ ڪرڻ.

وهاڻءَ جو ڏورو = اڇوتن جي شاديءَ ۾ پيلو سڳو وٽيل، دعوت نامي طور موڪليو ويندو آهي.

چونري جو دونهون لڳڻ = ڪنهن عورت جي شادي ٿيل هجڻ.

ڪنوار گرهه = رن زال ۽ ڪنواري مرد جي شاديءَ مان ٿيل اولاد.
ماني اڪ ٿيڻ = گهر ۾ رنجش پيدا ٿيڻ، گهريلو ڪٽ ڦٽ.
پيڙن ۾ پرمر = هڪ ٽري چوٽي، گڏ رهڻ ۾ عزت آهي.
وٺو تہ ٿر، نہ تہ ٻر = (ٽري چوٽي)، برسات پئي تہ ٿر ۾ سڪار نہ تہ رڻ پٽ بيابان.
اُنچر لڳڻ = جام، گهٽا ٿيڻ.
ٿر آهي ٿڻ تي نہ ڪڻ تي = هڪ ٽري چوٽي.
تاڙي جي تنوار = تاڙو پکي ٻولي تہ مينهن وسڻ جو سمو ٿئي.
آکو پايو، گهر گهر ٺاهيو= ٽري ٻاراٽا ٻول معنيٰ برسات پئي اچي تياري ڪيو.
مينهن جو موهري = تاڙو پکي.
مينهن جو مانجهي = سانجهيءَ تارو.
ٿڏو منو واءُ، جنهن ۾ لاءُ نہ ساءُ = هڪ چوٽي.
ڏهائيءَ جا ٻول = سج اڀرڻ بعد ٿيندڙ گجگوڙ.
پيمر سر اڪان ري گوڍي = هڪ ٽري چوٽي.
اسوءَ جا دارُوڙا = اسو مهيني ۾ وسندڙ ڇڊو مينهن.
ڪَتيءَ جا ڪاڙها = ڪَتي مهيني ۾ ٿيندڙ گرمي.
ميهہ جا ماما = مينهن وساڙا.
هرٽيا پيارڻ = مينهن جو پاڻي واٽن تان هرڻ بہ پيئن.
مارئيءَ جو پٽر = ٿر جو هڪ خوشبودار ٻوٽو.

# ضميمو "الف"

## ٿر جا چوند لفظ

آٿاڻو- (ڍاٽڪي) آچار

آپ - (ڍاٽڪي) پاڻ

آجڪو - (ڍاٽڪي) گذران

آڏي گيڏي - فصل ڪري پوڻ

آڏوَريو - ٽوٽيون

آڙنگ - اتر کان ڪڪرن جو اچڻ

آنبوهيل - ٻيرڙين جا اڍ پڪلِ پيلي رنگ جا ڪٽا ٻير

آندهر - ٻيرڙين جا سائي رنگ جا ڪچا ٻير

آهار - (ڍاٽڪي) کاڌو

ائنڙ - پيرن ۾ ڪڪرا پئجي وڃڻ

اب گهڙي - (ڍاٽڪي) يڪدم

اُپراٽو - ٻيرين اگهاڙو گهمڻ

اتيار - (ڍاٽڪي) گهٽو

اتَ- (ڍاٽڪي) هتي

اَٿائو - پرڻ

اپلاٽو - اٺ تي سواري ڪرڻ جو نمونو

اپٽيو - (ڍاٽڪي) وائريو

اجهور- ڳوٺ جي چوڌاري ويجهڙائي واري زمين

اچوٽر - عمر ڪوٽ، ڪپري، خيرپور ۽ جيسلمير وارو ڀاڱو، اچي

رنگ جي مناسبت سان نالو رکيو ويو آهي.

ارهو - (ڍاٽڪي) اورتي

ارهيڪو - (ڍاٽڪي) وڏيڪ اورتي

اڙلي- ڪاني تڪر

اڪ پاڏيو - اڪ جو ڦل

اڪاريو - اڪن واري ٻني

اڪرڙي - گند جو ڍير

اڪوارو - اڪ جو ريشو جنهن مان رسا ٺاهيا آهن

اُگريل - ٻيرڙين جا پڪل ڳاڙها مٺا ٻير

اگهاڙو چنڊ - ٻنا ڪڪرن چنڊ

اُگهاڙو سال - جنهن سال مينهن نه وسي

اَليڪ ري - چسي يا گدلي عورت

انچليشور - ٽر ۾ هندن جي تيرٿ جو آستان

انچر - (ڍاٽڪي) گهٽو

آٿوهار - آنهر

اَواڙو- ڪونر

اوپالو- (ڍاٽڪي) ڏوراپو

اوتارو- مهمانن لاءِ ڌار چونرو يا ڪڙهه

اوپاڙا - ڪَنڊن جو ڍگ

اورکيو - (ڍاٽڪي) سڄاتو

اولاٽو - اٺ تي سواري ڪرڻ جو نمونو

اُونڌيو لڪ - ايڪيري، جتان ماڻهو يا وهٽ لهي چڙهي نه سگهي.

باسيندي - ٻهاري

بَجير (مونث بجيرياڻي) – نوڪر ، گولو (وزير)

براڙ – اڇوتن پاران گڏ ڪيل ان

بنهه – بنياد

بيارو – شام جي ماني

باپيهو – پکي ، پپيهو

ٻاٽو – ڪِرڙ جو ٽورو نسريل ابتدائي ٽل

ٻاهر پگي – (ڏاتڪي) بدچال عورت

ٻٽون – چاريون جن جو تڙ ظاهر نه هجي ۽ ٽاريون زمين سان لاڳو

دائري ۾ سوڙهيون پکڙيل هجن.

پريتو – ٻارڻ

ٻُڙا ڪرڻ – ان جا ڍيرا ناهڻ

ٻڙڪٽو ڪندو – جڏهن ڪندي وڻ جا ڪندا ڪچڙا هجن

ٻڪڙ – پٽ جي مهڙ ۾ ٻي پٽ يا دڙو اڇي گڏجي ته ڪند واري لاهي.

ٻوهنگرو – ڪپ يا سڻ جي ٻهاري

پيپارو – منجهند جي ماني

پيلاسو – اٺ تي ٻيلهه سواري

پَتو – ماني

پٽَ – واريءَ جو دڙو

پل سرا – پلو سال، جنهن ۾ گهٽي برسات پوي

پوڏ ڪارينگ – خود رو هنداڻا، جهنگلي هنداڻا

پينٽارا – اٽن تي لڏيل ڪندن جا ڍگ

تِڙڪول – ڪن پٽن جا پاسا اتر اوپر ڪان ڏکڻ اولهه ڏي آهن

تنهنڪري سج ايرڻ سان جنهن پاسي سج جي اس (تڙڪو)

پوي اُن پاسي کي تڙڪول چون.

تلسر – ڏهرن جي سخت زمين

تَلي – پٽن جي وچ ۾ وارياسي ٿورڙي زمين جو ٽڪر

ٿالهيون لاهڻ – قطع تعلقات ڪرڻ

ٿر – خشڪ زمين

ٿري – ٿر جو رهاڪو

ٿوٿي – ڪوڪلو، پورو

ٿارو – وڏي پٽ تي چڙهڻ لاءِ اڌ گول رستو

ٿُبڪا – ڪارا

ٿپري – آباديءَ لائق پٽن جي وچ ۾ گولائي سان سخت زمين

ٿويا – ٿنڊا ڪڏا

ٿيلاسو – اٺ تي ٿن ڄڻن جي سواري

ٻاج – پٽ تي چڙهڻ لاءِ آڏي سلاميءَ واري واٽ

پارڪر – پارأڪر، ٿر جو حصو

پارهائي – ڪچين سرن جو چونري جو بنياد

پاساڙو – پٽ جو پاسو (مونث پاساڙي)

پاهيو – دروازي جو پاسو

پائر – ٿر جي ڏڪڻ وارو ڀاڱو

پٽڪولو – ڏهرن جي سخت زمين

پَٽيل – راڄ جو چڱو مڙس

پَڇو – (ڍاٽڪي) پوٿي

پرويٺ – لوڙهي اندر مال جو واڙو

پُرهه – پنج فوٽ ماپ هڪ ماٺهو جون ٿهلايل ٻانهن جي ماپ

پرھو (ڍاٽڪي)- پرتي

پَرھيڪو (ڍاٽڪي)- اڄان وڏيڪ پوئتي

پِڙو - اڪ جو وڏو پن

پُسي - ڪرڙ جو ٿورو نسريل ابتدائي ڦل

پَگ - (ڍاٽڪي). پير

پگڙيون - ڏاڪا

پَلر - ننڍڙو تلاءُ

پٽھارو - پاڻي رکڻ لاءِ ڇاپرو

پوٿو - اڇي مٽيءَ جو ليپو

پونو - ڏِھرن جي سخت زمين

پوچاندو - پٽ جو پاسو جو آھستي آھستي ھيٺاھون ٿيندو ويندو آھي.

پُوري - وڏيل ڪپ جا مُڇا

پيدليون - ڏاڪا

پير اپڙيل (ڍاٽڪي)- بدچال مرد

جاڪيو (ڍاٽڪي)- روڪيو

جانکر - صبح جي ماني

جرھيڙي - چنڊ جي پڙ ۾ تجلو

جڪي لگ - ٿر جو عام تڪيو ڪلام

جھارو - صبح جي ماني

جھانپو جھورڻ - گھوٽ کي اٺ، گھوڙو يا زيور تحفي ۾ ڏيڻ جي رسم

جھول - ڏھرن جي سنئين زمين جتي گھاتا وڻ ۽ ٻوٽا ھجن

چاڙھاڻ - پٽ جي چاڙھي

چَڙسي - کوھ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ پکال

چڙهٽي - ڏاڪڻ

چوپٽيو - چوديواري

چولاسو - اٺ تي چٺن چٺن جي سواري

چؤنرو - (جمع چئونرا) ترجي جهوپڙي

چيڙهو ڪندو - جنهن ڪندي وڻ جا ڪندا ۽ ٽاريون پڪيون هجن.

ڇاجارو - چونري جا ڪک ڏيڻ وارو ماهر

ڇاجو - چونري جا ڪک ڏيڻ

ڇاڏهول - چسي يا گولي عورت

ڇنيڻ - در مٿان رکيل ڪاٺي

ڇنٽ ڦڙي - مينهن جو وسڻ

ڇندون پوڻ - مينهن وسڻ

ڇيڪو (ڍاٽڪي)- ٽڪڙو

ڇيڪيرو (ڍاٽڪي)- اجانوڏيڪ ٽڪڙو

ڌُبو - پٽن جي وچ ۾ مٿاهين زمين جو ٽڪر جتي پاڻيٰ بہ بيهي

ڌَڙيو - واريءَ جو ننڍڙو دڙو

ڌُڪاڻ - مهمانن لاءِ ڏار چونرو يا ڪڙهہ

ڏوپ-ڪاٺ جو بند جنهن تي ويهي غسل ڪجي

ڏوري مل - چؤنري ۾ ڪم ايندڙ وڏي ڪاٺي

ڏانگڙو - اندلٺ

ڏڪرو - پٽ

ڏنيل - بيواه، وڌوا

ڏوٺيڙا - ٿر جا ماٺهو ڏٺ ڪاٺڻ وارا

ڏوجهہ ڏيڻ - ڪير گڏ ڪري ورهائڻ تہ جيئن مولا مينهن وسائي

ڏوريا – چونري جون نوڙيون

ڏونگهري – (ڍاٽڪي) بصر

ڏهر – ڍٽن جي وچ ۾ سنئين زمين

ڏهريَ – ڍٽن جي وچ ۾ ٿورو زمين جو ٽڪر جو ڪجهه سخت هجي.

ڏيڪرو – پٽ

ڏيڪري – ڌيءَ

ڍاپي – ڍين واري ٻني

ڍاڳو – ٻن ڍٽن جي وچ ۾ سوڙهي زمين جو تمام گهٽو وارياسو ٽڪر جتي هلڻ ۾ مشڪلات ٿئي.

ڍاٽ – وارياسو ملڪ

ڍاٽڪي – ڍٽ جي ٻولي

ڍاٽي – ڍٽ جو رهاڪو

ڍار – ڍٽ جي لاهي

ڍاٽي – (جمع ڍاٽيون) ٿئون وسايل ڳوٺ

ڍَٽ – وارياسو ملڪ

ڍرتاڻ – ڍٽ جي لاهي

ڍرڪاڻ – پٽ جي لاهي

ڍُومڻ – مٽيءَ جو اڌ گول پيالو، ماني، ڀاڄي، يا لسي رکڻ جو طباخ

رابڙبو – لسي، ٻاجهر ۽ ٿوگينسي مان ٺهيل ڀاڄي

راسو مينهن – آهستي وسندڙ مينهن

رائو – پٽرن جي سنهي پور

روهيراڙو – روهيڙي جي وڻن واري ٻني

ريڪر – نرم زمين

رٻل – ڳوٺن لڳ زمين جو سنئون ٽڪر جتي راند رهي سگهجي.

ساڪر – (ڍاٽڪي) مصري

سامروٽي – ٽر جي هڪ طبعي بناوت جو نالو

سانتٽو – بيواهہ، وڌوا

سپراتي – سگهڙ زال

سَر – تلاءُ

سُرٽي – چونري تي رکيل ۽ ڪنڌريل گاهہ

سرهاتو وهاڻ– بنا بدي بنا پئسي سگّہملڻ وارو وهاڻ

سڪالڙو– (ڍاٽڪي) بيمار

سَن – لوڻ جي پيدا ٿيڻ واري زمين

سورانگهي – اٺ تي ٻئي جنگهون هڪ پاسي ڪري ويهڻ

سُوڪر– پري کان ايندڙ برسات جو سوسات

سوڪيم – شاهوڪار

سومٿ – گند

سوئيڪو ڪنڊو – ڪنڊي جو وڻ جيڪو سو سالن کان مٿي جي

عمر جو هجي.

سيت – پپ جي پاڙ

صبوحڙي – صبح جي ماني

ڦدولي – (ڍاٽڪي) اجائي ڳالهہ

ڦرهيڙي – ڪوهہ مٿان ڪاٺ يا سيمينٽ جو چورس چوڪ

ڦگايو – (ڍاٽڪي) اڇلايو

ڦُلانتي – بيواهہ، وڌوا

ڦُلي – ڦوڳ جو ٻور

ڦُليا - اڪ جا گل

ڦوڳيسي - ڦوڳ جو ٻور

ڦوڳارو - ڦوڳ جي وڻن واري ٻني

ڪانو - سنئين ۽ سخت زمين

ڪانِي - سنئين ۽ سخت زمين

ڪاربنگ - هنداڻو

ڪاربون - چتيون

ڪُت - تر ۾ هڪ قسم جو مچر

ڪتا - ڦوڳ جي ڦل ۾ اندر سنها تاندورا

ڪَپرو - واريءَ جو ننڍڙو دڙو

ڪَپُوريو - ڪونر

ڪرسي - ڪنڊي جي ڪاري ڪاتي

ڪَرِهو - لانڍيءَ جي ويڪر وارو پاسو

ڪريون - هنداڻي جا ٻج

ڪڙچ - چونري جو گول دائرو

ڪڙسيو - پٽل جي لوٽي

ڪِڙو - ٻن ڪانين ۽ ڇڊن ڏاڪن وارو دروازو

ڪَڪڙيون - ٻيرين جا سائي رنگ جا ڪچا ٻير

ڪنٽيرا - ڪنڊن وارو ڪنڊي جو وڻ

ڪَننو - تر جي هڪ طبعي بناوت جو نالو

ڪُني - خيرات

ڪُوڪڙ - سڪل ٻيرون

ڪوڪلا - سڪل ڇيڙ

ڪونڊي - مٽي جو طباخ جنهن ۾ اٽو ڳوهجي

ڪَهنتو - ڪندو
ڪيڻ - (ڍاٽڪي) ڪيڏانهن
ڪاٽيو - لسي، ٻاجهر ۽ ڦوڳيسي مان ٺهيل ٻاجي
ڪائڙ - ٽر جو اتر وارو حصو
ڪتِي - لوئي
ڪَٽينگڻ - سنياڻ
ڪوڪا - ڪنڊيَ وڻ جون ڦڪل ڳاڙهيون سگريون
ڪيجڙ - ڪنڊي جو وڻ
ڪيجڙارو- ڪنڊي جي وڻن واري ٻني
ڳانوڙ - ٻٽ جي مٿاڇري تي هيٺاهون هنڌ جتان ماٺهو ۽ مال لنگهي
ڳياڏوٽي - ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ ترائي
ڳتڪا - نم جون ڦڪل نموريون
ڳڏهه چِڪو - ڍڀ ۽ ڪپ جون نوڙيون
ڳُرس - واريءَ ۾ پيرن جي اندر وڃڻ سان زمين ۾ ڪڏو ٿي پوڻ
ڳگهريون - ٻاجهرَ جو ڳڙ پيل مٺو ٻٽ
ڳوٽر - آڪهه، برادري
ڳوچر - مال جي چرڻ لاءِ زمين جو ٽڪر
ڳوچار - ٽڙڪول جي سامهون وارو پاسو، ٻٽن جو اهو پاسو جنهن تي ٽڙڪو نه پوي.
ڳوڏيا - اٺ جي گوڏن تي پرت پريل ڪپڙي جو ٽڪر
ڳوربند - اٺ جي سيني تي پرت پريل ڪپڙي جو ٽڪر
ڳوڙڏرو - ڪارونجهر جبل مان نڪرندڙ نئن
ڳوئر - ٻنين پاسي ٻه چار گهر
ڳيو - (ڍاٽڪي) ويو

ٻَارو – پٽ جو هنڌ جتان پاڻي وهي رستو ناهيو هجي
گهاڙُو – وڏو رستو
گهُرڙڪو – (ڍاٽڪي) سڪرات
لاسوڙ – بنا ڪنڊن ڪنڊي جو وڻ
لانجهہ – پٽ جو هيٺاهون هنڌ جتان لنگهہ هجي
لَڪ – پٽ جو اهو هنڌ جتان لنگهہ هجي
لوڏي – تيڙو
لوءِ – چونري جو اندريون پاسو
لهاڻ – پري کان ايندڙ ڪڪرن جي ڪاراڻ
لينجهہ – پٽ جي هيٺاهين هنڌ وارو مال ۽ ماڻهن جو لنگهہ
ماهيلِي – زال، گهر واري
مَٿاري – پٽ مٿان سڌي زمين جتان ماڻهو ۽ وهٽ هلي سگهن
مَجر – ڪنڊي جو ٻور
مُچ – پٽ جي چيڙي وارو هنڌ جتي اوچائي يڪدم ختم ٿئي
مَڙهو – ٻن پٽن جي وچ ۾ واريا‎سو ننڍو زمين جو ٽڪر
مَڪا – ڪٻڙن جو ميوو
مگرو – ويڪري مٿاهين مٿاچري سان زمين جو ٽڪر
مَنَدر – ٻہ پٽون ڪنڊ تي پاڻ ۾ گڏيل وارو هيٺاهون هنڌ
منڌهيڙو – ڇنو
موٽو – (ڍاٽڪي) وڏو
موٽيرو (ڍاٽڪي)– وڏيڪ وڏو
مورو – ويڪري مٿاهين مٿاچري سان زمين جو ٽڪر
مونگهڙو – دروازو
مهرات – شاديءَ کان اڳ واري هڪ رات

مهراڻو – ٽر جي هڪ طبعي بناوت جو نالو

مهنتر – مينگهواڙن جو پٽيل

ميڙهي – ماڙي

ميھ جا ماما– مينهن وساڙا

ناڪو – پٽ جي وچ ۾ هيٺاهون هنڌ جتان ماڻهو ۽ مال لنگهي

نرھ – ڪتن جي چيڙن جا تاندورا

نُک – خاندان جي شاخ

نوڻ – ٻن پٽن جي وچ ۾ ڊسڙ وارو مال جو لنگھ

نيپوجهر – نمر جو ٻور

نيڙڪو – (ڍاٽڪي) اجان ويجهو

نيڙو – (ڍاٽڪي) ويجهو

وانڍ – هڪ معمولي ڀونگو

وانٺر – برسات کان اڳ لڳندڙ طوفان

وٽ – ٽر جي هڪ طبعي بناوت جو نالو

وچاڻا – وچائڻ لاءِ ڪپڙو

وسناڻ – گاھ جا ٻج پاڻيءَ ۾ پسائي اکري ۾ چڙڻ

ونگو – ٽر جي هڪ طبعي بناوت جو نالو

ويريون – ٽانگها ڪوھ

ويڙهو – لوڙهي اندر مال جو واڙو

ويٺر – ٻن پٽن جي وچ ۾ سوڙهي زمين جو ٽڪر

هاڏو – ڪانءُ

هَتو – (ڍاٽڪي) هيو، هو

هُون – (ڍاٽڪي) آءٌ ، مان

هيڪل گوديون – وڻ وانگر ٽڙ سان چاريون

# ضميمو "ب"

## (١) ڍاٽڪي يا ٿاريلي محاورو - ٿرپارڪر ضلعي مان:

آج اويلا ڪيون آويا ڪهڙو مجهه مين ڪام،
ٿانرو مهنتو گهر ناهين آئي سگٽيرو سام.
شهر اُجين هون قريو محلي آويو آج،
تاس اويلو آويو توج ٻالاوڻ ڪج،
چندر گيو گهر اپٽي راجا تو پيي گهر جا،
مين اٻلاسي سي ڪينو ٻلاٿو تون ڪيهر هون گا.
ڪيهر ڪوالي ٻڪي چالي ٻڪي ناهر،
جوڪو لاگسي جند نين لاڪون ڪرين ٻچار.
ايو شينهه پچاٿا هيڪل گر اپيهه،
گهر اُندران را ڊونڊي تو تان شرم نه آوي شينهه.
سج سهيچي سينگار، راجا ڪري پڪار،
جوڪم لاڳسي جيانين لاڪون ڪري ٻچار.
ٻاٻري ڏجي ڪيتر نان ٻاري ڪيت نان ڪائي،
راجا ڏٺڏي رعايت نان جڻ ري ڪوڪ ڪٽي لاڳ جائي.
ڪوڪ مت ڪر ري سهيچي، ڪوڪ ڪائينڪي هوءِ،
ڪيهر ڪي مک ٻڪري چوٽي سٽي نه ڪوءِ.
آئي ڏيان آپ ري آئي مت لوپو آپ،
هون ڪوالي تون برهمڻ هون ٻيتي تون باپ.

**(۲) ٿاريلي يا ڍاٽڪي نمونو، جيسلمير رياست مان ورتل:**

هيڪ ماڙهوءَ کي ٻہ پٽر ها. هنن منجها ننڍي پٽر ابا کي چيو ”اي ابا مال منجها مهجو ڀاڱو هو سو مي کي ڏي. تڏهن هن هنن کي پهجي موراگ پراهي ڏنهي. گهڻ ڏينهہ نہ ٿيا تہ ننڍو پٽر سڀ گڏ ڪري اگهئين ڏيهہ هليو گيو، اٿون اوٿي لُچائيءَ منجهہ پنهنجو ڌن وڃائي ڏنو. جڏهن سڀ وڃائي چڪو تڏهن انهي ڏيهہ مين ڏاڍو ڏڪر پيو، آٿون هن کي تنگچائي ٿيڻ لڳي تڏهن هو هُني ملڪ جي هڪ ماڙهوءَ وٽ ٽڪيو جهن هن کي پهجن کيترن منجهہ ميرو (مرون) چرڻ کي مڪو، آٿون اهو جي چل ميرو کائيندا ها تهہ سان پاڻ جو پيٽ پرڻ چاوندو هو سي پاڻ هن کي ڪوئي ڪيئن ڏيندو هو. تڏهن هن کي عقل آيو، آٿون چوڻ لڳو تہ منهجي پيءُ جي پورهتن کي ڪاوڻ ڪان وڌندي ماني ٿيندي، آٿون آءٌ بک ٿو مران، آءٌ اٿي پهجي پي وٽ ويندس آٿون هن کي چوندس ”ابا مهي الله جو آٿون تهجو گناهہ ڪيو آهي هاڻي تهجو پٽر چوڻ لائق ڪين آهيان، موکي تهجن پورهيتن منجهہ هڪ جيڙو ڪر ”پوءِ اهو اٿي پيءُ ڏي گيو پر اهو ارگوج هو تہ هن کي پيءُ ڏٺو آٿون رحم ڪري درڪي ڀاڪر وجهي گڏيو، آٿون مني ڏنائين ........“

# ضميمو ”ج“

## شاهہ جي رسالي ۾ سر ڍول مارو جا بيت ۽ وائي

## (بيت)

(١)

اُتر واءُ ڪِوندي، پَهلي موسم ميه
ٻالاپڻ رونيه، واليا جِسمَ وساريين.

(٢)

اُتر ڏيسان اوٺيان، ڏکڻ ساوٽيان
ڍولو نرورَ سپريين، ڏُن پکر ڪڙيان
پڇو ڪُنجڙيان، ڪوڻ هياري سڄڻين.

(٣)

ڍاڍي جي ڍول ملي، تہ ڍولا نون ڪَهيج
ڪَرسَڻ پکو، ڪڻ چڙيو لائو آپ ڪريج.

(۴)

ڍاڍي جي ڍول مِلي، تہ ڪهڙي سنئين لَج
اکيان ڪاجل موهيان، تلڪ ڪي پَر پکج
پہ پہ پند پَهوري، اوسَٽ لنگ.

(۵)

ڍولا، مارئي آيسي پاتلي، سيپ پَري انڪاءِ
ناءِ نجيري سڪتو، مت لکَ ڪَر ڪي جاءِ.

(٦)

اڪ بٹائي پاتلي، ڏوہو ڏاچ نہ کاءِ

ڪنور جيسي ڪامٽي رک، هٿ لڳي مرجاءِ.

(٧)

ڏينهن تک مُنار گهر، تسڪَر جِئيي تَڪَ
سِرڪي سَو نيرو، ماري پاسي لَڪَ.

(٨)

متون ڏوئي ميٺ، اپي سورج سامهون
تاس نہ پيئي پيٿ، هيمر ورني مارئي.

(٩)

رَمر هُو نسنگ، رمر ارور پاسي ڪَٿ
گوشي تري ڪماڻ جي، ڪبئو نہ ٿونٽي لنڪ.

(١٠)

رمر هونسنگ رمر، ارسين ار لگاء
ڦلان پري تارڙي، پورا پڳي نہ جاءِ.

(١١)

أر سنگا، نه سپيا، ڏند تہ ٻَٽيه ٻاڻ
ڍول تماري مارئي، جيسا هنجهہ نياڻ.

(١٢)

أر سنگا، نه سپيا، نين تہ منجهو منجهہ
ڍول تمازي مارئي، هٽي ڪرندا هنجهہ.

(١٣)

ارسنگا، نہ سپيا، نين تهہ ونگت ونگ
ڍول تماري مارئي، هٽي ٻاڻ نهينگ
ماري مند نيسنگ، چاڙهي سيگ مُلڪ جِئن.

## وائي

(۱۴)

مٺن تو نکري، ساکه سنگ جائي ري
ٻي مون ۾ گڻ ايڪ نهين
ايڪ جٺن ڪوجهي، ڏوجهي صورت نهيــن
توسين لڳا مورا جي
شاه نجف ڪي نوبت لاڳي، ڀلي تڪورسين جائي ري
ٻي مون ۾ گڻ ايڪ نهين

(۱۵)

ساڄي تيان سيگڙي ورمل هاٿ ڪري
وڙهندي سير ويرين، ڪوڏ ڪنيان ڏي.

(۱٦)

آما پڪا جه آميـاُن وڻ پڪا وٽيا
کوري پڪي کول، جـــي رس وهي نينا.

(۱۷)

ڪونجان رات، ڪر برئو ارلي توليا بيس
سُتي ڍول سنيرئو، ارلي ڀڳي ايس.

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسُل وارا پَنَ به مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نه آهي.

ڪوشش اها هوندي ته پَنَ جا سڀ ڪم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي ته ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي به ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊجيٽائيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو به مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو ته ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو به لاڳاپو نه هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چانڊَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن کري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد کري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي **چوِ، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن ڪي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)